# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل

ايڪيهين صديءَ جو
جلد ڇهون- شمارو ٻيو
اپريل- جون 2013

چيف ايڊيٽر
**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر
**تاج جويو**

**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،**
**حيدرآباد، سنڌ**

سنڌي ٻولي
تحقيقي جرنل


| | |
|---|---|
| چيف ايڊيٽر: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ايڊيٽر: | تاج جويو |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ |
| گرافڪس: | اسدالله ڀٽو |
| جلد: | ڇهون |
| شمارو: | ٻيو |
| سال: | اپريل- جون 2013ع |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ: | پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد |
| ملهه: | 70 روپيا |

ISSN: 968_8194_01_0


ايڊيٽوريل بورڊ:
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نورالهديٰ شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❊ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❊ ڪرتري پريوگ، ڪرمڻي پريوگ ۽ ڀاوي پريوگ | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 7 |
| ❊ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري | ڊاڪٽر فهميده حسين | 31 |
| ❊ ديوان علي عہ ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو تقابلي اڀياس | تاج جويو | 46 |
| ❊ گجرات ۾ سنڌي ٻاراڻو ادب | هوندراج بلواڻي | 58 |
| ❊ ڪائو ڪڇ ۽ ڪڇهري | اسد جمال پلي | 80 |
| ❊ مشهور سياح هيملٽن جي نظر ۾ سنڌو/ سنڌ | اليگزنڊر هملٽن/ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 88 |
| ❊ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سنڌي صحافت لاءِ خدمتون | ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | 101 |
| ❊ مائيڪروسافٽ ونڊوز 8 ـ سنڌيءَ ۾ | شبير ڪنڀار | 119 |
| ❊ ٽالپرن جي دور ۾ قديم سنڌي لکت | صفدر حسين ميرزا | 135 |


## پنهنجي پاران

’سنڌي ٻولي‘ جرنل جو سال 2013ع جو ٻيو پرچو (اپريل ـ جون 2013ع) توهان جي هٿن ۾ آهي. اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ هر دفعي سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان نئون مواد ڏجي. اها روايت هن پرچي ۾ بہ برقرار رکي وئي آهي. هن شماري ۾ هند جي برک ليکڪ، اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جو سنڌي گرامر جي پريوڳن (ڪرتري، ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوڳن) بابت اهم تنقيدي مقالو بہ ڏنو ويو آهي. ان ڏس ۾ تنقيدي ويچارن جي آجيان ڪئي ويندي. اهڙيءَ ريت ”مشهور سياح هيملٽن جي نظر ۾ سنڌو ۽ سنڌ“ بہ هڪ اهم مضمون ترجمي جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي. ”گجرات ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب“ جي اشاعت بابت ٻارن جي ليکڪ هوندراج بلواڻيءَ اسان کي انتهائي اهم معلومات فراهم ڪئي آهي. ”مائيڪروسافٽ ونڊوز 8 ۾ سنڌي“، شبير ڪمار جو هڪ اهم سکيا ڏيندڙ مضمون بہ هن شماري ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن وسيلي ڪمپيوٽر ۾ سنڌيءَ جي انسٽاليشن سيکاري وئي آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ شبير ڪنڀار جهڙن قابل ڪمپيوٽر ڄاڻن کان ’سنڌي سکيا جا وڊيوز‘ تيار ڪرائي، سي ڊين جي صورت ۾ عام ڪجن، ڇوتہ سڄيءَ سنڌ ۾ ڪو اهڙو ادارو ڪونہ آهي، جتي ”سنڌي ڪمپيوٽنگ جي سکيا“ ڏني ويندي هجي. باقي مضمون پڻ شاهہ لطيف، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي حوالي سان معلومات ڏيندڙ آهن. سنڌ جي ليکڪن مان اڳتي بہ اميد آهي تہ اسان کي نئون ۽ معلوماتي مواد مهيا ڪندا رهندو. اسان جي ڪوشش آهي تہ هن جرنل کي وڌ ۾ وڌ بهتر بڻايون، جيئن پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ٿي سگهي.

هي پرچو پڌرو ٿيڻ وارو ئي هو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ناماري ليکڪا **سندري اتمچنداڻيءَ** جي لاڏاڻي جي خبر اچي پهتي، جيڪا يقيناً اسان سڀني لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. سنڌي ادب ۾ سندس اهميت ۽ حيثيت تمام مٿانهين آهي، جتي سندس لاڏاڻي سان مجموعي طور تي هند ۽ سنڌ جي ليکڪن کي ڌڪ پهتو آهي، اتي سنڌ جي ليکڪائن کي پنهنجي هن آدرشي ليکڪا جي وڇوڙي تي دلي صدمو پڻ پهتو آهي، جو هند ۾ پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتمچنداڻي ۽ ڪلاپرڪاش ۽ سنڌ ۾ ثميره زرين، ماهتاب محبوب ۽ خيرالنساء جعفريءَ جهڙين ليکڪائن مقدار توڙي معيار جي حساب سان بهترين ادب تخليق ڪيو آهي، جنهن سان هو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ حياتِ جاودان ماڻي چڪيون آهن. شال ڌڻي سائين، سندري اتمچنداڻيءَ کي سرڳ ۾ جاءِ ڏي ۽ اسان جي پيڙهه آشا چاند کي همت ۽ حوصلو بخشي، جيڪا پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي مشن کي اڳتي وڌائيندي سنڌي ٻوليءَ جي دل ۽ جان سان خدمت ڪري رهي آهي!

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيف ايڊيٽر

سنڌي گرامر جا مسئلا

## ڪرتري پريوگ، ڪرمڻي پريوگ ۽ ڀاوي پريوگ

(Active Voice, Passive Voice and Impersonal Voice)

- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر لکڻ جي شروعات اوڻويهين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري يورپي عالمن ڪئي. پرنسيپ ڀهريون يورپي عالم هو، جنهن بمبئيءَ ۾ رهندڙ ڪن سنڌي واپارين جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جو ابياس ڪري، انگريزيءَ ۾ سنڌي گرامر لکي، 1835ع ۾ شايع ڪرايو. ڪانئس پوءِ هڪ ٻئي يورپي عملدار واٽين بہ اِهائي واٽ ورتي. هن 1836ع ۾ سنڌي وياڪرڻ ۽ شبد ڀنڊار تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب شايع ڪيو. سن 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ جي حاڪمن ميرن کي شڪست ڏيئي، اُتي برطانيہ حڪومت جو پايو وڌو، تڏهن ڪن فوجي عملدارن سنڌ ۾ رهي، سنڌي ٻوليءَ جو ابياس ڪري، اُنهيءَ تي تحقيقي مقالا لکي شايع ڪرايا. اُنهن ۾ انگريزي فوج جو ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ٻين سڀني کان گوءِ کڻي ويو. هُن ڪن سنڌين جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جو ابياس ڪيو. پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري تيار ڪري، بمبئي سرڪار جي مدد سان اُهي 1849ع ۾ شايع ڪرايائين. اِنهن ڪتابن سان گڏ هو سنڌي- انگريزي ڊڪشنري پڻ تيار ڪندو رهيو. اِها ڊڪشنري بہ ڇپائيءَ هيٺ هئي تہ 1853ع ۾ هن جي وفات ٿي ويئي. پوءِ سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر ايلس اڌ ۾ رهيل اِنهيءَ ڪم کي پورو ڪرائي، بمبئي سرڪار طرفان اِها ڊڪشنري 1855ع ۾ شايع ڪرائي. اِنهن ٽنهي ڪتابن ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لکاوٽ ڪتب آندي هئي. هن جو

مقصد هو تہ سنڌ ۾ سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيل سڀ يورپي عملدار ديوناگري لپيءَ کان اڳ ۾ ئي واقف آهن. اِنهيءَ ڪري اِنهيءَ لپيءَ ذريعي هو سنڌي ٻولي جلد ئي سکي سگهندا. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جا اِهي ٽيئي ڪتاب گهڻي عرصي کان وٺي ناياب هئا. شاباس آهي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ کي، جنهن اِهي ڪتاب هٿ ڪري، ديوناگريءَ سان گڏ عربي- سنڌي لکاوٽ بہ شامل ڪري، ٻيهر شايع ڪيا آهن.

ارنيسٽ ٽرمپ ٻهريون جرمن عالم هو جنهن 1872ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو تاريخي گرامر شايع ڪيو. اُنهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر سان گڏ، اُنهيءَ جي ٻين هند- آريائي ٻولين سان ڀيٽ بہ ڪيل آهي. اُنهيءَ ئي دؤر ۾ جان بيمس جو ٽن ڀاڱن ۾ (1872-1879) ”ڪمپئريٽو گرامر آف ماڊرن آرين لئنگئيجز آف انڊيا“ نالي ڪتاب شايع ٿيو، جنهن ۾ هندي، پنجابي، سنڌي، گجراتي، مراٺي، اوڙيا ۽ بنگالي ٻولين جي تاريخي اوسر سان گڏ ڀيٽ ڪيل آهي. اِهي ٻئي ڪتاب بہ وري شايع ڪيا ويا آهن.

1853ع ۾ جڏهن انگريز سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي سرشتي ۾ شامل ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪتب ايندڙ عربي- سنڌي لکاوٽ کي معياري ۽ هڪ- سريکو روپ عطا ڪيو، تڏهن سنڌي درسي ڪتابن کي تيار ڪرائي، شايع ڪرڻ جي بہ شروعات ڪئي ويئي.

اِنهيءَ سلسلي ۾ سنڌي عالمن بہ سنڌي ٻوليءَ جا وياڪرڻ لکيا. اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، جهٽمل نارومل وسڻاڻي، ڪشنچند گلاب سنگهہ گدواڻي ۽ ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي، ميرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي مکيہ سنڌي عالم هئا، جن جا لکيل سنڌي وياڪرڻ مُلڪ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ درسي ڪتابن طور مقرر ڪيل هئا.

1947ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ سنڌ توڙي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻيئي وياڪرڻ شايع ٿيا آهن. هِن ڏس ۾ مکيہ نئين ڳالهہ اِها ٿي آهي تہ ڪن سنڌي عالمن جديد لسانيات جي اُصولن جو اڀياس ڪري، اُنهيءَ جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي رچنا وغيره موضوعن تي نئين سِري سان سوچڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي. اهڙن عالمن جي صف ۾ منهنجي دوست ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نالو پهرئين نمبر تي آهي، سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ موضوعن تي هن جا سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ ڊزن کن تحقيقي ڪتاب شايع ٿيا آهن. تازو سندس لکيل ”سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر“ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ حيدرآباد سنڌ مان 2010ع ۾ شايع ڪيو آهي. مون کي اِنهيءَ ڪتاب ڏسڻ جو موقعو 2012ع ۾ مليو سگهيو. ’نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج‘ طرفان دهليءَ ۾ اِنڊو- پاڪ اِنٽرنئشنل ڪانفرنس رکيل هئي، جنهن ۾ سنڌ جا بہ ڪجهہ عالم شريڪ ٿيا هئا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڀاءُ انور فگار هڪڙي انهيءَ ڪتاب جي هڪ ڪاپي ڀاءُ شوڪت شوري هٿان موڪلي هئي. لک ٿورا ڀيڻ ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ڀاءُ تاج جويي جا، جن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ارنيسٽ ٽرمپ جي ڪتابن جا پنهنجي اداري طرفان شايع ڪيل ايڊيشن بہ سوکڙيءَ طور عنايت ڪيا. ڪتابن ملڻ شرط ئي اُنهن جو مطالعو شروع ڪيم.

’سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر‘ لاشڪ هڪ عمدي رچنا آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڀيهڪ تي جديد لسانيات جي اُصولن موجب نئين سِري سان ويچار ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر الانا اِنهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ تي ٻين عالمن جي شايع ٿيل ڪتابن ۽ مقالن وغيره تي بہ گهڻن ئي هنڌن تي ٽيڪاٽپڻي ۽ تنقيد ڪئي آهي. ڊاڪٽر الانا جو لکيل هيءُ ڪتاب مون بہ ٽي دفعا ڌيان سان پڙهيو. گهڻن ئي هنڌن تي من ۾ شڪ شبها ۽ نوان سوال پيدا ٿيا. مان پنهنجا ويچار ڪتاب جي حاشيي ۾ جدا جدا صفحن تي درج ڪندو ويس. پنهنجي عزيز دوست ڊاڪٽر الانا سان سنڌ ۾ توڙي ڀارت ۾ ٽي چار دفعا روبرو ملاقاتون ٿيون، پر ڪڏهن بہ اهڙو

موقعو ملي نہ سگهيو آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي رچنا بابت، اُنهيءَ جي تاريخي اوسر جي باري ۾ پاڻ ۾ گڏجي، جدا جدا مسئلن تي تفصيلوار ويچارن جي ڏي- وٺ ڪري سگهون. سنڌي گرامر جا اهڙا گهڻيئي مسئلا آهن، جن تي ٻيهر سوچڻ جي گهڻي ضرورت آهي. هن مضمون جي محدود دائري ۾ مان فقط سنڌي فعلن جي پريوگن جي باري ۾ پنهنجا ويچار رکڻ ٿو چاهيان.

**ڪرتري پريويوگ (Active Voice)، ڪرمڻي پريوگ (Passive Voice) ۽ ڀاوي پريوگ (Impersonal Voice)**

ڊاڪٽر غلام علي الانا 'سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر' ڪتاب جي باب ٻارهين ۾ اِنهيءَ موضوع تي بحث ڪيو آهي، جنهن جو سِرو آهي 'فعلن جون معروضي ۽ مجهولي صورتون/ فعلن جا پريوگ' (ص 208 کان 228 تائين). هن باب ۾ گهڻن ئي هنڌن تي اڳ ۾ شايع ٿيل سنڌي وياڪرڻ جي ڪتابن مان گهربل هنڌن تي حوالا بہ ڏنا ويا آهن. هتي اُنهن تي ويچار ڪرڻ کان اول مان اِنهيءَ موضوع تي پنهنجا ويچار رکان ٿو.

**پريوگ:** هيءَ سنسڪرت ڀاشا جو لفظ آهي، جنهن جون ڪجهه معنائون آهن: استعمال (Usage)، سَنبنڌ يا لاڳاپو (Relationship) ۽ روپ يا صورت (Form). وياڪرڻ جي حوالي ۾ هتي 'پريوگ' لفظ جو مطلب آهي، ڪنهن جملي ۾ ڪِريا (فعل :Verb)، جو اُنهيءَ جملي جي ڪرتا (فاعل :Subject) يا ڪرم (مفعول :Object) سان سنبنڌ يا لاڳاپو (Relationship). اِنهيءَ سنبنڌ جا ٽي قسم آهن، جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي پريوگ آهن:

**(1) ڪرتري پريوگ (فاعلي نسبت يا موافقت Active Voice)**

جنهن جملي ۾ ڪِريا (فعل)، ڪرتا (فاعل) جو ضمير (Person) عدد (Number) ۽ جنس (Gender) موجب ڦرندو آهي يعني صورت اختيار ڪندو آهي، اُنهيءَ جملي کي ڪرتري پريوگ ۽ اُنهيءَ ڪِريا (فعل) کي ڪرتري پريوگ ۾ چئبو آهي.

مان ڪتاب پڙهان ٿو- تون ڪتاب پڙهين ٿو. (ضمير)
ڇوڪرو ڪتاب پڙهندو- ڇوڪرا ڪتاب پڙهندا. (عدد)
ڇوڪري ڪتاب پڙهندي- ڇوڪريون ڪتاب پڙهنديون. (جنس)

**(2) ڪرمڻي پريوگ (مفعولي نسبت يا موافقت Passive voice)**

جنهن جملي ۾ ڪريا (فعل)، ڪرم (مفعول) جي ضمير، عدد ۽ جنس موجب ڦرندو آهي يعني صورت اختيار ڪندو آهي، اُنهيءَ جملي کي ڪرمڻي پريوگ ۽ اُنهيءَ ڪِريا (فعل) کي ڪرمڻي پريوگ ۾ چئبو آهي.

مون خطُ لکيو- مون خطَ لکيا. (مذڪر واحد ۽ جمع)
مون چٺي لکي- مون چٺيون لکيون. (مونث واحد ۽ جمع)

**(3) ڀاوي پريوگ (نِرالي نسبت يا موافقت Impersonal Voice)**

جنهن جملي ۾ ڪريا (فعل) جو لاڳاپو نڪو جملي جي ڪرتا (فاعل) سان نڪو ڪرم (مفعول) سان هوندو آهي، يعني ٻنهي کان نرالو هوندو آهي، اُنهيءَ جملن کي ڀاوي پريوگ ۽ اُنهيءَ ڪريا (فعل) کي ڀاوي پريوگ ۾ چئبو آهي. اهڙن جملن ۾ ڪريا (فعل) هميشه ضمير غائب، عدد واحد ۽ جنس مذڪر (III Person, Singular, Masculine) ۾ هوندو آهي. هتي فقط ڪريا (فعل) جي ذريعي ظاهر ٿيندڙ مطلب يا ڀاوَ ئي مکيہ هوندو آهي. جيئن تہ:

سُڀاڻي ڪراچيءَ وڃبو.
سويل سُمجهي، سويل اُٿجي.
اَڄ صبوح جو گهمڻ هلبو؟
گهڻو ڊوڙبو تہ ٿڪ ٿيندو.
هاڻي هتي وڌيڪ نہ ترسجي تہ بهتر.

نوٽ: هيءَ پريوگ گهڻو ڪري فعل لازمي (Intransitive verb) جي صورت وارو هوندو آهي. جن زمانن ۾ فعل جنس جو فرق نہ ڏيکاريندو آهي (جيئن زمان مضارع)، اُتي اُهو فعل ضمير غائب، عدد واحد واري صورت ۾

هوندو آهي. (جيئن اُٿجي، سُمجهي، ترسجي). هن قسم جي لازمي فعل کي اُڪر ترڪ (يعني جنهن کي ڪرتا (فاعل) نہ آهي) يا 'فعل بي فاعل' پڻ سڏيندا آهن.

**پريوگ جي تاريخي اوسر:**

ڀارت- پاڪ اُپکنڊ جي سڀني آڳاٽين ٻولين ۾ ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوگ وارن فعلن ڪتب آڻڻ جو گهڻو رواج آهي. سنسڪرت ۾ اِنهيءَ قسم جا فعل ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ يا بنياد ۾ / - يہ- / پڇاڙي لڳائي ويندي آهي، جنهن جي پٺيان پوءِ ضمير ۽ عدد ڏيکاريندڙ پڇاڙي لڳائبي آهي. سنسڪرت ۾ فعل مذڪر، مونث ۽ ٻي جا جنس جو فرق نہ ڏيکاريندو آهي، يعني ٽنهي جنسن ۾ اُنهيءَ جو ساڳيو روپ هوندو آهي. متعدي فعل (Transitive verb) جي ڌاتوءَ مان ڀاوي پريوگ جو فعل ٺهندو آهي.

لِکيَتي (لِکہ+ يَہ+ تي) لِکجي (ڪرمڻي پريوگ)

پَٺيَتي (پَٺ+ يَہ+ تي) پڙهجي (ڪرمڻي پريوگ)

چَليتي (چَل+ يَہ+ تي) هلجي (ڀاوي پريوگ)

نِرتيتي (نِرت+ يَہ+ تي) نَچجي (ڀاوي پريوگ)

فعلن جي رچنا جو اِهو نمونو پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرنش ٻولين تائين قائم هو. اِنهن ٻولين ۾ / -يَہ- / جو اُچار بدلجي /-ج-/ يا /-اِج-/ٿي ويو. ڏهين عيسوي صديءَ جي آس پاس جڏهن هاڻوڪين هند- آريائي ٻولين اَپڀرنش کان بدلجي، پنهنجيون پنهنجيون نراليون علائقائي خاصيتون ظاهر ڪيون، تڏهن گهڻين ٻولين فعل جي رچنا جو اِهو صرفي بناوت (Morphological structure) وارو طريقو ڇڏي، نحوي بناوت (Syntactical structure) واري واٽ اختيار ڪئي. اُنهيءَ ۾ فعل جي اسم مفعول (Past Participle) واري صورت پٺيان 'جانا' (to go) فعل جو گهربل زمان وارو روپ گڏي، ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوگ جا فعل ٺاهيا ويا. جيئن تہ هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ هي فعل ڏسو:

لِکا جائي، پڙها جائي، چَلا جائي، ناچا جائي.

لکا جاتا هئہ، لکا جا رها هئہ، لکا جاتا هوگا، لکا جا رها هوگا،

لکا جائيگا، لکي جائيگي، لکي جا رهي هوگي؛ لکا گيا، لکا گيا هئہ،

لکا گيا ٿا، لکي گئي هئہ؛ لکي گئِي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت اِها آهي تہ اُنهيءَ فعل جي اِها نحوي بناوت اختيار ڪرڻ سان گڏوگڏ، فعل جي رچنا جو جهونو صرفي بناوت وارو طريقو بہ پاڻ وٽ سنڀالي رکيو آهي. سنڌيءَ جي نحوي بناوت واري ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوگ جي فعل ۾ مکيہ فعل جي اسم مفعول واري صورت پٺيان 'وڃڻ' (جانا to go) فعل جو گهربل زمان وارو روپ ڪتب آڻبو آهي. ٻئي طرف، صرفي بناوت واري فعل ۾ ڌاتوءَ پٺيان/-ج-/يا/-اج-/پڇاڙي گڏبي آهي، جيڪا ڪرمڻي يا ڀاوي پريوگ ڏيکاريندڙ پڇاڙي آهي. مثال طور:

**ڪرمڻي پريوگ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| مار | مان مارجان ٿو | مان ماريو وَڃان ٿو | |
| پڪڙ | مان پڪڙيس | مان پڪڙيو وِيس | (مذڪر) |
| | مان پڪڙيَس | مان پڪڙي وِيَس | (مونث) |
| | مان پڪڙجان ها | مان پڪڙيو وڃان ها | |
| مار | مان مارِيُس | مان ماريو ويندُس | (مذڪر) |
| | مان مارِيَس | مان ماري ويندَس/ | (مونث) |

**پاوي پريوگ:**

پينگهي ۾ لُڏجي ٿو- پينگهي ۾ لُڏيو وڃي ٿو.

گهڻو ٻيهبو ته ٿڪ ٿيندو.

هاڻي مون کان وڌيڪ ٻينو نٿو وڃي.

اڳتي هلي ترسجي، تنهن کان بهتر آهي ته گڏ هلجي.

هاڻي ايترو ته ٿڪجي پيو آهيان، جو وڌيڪ هليو نٿو وڃي.

ڪيئن آهين؟ مِڙيئي جيئجي پيو.

جڏهن حاڪم ٿبو تڏهن اِنصاف ڪبو.

سياري ۾ ڏڪجي ٿو ۽ اونهاري ۾ سڙجي ٿو.

مون کان اَڌ رات تائين جاڳيو نٿو وڃي.

**نوٽ:** هن قسم جي جملن ۾ فقط فعل لازمي مجهول ڪتب ايندو آهي، جيڪو ضمير غائب، عدد واحد ۾ هوندو آهي. فعل متعدي ۽ فعل لازمي جي وچ ۾ فرق سڃاڻڻ جو آسان طريقو اِهو آهي ته اُنهن کي زمان ماضي ضمير متڪلم (First Person) ۾ ڪتب آڻي ڏسو. فعل لازميءَ جو فاعل، حالت فاعليءَ ۾ ڪتب ايندو آهي، ٻئي طرف فعل متعديءَ جو فاعل، حالت عام (oblique or formative case) ۾ هوندو آهي. جيئن ته:

فعل لازمي- مان هليُس، مان ڊوڙيُس، مان ٻيٺَس، مان ڪريَس.

فعل متعدي- مون لکيو مون خطُ لکيو مون خطَ لکيا. (مفعول مذڪر)

مون چٺي لکي، مون چٺيون لکيون. (مفعول مونث)

هتي فعل مفعول جي ضمير، عدد ۽ جنس موجب ڦري ٿو. اِن طرح فعل متعديءَ جا زمان ماضيءَ ۾ فقط چار روپ آهن: مذڪر واحد، مذڪر جمع، مونث واحد ۽ مونث جمع. اِن ۾ شڪ نه آهي ته اُتر سنڌ وارن جي سريلي اُپڀاشا ۾ اهڙن جملن ۾ پڻ فاعل کي حالت فاعلي (Nominative case) ۾ ڪتب آڻڻ جي ريت آهي. جيئن ته مان چيو مان لکيو ٻئي طرف، وچولي سنڌي جيڪا معياري ۽ ادبي اُپڀاشا آهي، اُن ۾ 'مون'، 'تو'، 'هُن' وغيره روپ فاعل طور، اسم مفعول مان ٺهيل متعدي فعل سان ڪم آڻبا آهن. اسم خاص پڻ اهڙن فعلن سان حالت عام ۾ ڪتب آڻبو آهي. جيئن ته:

رامُ هليو. رامُ ڊوڙيو. (فعل لازمي)

رامَ چيو. رامَ لکيو. (فعل متعدي)

**پريوگن ۾ جملن جا الڳ الڳ نمونا:**

**ڪرتري پريوگ:** ڪرتري پريوگ ۾ فعل هميشه معروف صورت وارو هوندو آهي، جنهن جو لاڳاپو جملي جي ڪرتا (فاعل) سان هوندو آهي. ڪرتا جملي ۾ ظاهر يا ڳجهو موجود هوندو آهي. جيئن ته:

مان وڃان ٿو يا وڃان ٿو.

تون پڙهه يا پڙهُ.

جڏهن فاعل ڳجهو آهي ته پوءِ اُهو فعل جي صورت مان ئي ظاهر ٿيندو آهي.

**ڪرمڻي پريوگ:** هن ۾ گهڻو ڪري هيٺين قسمن جا جملا هوندا آهن:

(1) اسم مفعول (Past Passive Participle) مان ٺهيل زمانن ۾ متعدي فعل هميشه ڪرمڻي پريوگ ۾ هوندا آهن:

(مون، تو هُن، اَسان، توهان، هُنن) خطُ لکيو (مفعول مذڪر واحد)

(مون، تو هُن، اَسان، توهان، هُنن) خطَ لکيا. (مفعول مذڪر جمع)

(مون، تو هُن، اَسان، توهان، هُنن) چٺي لکي. (مفعول مونث واحد)

چٺيون لکيون. (مفعول مونث جمع)

هتي مفعول موجب فعل جا فقط چار روپ ممڪن آهن.

(2) مان مارجان ٿو. اَسين مارجون ٿا.

گهوڙو مارجي ٿو. گهوڙا مارجن ٿا. گهوڙي مارجي ٿي.

هتي جيڪڏهن فاعل ڪتب آڻبو تہ اُهو حالت جريءَ ۾ هوندو.

جيئن:

<u>دشمنن کان</u> گهوڙا مارجن ٿا. آسين <u>پوليس هٿان</u> مارجون ٿا.

(هتي فعل متعدي مجهول آهي- مارجڻ.)

(3) مان پڪڙيس. آسين پڪڙياسين. تون پڪڙئين. توهين پڪڙيا.
هو پڪڙيو. هو پڪڙيا. (فعل پڪڙجڻ- متعدي مجهول)

مان پڪڙبس- آسين پڪڙباسين. تون پڪڙبين. توهين پڪڙبا.
هو پڪڙبو. هو پڪڙبا. (فعل پڪڙجڻ. زمان مستقبل)
هو (پوليس هٿان/ کان) پڪڙبو.

(4) مون کي <u>خطُ</u> <u>لکڻو آهي</u>. مون کي <u>خطَ</u> <u>لکڻا آهن</u>.
مون کي <u>چٺي</u> <u>لکڻي آهي</u>. مون کي <u>چٺيون</u> <u>لکڻيون آهن</u>.
(مفعول جي عدد ۽ جنس موجب فعل جا چار روپ آهن.)

(5) خطُ لکيُم. خطَ لکيَم. چٺي لکيَم. چٺيون لکيَم.
خط لکئو آٿم. چٺي لکڻي آٿم. چٺيون لکڻيون آٿم.
(فعل سان ضمير متصل جو استعمال ڪيل آهي.)

(6) خط لکيو ويو خط لکيا ويا. چٺي لکي ويئي. چٺيون لکيون ويون.
چور پڪڙيو ويو آهي. چور پڪڙيا ويندا.
(مکيہ فعل سان مددگار فعل ’وڃڻ‘ جو استعمال)

<u>**ڀاوي پريوگ:**</u>

(1) <u>هلجي ٿو</u>. نچبو. پينگهہ ۾ لڏبو. (فعل لازمي مجهول)

(2) ڪمري ۾ ايتري گرمي آهي، جو هتي <u>سمهيو نٿو وڃي</u>.
اَج ايترو ٿڪجي پيو آهيان، جو <u>بيهو نٿو وڃي</u>.
(فعل لازمي مجهول سان مددگار فعل ’وَڃڻ‘ جو استعمال)

(3) مون کي اَج ڪراچيءَ <u>وڃڻو آهي</u>.
آسان کي اَج ڪراچيءَ <u>وڃڻو آهي</u>.

(فاعل جي پٺيان حرف جر ’کي‘ اَچڻ سان فعل لازمي مجهول جو قرڻ بند ٿي وڃي ٿو ۽ اُن جو سنبندُ فاعل سان ٽٽي پوي ٿو.)

(4) پوليس چور کي <u>پڪڙيو</u>. پوليس چورن کي <u>پڪڙيو</u>.
پوليس معرفت چورن کي <u>پڪڙيو ويو</u>.
(جڏهن فعل متعدي زمان ماضيءَ ۾ آهي ۽ مفعول پٺيان ’کي‘ حرف جر لڳل آهي، تڏهن فعل جو ڦرڻ بند ٿي وڃي ٿو.)

**نوٽ:** ڀاوي پريوگ ۾ فعل هميشه ضمير غائب ۽ عدد واحد واري صورت ۾ هوندو آهي. جنهن زمان ۾ فعل جنس جو فرق ڏيکاري ٿو اُتي ڀاوي پريوگ ۾ اُهو فعل هميشه جنس مذڪر ۾ هوندو آهي.

<u>**ڊاڪٽر الانا جي ڪن سمجهاڻين تي منهنجا ويچار:**</u>

ڊاڪٽر الانا لکيو آهي:

(1) زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول توڙي فعل متعدي مجهول جي <u>علامت</u> <u>’ويو‘</u> آهي، جيڪا فعل جي پٺيان ملائي ويندي آهي. اِهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ زمان ماضيءَ جي ڦيري لاءِ، فعل مجهول جي علامت پٺيان، فعل سان ضميري پڇاڙيون بہ ملايون ويندڀون آهن“. مثال- ماريو ويس، ماريا وياسين، وغيره. (ص 212-213)

”فعل جي زمان ماضيءَ واريءَ نشانيءَ ’وهہ‘ جو زمان مستقبل ۾ ڦيرو“ ويندس، ويندسين وغيره (ص 214). (هتي ’وهہ‘ شايد ڇاپي جي غلطي آهي، جيڪا ’وڃ‘ ٿيڻ گهرجي.)

منهنجي ويچار ۾ ’ويو‘ لفظ کي علامت يا نشاني سڏڻ درست نہ آهي. مجهول فعل جون نشانيون/-ج-/، /-اِج-/آهن. جيڪي فعل جي ڌاتوءَ يا بنياد ۾ لڳائي، پوءِ اُن پٺيان ضميري پڇاڙيون جوڙجن ٿيون. نشاني يا علامت يا بند صورت هوندي آهي. جيڪا فعل جي بنياد ۾ لڳائجي ٿي. ٻئي طرف ’ويو‘ فعل معاون يا مددگار فعل آهي. جيڪو ڪرمڻي يا ڀاوي پريوگ جي فعل جي نحوي رچنا (Syntactical Construction) جو هڪ حصو آهي. اِن

رچنا ۾ ٻيا ٻہ لفظ مکيہ فعل ۽ مددگار فعل جي وچ ۾ ڪتب اچي سگهن ٿا. جيئن تہ:

ماريوئي ڪونہ ويندو. ماريوئي نٿو وڃي. هن کي ماريوئي وڃي ها. جيڪڏهن اَسين ’ويو‘ کي نشاني مڃون تہ پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اِن جي بنيادي صورت ڪهڙي آهي؟ ڇا اِها فقط /و_/ آهي، جنهن ۾ زمان ڏيکاريندڙ پڇاڙيون گڏجن ٿيون. ’ويو‘ کي ’وڃ_‘ ڌاتوءَ مان ٺهيل مددگار فعل جو روپ مڃڻ ئي درست آهي، جيئن هندي ۽ اُردو ٻولين ۾ ’جا‘ ڌاتوءَ جي مدد سان ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوگ وارا فعل ٺاهجن ٿا. ’وڃڻ‘ ۽ ’جانا‘ فعلن جي معنيٰ ٻہ ساڳي آهي. هنديءَ ۾ بہ ’جانا‘ کي مددگار فعل لکيو وڃي ٿو.

انگريزيءَ ۾ بہ اسم مفعول يعني Past Participle اڳيان فعل ‘Be’ (هئڻ) جا جدا جدا روپ گڏجي Passive verb جا جدا جدا زمان ٺاهبا آهن. انگريزيءَ ۾ مددگار فعل کي ‘Auiliary verb’ چئبو آهي، جنهن جي سمجهاڻي هن ريت آهي:

“The verbs ‘be’ (am, is, was, etc.), ‘have’ and ‘do’, when used with ordinary verbs to make tenses, passive forms, questions and negatives, are called auxiliary verbs or auiliaries.”

(Auxiliary= Helping). Wren & Martin, English Grammar and Composition, revised edition, 2010 Delhi., p.90. for example,

The peon opened the gate- The gate was opened by the peon.

Sita loves Savitri.- Savitri is loved by Sita.

سنڌي وياڪرڻ ۾، واحد بخش شيخ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو“ (ڀاڱو پهريون) ۾ صفحي 370 تي فعل متعدي مجهول جي اِها رچنا سمجهائي آهي:

”اُهو فعل متعدي، جنهن جو فاعل ڄاڻايل نہ هجي ۽ اُن جو مفعول فاعل جو قائم مقام هجي، تنهن کي فعل متعدي مجهول چئبو آهي. مجهول جي معنيٰ آهي ’اَڻڄاتل‘. مثلاً:

1_ ڪائنات کي مقرر عرصي لاءِ خلقيو ويو آهي.

2_ مغرور اِنسان کي دوزخ جي باهہ ۾ وڌو ويندو.

3_ زمين هَر سان کيڙبي آهي.

اڳتي هو لکي ٿو:

”اسم مفعول جي پنيان ’وڃڻ‘ مصدر جو گهربل صيغو جنس ۽ عدد مطابق آڻڻ سان متعدي مجهول ٺهندو آهي. مثلاً:

پڙهيو وڃي ٿو_ پڙهيا وڃن ٿا. (مذڪر)

پڙهي وڃي ٿي_ پڙهيون وڃن ٿيون. (مونث)“

ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي لکيل سنڌي گرامر جي صفحن 258 کان 260 ۾ ۽ جان بيمس پنهنجي ڪتاب ”ڪمپيريٽوِ گرامر آف ماڊرن آرين لئنگئيجز آف انڊيا“ جي ٽئين ڀاڱي ۾، صفحن 71 کان 75 ۾ سنڌي ٻوليءَ جي فعل متعدي مجهول جي صرفي ۽ نحوي رچنائن تي بحث ڪيو آهي. اُهي ٻئي ’ويو‘ کي ’وڃڻ‘ مصدر مان ٺهيل فعل جو هڪ روپ ليکين ٿا. اُنهيءَ کي مجهول جي هڪ نشاني يا علامت نٿا سڏين. اِن ڪري ’ويو‘ کي متعدي مجهول فعل جي نحوي رچنا ۾ هڪ مددگار فعل ليکڻ ئي درست آهي، جيڪو مکيہ فعل پنيان اچي ٿو.

(2) مرزا قليچ بيگ، سنڌي وياڪرڻ جي ڀاڱي ٽئين ۾ ڪرتري پريوگ سمجهائيندي لکيو آهي، ”جڏهن ڪو فعل، ضمير، جنس ۽ عدد ۾ فاعل موجب ڦرندو آهي، تڏهن اُنهيءَ کي نسبت فاعلي يا ڪرتري پريوگ چوندا آهن. جيئن تہ: ڇوڪرُ ڊوڙي ٿو ڇوڪرَ ڊوڙن ٿا. ڇوڪري ڊوڙي ٿي، ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون. آءٌ ڊوڙان ٿو اَسين ڊوڙون ٿا. هوُ مارجي ٿو هُو مارجن ٿا. هوءَ مارجي ٿي، وغيره. اِهو پريوگ فقط فعل لازمي ۽ فعل متعدي مجهول سان لاڳو ٿو ٿئي.“ (سنڌي وياڪرڻ، ڇاپو 1960، صفحُ 174).

اِها ساڳي سمجهاڻي ڪشنچند گدواڻيءَ ۽ ڏيارام ميرچنداڻيءَ پنهنجي لکيل سنڌي وياڪرڻ ۾ صفحي 123 تي ڏني آهي. هنن مثال ڏنا

آهن. گھوڙو مارجي ويو. گھوڙا مارجي ويا. گھوڙو مارجي ويندو. گھوڙِي مارجي ويندي. آءٌ مارجان ٿو. هو مارجي ٿو.

منهنجي ويچار ۾ فعل متعدي مجهول وارن جملن کي ڪرتري پريوگ ليکڻ درست نہ آهي. ’گھوڙو مارجي ٿو‘ جملي ۾ ’مارجي ٿو‘ (فعل متعدي مجهول) معنيٰ جي خيال کان چٽيءَ طرح اِها حقيقت ڄاڻائي رهيو آهي تہ گھوڙو اَصل ۾ ’مفعول‘ آهي، جنهن تي ’مارجڻ‘ جو ڪم ٿئي ٿو. اُهو مفعول هن جملي ۾ فاعل طور ڪتب آيو آهي.

ڪرتري: (اصلوڪو جملو) سوارُ گھوڙو ماري ٿو. (مفعول)

ڪرمڻي: گھوڙو مارجي ٿو (سوار کان/ سوار هٿان) (فاعل)

اِن طرح ’پريوگ‘ جي سڃاڻڻ لاءِ فعل ذريعي حاصل ٿيندڙ معنيٰ کي ۽ فعل جي وياڪرڻي صورت کي بہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي. اِنهيءَ ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکندي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ صاف لفظن ۾ لکيو آهي، ”ڪرتري پريوگ اُهو آهي، جنهن ۾ فعل سدائين معروف صورت وارو آهي ۽ سدائين پنهنجي فاعل پٺاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو.“ (وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڇاپو ٻيون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1985ع، صفحو 171). اِهائي ڳالهہ هُن ’پريوگ‘ جي وصف ڏيندي پڻ چِٽيءَ طرح سمجھائي آهي، ”پريوگ مان اِها خبر پوي ٿي تہ فعل معروف صورت وارو آهي يا مجهول صورت وارو ۽ جنهن لفظ پٺاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو سو جملي جو فاعل آهي يا مفعول آهي.“ (صفحو 170).

(3) فعل لازمي مجهول (Intransitive passive) هميشه ضميرغائب، عدد واحد (III person singular) ۾ ڪتب ايندو آهي. جنهن زمان ۾ فعل جنس بہ ڏيکاريندو آهي، اُتي فعل هميشه مذڪر ۾ هوندو آهي. اِها حقيقت ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، اَرنيسٽ ٽرمپ، گريئرسن پڻ ڄاڻائي آهي. سنڌيءَ جي سيني گرامر لکندڙن بہ اِن حقيقت کي دُهرايو آهي. خبر نہ آهي تہ پوءِ ڊاڪٽر الانا لُڏڻ (فعل لازمي) جي مجهول صورت ’لُڏجي‘، ’لُڏبو‘ جا زمانن ۾ ٻيا روپ ڪيئن ڏنا آهن: لُڏجان، لڏجون، لڏجو، لُڏجي (صفحو 212)، لُڏيو ويجبو، لُڏجندو (صفحو 215).

مون ڪڏهن بہ ڪنهن سنڌيءَ واتان اِهي روپ نہ ٻُڌا آهن. فعل لازمي مجهول جا درست روپ فقط ضمير غائب، عدد واحد وارا آهن. جيئن تہ: لُڏجي، لُڏبو، ٻيهجي- ٻيهبو، هلجي- هلبو، نچجي- نچبو. (هتي جنس مونث روپ بہ نہ ٿيندا. جيئن تہ لُڏبي، ٻيهبي، هلبي، نچبي روپ درست نہ آهن).

(4) ڊاڪٽر اَلانا صفحي 217 تي فعل لازمي مجهول جا مذڪر جمع ۾ (لُڏجن ٿا، لڏجندو) ۽ مونث واحد توڙي جمع ۾ (لڏجي ٿِي، لڏجي ويئي، لڏجن ٿيون، لڏجي ويونيسن) جيڪي روپ ڏنا آهن، اُهي پڻ سنڌي وياڪرڻ جي قاعدي موجب درست نہ آهن.)

(5) ڊاڪٽر الانا 225 ۽ 226 صفحن تي پريوگ ڀاوي سمجھائيندي، مرزا قليچ بيگ ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي راين کي رد ڪندي لکي ٿو تہ،

1- پينگھي ۾ لڏجي ٿو.

2- پينگھي ۾ لڏبو آهي.

اِنهن جملن ۾ فعلن جو ڦيرو پريوگ ڪرتريءَ وارو آهي ۽ نہ ڪ پريوگ ڀاويءَ وارو. هو اڳتي هلي صفحي 226 تي لکي ٿو تہ،

**<u>پريوگ ڪرتري:</u>** ”پريوگ ڪرتري“. فعل لازمي مجهول جي اُن ڦيري کي چوندا آهن، جنهن ۾ اُن فعل جو فاعل ظاهر يا نمايان ڪونہ هوندو آهي، جيئن:

(1) پينگھي ۾ لڏجي ٿو. / پينگهن ۾ لڏجي ٿو.

(2) پينگھي ۾ لڏيو ويو. / پينگهن ۾ لڏيو ويو.

(3) پينگھي ۾ لڏبو. / پينگهن ۾ لڏبو.

خبر نہ آهي تہ هنن جملن کي ڊاڪٽر الانا ’ڪرتري پريوگ‘ ڇو ٿو سڏي؟ هتي ڪرتري پريوگ جي جيڪا سمجھاڻي ڏني ويئي آهي، اُها بہ

درست نہ آهي. حقيقت ۾ تہ ڪرتري پريوگ ۾ فعل جو لاڳاپو جملي جي ڪرتا (فاعل) سان هوندو آهي ۽ فعل اُن موجب ڦرندو آهي. جيئن ڊاڪٽر الانا مرزا قليچ بيگ، جهمٽمل نارومل وسٽائي ۽ پيرومل آڏواڻيءَ ۽ واحد بخش شيخ جي گرامر مان هن ڪان پهرين حوالا ڏيئي ’ڪرتري پريوگ‘ جي وصف سمجهائي آهي، جيڪا درست آهي، تہ پوءِ هتي وري اُها سمجهاڻي ڇو بدلائي ڇڏيائين؟ سڀ ڪان وڏيڪ اهم ڳالهہ اِها آهي تہ ڪرتري پريوگ ۾ مجهول صورت وارا فعل ڪتب ئي ڪين ايندا آهن.

صفحي 227 تي اَئين سِٽ مون کي لڳي ٿو تہ ڇاپي جي غلطي آهي:

”ڪرمڻي پريوگ، جنهن ۾ ڪريا، نہ ڪرتا موجب ۽ نڪي ڪرم موجب ڦرندي آهي.“ هن قسم جون پروفن جون غلطيون هن ڪتاب ۾ ٻين بہ گهڻن هنڌن تي نظر آيون آهن. جيئن تہ: صفحي 207 تي زمانن جي چارٽ ۾ ”مون پئي ڊوڙيو آهي.“ ”مون پئي ڊوڙيو هو“ لڳي ٿو تہ ڇاپي جون چڪون آهن. مون ڪنهن بہ سنڌيءَ جي واتان اهڙا جملا نہ ٻڌا آهن. ’ڊوڙڻ‘ فعل لازمي معروف آهي، جنهن جا روپ اسم مفعول مان ٺهيل زمانن ۾ آهن. مان ڊوڙيس، مان پئي ڊوڙيو آهيان، مان پئي ڊوڙيو هوس. وغيره.

(6) فعل جو ڌاتو مصدر بدران اَمر واحد واري فعل جي صورت مان ڪڍڻ گهرجي. ڊاڪٽر الانا بہ اِنهيءَ کي قبول ڪيو آهي. پر سنڌيءَ ۾ اَمر واحد واري صورت ۾ فعل جي آخر ۾/ـ اُ/ يا/ـاِ/ مان ڪا پڇاڙي لڳندي آهي. جيئن تہ:

هَلُ (هل + اُ)، ڊوڙُ (ڊوڙ+ اُ)، ٻيهہُ (ٻيهہ+ اُ)

مارِ (مار+اِ)، جَهلِ (جَهل+اِ)، لاهِ (لاهہ+اِ)

اِتي اِنهن پڇاڙين کان سواءِ جيڪا فعل جي صورت آهي، اُنهيءَ کي ’ڌاتو‘ چئجي ٿو. فعل جا ٻيا روپ اُنهن ڌاتن مان ٺهندا آهن. پر ڊاڪٽر الانا ڪيترن هنڌن تي /ـاِ/ پڇاڙيءَ سميت فعل جي اَمر واحد واري صورت کي ’ڌاتو‘ سڏيو آهي، جيڪو درست نہ آهي. مثال طور، صفحي 148 ۽ 149 تي اسم حاليہ جي رچنا ڏسو:

وَڃِ+ اِند+ او= وڃِيندو، لاهِ+ اِند+ او= لاهِيندو

ڊاڪٽر الانا جي راءِ موجب ”هتي ڌاتوءَ جي آخري/اِ/ ۽ اسم حاليہ جي شروع واري /اِ/ جي سَنڌي ٿئي ٿي، جتي ٻئي سُر پاڻ ۾ ملي / ـاِي/ سُر ٿاهن ٿا.“ منهنجي ويچار ۾ هتي اسم حاليہ جي علامت/ـ اِيند ـ/ ليکڻ گهرجي، جيئن اَرنيسٽ ٽرمپ ۽ گريئرسن سمجهايو آهي. مثال طور:

وَڃِ+ اِيند+ او = ويندو، لاهہ+ اِيند+ اِي= لاهيندِي

(7) فعلن جي قسمن اندر صفحي 141 تي ڊاڪٽر الانا بالواسطہ فعلن جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن. جيئن تہ:

مار ـ (1) مارائڻ، (2) مارارائڻ، (3) ماراررائڻ

لِکہ ـ (1) لکائڻ، (2) لکارائڻ، (3) لکارارائڻ

فعل متعدي بالواسطہ جا پهريان ٻہ روپ تہ عام آهن، جيڪي ٻول چال واري ٻوليءَ توڙي اَدبي لکڻين ۾ ملن ٿا. ٻين ٻولين ۾ پڻ اِهو پيٽرن عام آهي. پر هتي ڊاڪٽر الانا فعل بالواسطہ جو جيڪو ٽيون روپ ڄاڻايو آهي، اُهو مون نڪو ڪنهن سنڌي ادبي لکڻيءَ ۾ پڙهيو آهي، نڪو ٻول چال ۾ ڪڏهن ٻڌو آهي. ٻين ٻولين ۾ بہ ايهو ٽيون روپ، جنهن کي ڊاڪٽر الانا ”فعل متعدي ڊُهرو ٻٽو بالواسطہ“ سڏيو آهي، اُهو نٿو ملي.

(8) صفحي 156 تي اسم مفعول جي بناوت سمجهائڻ بعد ڊاڪٽر الانا لکيو آهي تہ ”دراصل سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي تشريحي مطالعي مان ثابت ٿيو آهي تہ سنسڪرت جي وياڪرڻ جو، سنڌي وياڪرڻ جي ڪنهن بہ پهلوءَ تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي.“ مان ڊاڪٽر الانا جي اِنهيءَ بيان سان شامل راءِ نہ آهيان. حقيقت اها آهي تہ سنسڪرت جي وياڪرڻي روپن ۽ شبد ڀنڊار جو نہ فقط سنڌيءَ تي، پر هرهڪ هند آريائي ٻوليءَ تي گهڻو اثر آهي. سنسڪرت ڀارت ـ پاڪ اُپکنڊ جي آڳاٽي ادبي ٻولي آهي، جنهن ۾ لکيل هزارين پراچين گرنٿ حاصل ٿيا آهن. اُنهن جي باريڪ اڀياس سان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سنسڪرت ۽ هاڻوڪين هند آريائي

ٻولين ۾ گهٽي قدر هڪ جهڙائي آهي. ساڳئي وقت اِهو به ثابت ٿئي ٿو ته هاٽوڪين هند آريائي ٻولين ۾ ڪجهه اهڙيون پڻ علائقائي خاصيتون آهن، جيڪي آڳاٽي وقت کان وٺي هلنديون پيون اچن. ساڳيءَ طرح ٻيون ڪجهه خصوصيتون اهڙيون آهن، جن جو اوسر دؤران ٻين ٻولين جي اثر سببان وڪاس (ڦهلاءُ) ٿيو آهي. سنڌيءَ ۾ ضمير متصل (Pronominal suffixes) جو ڪن اسمن، حرف جر ۽ فعلن سان گڏيل استعمال هڪ اهڙي خاصيت آهي، جيڪا عالمن جي راءِ موجب عربي ۽ فارسيءَ جي اثر ڪري سنڌيءَ ۾ پيدا ٿي آهي. اِها سرائڪي ۽ ڪشميري ٻولين ۾ به ملي ٿي.

هاٽوڪيون هند آريائي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتيون آهن، انهيءَ راءِ ۾ به ڪن عالمن سڌارو ڪيو آهي. اُنهن جي راءِ موجب هاٽوڪيون هند آريائي ٻوليون پنهنجي پنهنجي علائقي جي اوائلي پراڪرت ٻولين (Primary Prakrits) مان پيدا ٿيون آهن. ويدن واري سنسڪرت ۽ ڪلاسيڪل سنسڪرت جو به جنم سپت- سنڌو ميدان جي اوائلي پراڪرت ٻولين مان ٿيو آهي. جڏهن سنسڪرت ادبي سطح تي ڪتب اچي رهي هئي، تڏهن اُنهيءَ جي پوروچوتيءَ تي (Parallel) ٻول چال ۾ جدا جدا دورن ۾ پالي، پراڪرت ٻوليون ۽ اپڀرنش ٻوليون ڪتب اچي رهيون هيون. اِنهن ٻولين جو به جڏهن ادبي لکڻين ۾ استعمال ٿيڻ لڳو تڏهن اُهي وياڪرڻي قاعدن جي بندشن ۾ جڪڙجي ويون. پر ٻول چال ۽ روزاني زندگيءَ ۾ اُنهن جو جيڪو روپ ڪتب اچي رهيو هو تنهن ۾ آهستي آهستي تبديليون ٿينديون رهيون. اِنهيءَ مطابق چئبو ته هاٽوڪي سنڌي ٻوليءَ جو جنم، ويدن واري زماني ۾ يا اُن کان به ڪجهه صديون اڳي، هاٽوڪي سنڌ ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن ۾ ڪتب ايندڙ "اوائلي پراڪرت سنڌيءَ" مان ٿيو آهي. اِنهيءَ کي ڊاڪٽر الانا 'سنڌوي' نالو ڏنو آهي، جيڪا موهن جي دڙي ۽ اُنهيءَ جي آس پاس وارين ايراضين ۾ ڪتب ايندي هئي. وڪاس جي جدا جدا دؤرن ۾ جڏهن سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش ادبي معيار واريون ٻوليون بڻيون، تڏهن سنڌ جي عوام جي ٻول چال واري ٻوليءَ ڏهين عيسوي صديءَ جي آس پاس، پنهنجو علحدو ۽ نرالو روپ ظاهر ڪيو جيڪو پر وارن علائقن جي پنجابي، راجستاني، گجراتي، هندي، مراٺي وغيره ٻولين کان الڳ هو. تيرهين، چوڏهين عيسوي صديءَ کان وٺي، سنڌ جي عوامي ٻول چال واري ٻوليءَ سنڌيءَ ۾ پڻ لکيل ادب ملڻ جي شروعات ٿي آهي. لکيل دستاويزن جي آڌار تي اسين سنڌي جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ شبد ڀنڊار جو باريڪيءَ سان ۽ تفصيلوار اڀياس ڪري سگهون ٿا.

اوائلي پراڪرت سنڌيءَ کان وٺي، اوسر جي جدا جدا منزلن تي سنڌ جي عوام جي جيڪا سنڌي ٻولي هئي، اُنهيءَ جو روپ گهٽي قدر سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش ٻولين سان هڪجهڙائي رکندڙ هو. اِنهيءَ جي معلومات اسان کي موجوده سنڌيءَ جي ٻين ٻولين ۾ ملندڙ آڳاٽي ساهتيه جي ٻوليءَ سان ڀيٽ ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي. سنڌيءَ کي وياڪرڻي بيهڪ ۽ شبد ڀنڊار جي خيال کان، ٻين ٻولين کان بلڪل الڳ ليکڻ درست نه آهي.

### (9) فعل لازمي مجهول (Interanisitive Passive)

ڊاڪٽر الانا صفحي 210 ۽ 211 تي فعل لازمي مجهول جي رچنا بابت ڀيرومل آڏواڻيءَ ۽ واحد بخش شيخ جي ڪتابن مان حوالا ڏنا آهن. اِنهيءَ صورت وارن فعلن کي هُنن 'فعل اَڪرترڪ' يا 'فعل بي- فاعل' به سڏيو آهي. پر انهن جا حوالا ڏيڻ بعد، ڊاڪٽر الانا اِهو ڪٿي به چٽو نه ڪيو آهي ته پاڻ اُنهن مان ڪنهن سان شامل راءِ آهي يا اِنهن فعلن جي باري ۾ سندس ويچار ڇا آهي؟

ڀيرومل آڏواڻيءَ جي راءِ ۾ فقط 'فعل لازمي مجهول' کي 'فعل اڪرترڪ' يا 'فعل بي فاعل' چوڻ گهرجي. اِنهيءَ جا مثال آهن:

(1) پينگهي ۾ لڏجي ٿو. (2) پينگهي ۾ لڏبو آهي.

ٻئي طرف واحد بخش شيخ لکي ٿو: ”اُهو فعل، جو جملي ۾ ڪنهن فاعل جو محتاج نہ هجي، تنهن کي ’اڪرترڪ يا فعل بي- فاعل‘ چئبو آهي. هي فعل هميشه مجهولي صورت ۾ هوندو آهي. مثال طور:

(1) موسم آهر لباس ڍڪڻ گهرجي.

(2) تندرستي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ هڏ هلائجي ۽ سادو کاڌو کائجي.

(3) ڪيترو بہ ڀڄبو تہ موت کان بچي نہ سگهبو.

مٿين جملن ۾ ’ڍڪڻ گهرجي‘، ’هلائجي‘، ’کائجي‘، ’ڀڄبو‘ ۽ ’بچي نہ سگهبو‘ فعل اَڪرترڪ جا مثال آهن. (سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو ص 383). اِن طرح واحد بخش شيخ جي راءِ ۾ فعل متعدي مجهول ۽ فعل لازمي مجهول ٻئي ”فعل اَڪرترڪ“ طور استعمال ڪري سگهجن ٿا.

منهنجي راءِ ۾ واحد بخش شيخ جي سمجهاڻي درست نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ فقط لازمي مجهول فعل جو استعمال ”اَڪرترڪ فعل“ جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو. ڪيپٽن جارج اسٽئڪ، اَرنيسٽ ٽرمپ، گريئرسن وغيره بہ فقط لازمي مجهول فعل کي اَڪرترڪ يا فعل بي- فاعل ليکيو آهي، جيڪو هميشه ضمير غائب ۽ عدد واحد ۽ جنس مذڪر ۾ ڪتب ايندو آهي. مٿين جملن ۾ متعدي مجهول فعلن جي صورت بدلجي سگهي ٿي. جيئن تہ:

(1) لِباسُ ڍڪڻ گهُرجي. لِباسَ ڍڪڻُ گهُرجن.

(2) هڏُ هلائجي- هڏَ هلائجن.

(3) سادو کاڌو کائجي- سادا کاڌا کائجن.

(10) صفحي 214 تي ڊاڪٽر الانا، ’مجهول فعلن جو اسم حاليہ‘ جي باري ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي سمجهاڻيءَ کي رد ڪندي لکيو آهي تہ:

”هاڻي جيڪڏهن پروفيسر ڀيرومل جي اِها راءِ قبول ڪبي، يعني فعل جي مجهولي صورتن مان اسم حاليہ ٺهڻ واري راءِ قبول ڪبي تہ پوءِ فعل جي مجهولي صورتن ’مارج‘، ’ماريو ويو‘ ۽ ’ماربو‘ مان اسم حاليہ واريون صورتون جوڙڻيون پونديون، جيڪا راءِ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اُصولن موجب قبول ڪرڻ جهڙي نہ آهي. لهاذا پروفيسر صاحب جي اِنهيءَ راءِ کي سندس ڪتاب مان حذف ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ مجهولي فعل ’مارجندو‘ مان اسم حاليہ جو ٺهڻ ممڪن نہ آهي.“

هتي منهنجو نماڻو عرض اِهو آهي تہ ڊاڪٽر الانا ڀيرومل آڏواڻيءَ جي بيان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري تہ شايد راءِ کي بدلائي وجهي.

ڀيرومل آڏواڻيءَ، ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘ (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڇاپو 1989) جي باب پندرهين ۾ اسم مشتق (ڪردنت) جي رچنا سمجهائي آهي. صفحي 114 تي هو ’مجهول فعلن جو اسم حاليہ‘ سِري هيٺ لکي ٿو:

”ڏسڻ“ توڙي ”ڏسجڻ“، ٻنهي جو اسم حاليہ ”ڏسبو“. (ڏِس+ اِبو). اهڙيءَ طرح ڌاتوءَ جي پٺيان ”-اِبو“ پڇاڙي گڏڻ سان مجهول فعلن جو اسم حاليہ ٺهي ٿو.

ڀينگهي ۾ لُڏبو آهي.

ڀينگهي ۾ لُڏبو. (ايندڙ وقت ۾)

هن پوئين مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ اسم حاليہ جڏهن هيءَ صورت وٺي ٿو تڏهن اُن مان ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري سگهي ٿي.

ڀيرومل جي هن سمجهاڻيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ هو/ ڏِس-/ ڌاتوءَ ۾ /-اِبو/پڇاڙي گڏڻ جو قاعدو بيان ڪري رهيو آهي.

ارنيسٽ ٽرمپ بہ اها ساڳي ڳالهہ چوي ٿو.

“The Participle Present of the Passive Voice is formed by adding the affix ‘ibo’ to the root of the Passive theme, as: پَسَڻ ‘to see’, Passive پَسِجَڻ; Participle Present Passive, چوڻ ‘to say’, Passive چَئِجَڻ; Part. Pres. Pass. چئبو (The Participle Present is also used in the sense of future tense). (Sindhi Grammar, page 271)

گريئرسن هن ڪردنت ناهڻ جو قاعدو هن ريت ڄاڻايو آهي:

"The Present Participle is not formed by adding/-ando/to the root, but by changing the termination/-ij or ¯j of the Passive root to /ibo/." (Linguistic Survey of India vol. VIII, P. 76)

Examples hal. 'to go' > halando> halibo

Mar 'to strike> mar-ij or marj-> maribo

هتي اِنهيءَ حقيقت طرف ڌيان ڏيڻ ضروري آهي ته ڊاڪٽر الانا پنهنجي ڪتاب جي باب نائين ۾ ڪردنتن (Participles) جي رچنا سمجهائيندي اسم حاليه مجهول (Present Passive Participle) جو ذڪر نه ڪيو آهي.

(11) ڊاڪٽر الانا صفحي 226 تي 'پريوگ ڪرتري' جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي، "پريوگ ڪرتري"، 'فعل لازمي مجهول' جي اُن ڦيري کي چوندا آهن، جنهن ۾ اُن فعل جو فاعل ظاهر يا نمايان ڪونه هوندو آهي". جيئن:

(1) پينگهي ۾ لُڏجي ٿو/ پينگهن ۾ لُڏجي ٿو.

(2) پينگهي ۾ لڏيو ويو/ پينگهن ۾ لڏيو ويو.

(3) پينگهي ۾ لڏبو/ پينگهن ۾ لڏبو.

منهنجي ويچار ۾ هيءَ سمجهاڻي ۽ مثال ڀاوي پريوگ جا آهن.

اڳتي هلي صفحي 270 ۽ 271 تي ڊاڪٽر الانا "پريوگن موجب فعلن جا ڦيرا" سِري هيٺ 'ڪرتري پريوگ' هن طرح سمجهايو آهي:

"پريوگ ڪرتري: فعل جو اُهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعل، فاعل سان عدد ۽ جنس مطابق گردان ڪري ته فعل جي اهڙي ڦيري / گردان کي پريوگ ڪرتريءَ وارو ڦيرو يا گردان چئبو آهي. مثال طور:

مون ورتو. مون جهليو. تو لکيو. اَسان لکيو"

منهنجي ويچار ۾ هتي 'پريوگ ڪرتري' جي سمجهاڻي ته درست آهي، پر اُنهيءَ جا مثال غلط ڏنل آهن. حقيقت ۾ مثالن وارن جملن ۾ ڏنل فعل 'ڪرمڻي پريوگ' وارا آهن. جتي فعل جملي جي مفعول موجب صورت اختيار ڪري ٿو جيڪو هتي ڇاڻايل نه آهي. پورو جملو هن ريت ٿيندو:

(مون، اسان، تو توهان، هُن، هُنن) ڪتابُ ورتو.

( = = = = = = = ) ڪتابَ ورتا.

( = = = = = = = ) ڪاپي ورتي.

( = = = = = = = ) ڪاپيون ورتيون

حقيقت ۾ اسم مفعول (Past Passive Participle) مان ٺهيل سيني زمانن ۾ جملا ڪرمڻي پريوگ وارا هوندا آهن. بشرطيڪ مفعول پنيان ڪي 'حرف جر' ڪتب آيل نه هجي. جيئن ته:

مون چورُ پڪڙيو آهي. مون چورَ پڪڙيا آهن. (ڪرمڻي)

مون چورکي پڪڙيو آهي. مون چورن کي پڪڙيو آهي. (ڀاوي)

هن ڪان اڳ، صفحي 223 تي ڊاڪٽر الانا ڀيرومل آڏواڻيءَ جي سنڌي گرامر مان حوال ڏيئي، هُن جي اِها راءِ قبول ڪئي آهي ته:

"اسم مفعول مان ٺهيل پنجن ماضي زمانن ۾، فعل سدائين 'ڪرمڻي پريوگ' ۾ رهن ٿا." اسم مفعول مان ٺهيل فعلن ۽ اُنهن جي جملن وارو اِهو پٽئرن هندي، اُردو، گجراتي وغيره ٻولين ۾ به ساڳيو ملي ٿو.

(12) صفحي 216 تي ڊاڪٽر الانا لکيو آهي، "پروفيسر ڀيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ، فعل لازميءَ جي مجهولي صورتن واري ڦيري کي فعل جو 'ڪرتري پريوگ' سڏيو آهي." هتي ڊاڪٽر الانا اِنهيءَ بيان جي پٺڀرائيءَ ۾، اِنهن ٻنهي عالمن جي ڪتاب مان ڪوبه حوالو نه ڏنو آهي. مون پروفيسر ڀيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ جي سنڌي وياڪرڻ وارن ڪتابن مان فعلن ۽ پريوگن سان واسطو رکندڙ باب به ٻه دفعا غور سان پڙهيا آهن. مون کي ڪٿي به نظر نه آيو آهي ته هنن فعل لازمي جي مجهولي صورتن واري ڦيري کي فعل جو 'ڪرتري پريوگ' سڏيو آهي." مهرباني ڪري ڊاڪٽر الانا صاحب گهربل صفحن جا حوالا ڏيندو ته تسلي ٿيندي.

(13) صفحي 271 تي ’پريوگ ڪرتري‘ عنوان هيٺ ڏنل جملا ”مون جهليو آهي. مون جهليا آهن. اسان جهليا آهن.“ حقيقت ۾ ڪرمڻي پريوگ جا جملا آهن، جتي فعل جو ڦيرو مفعول موجب آهي، جيڪو جملي ۾ ڄاڻايل نہ آهي.

اِنهيءَ ساڳئي صفحي تي پريوگ ڀاوي جي اندر هي جملا ڏنل آهن:

1ـ مون چور کي جهليو آهي.

2ـ مون چورن کي جهليو آهي.

3ـ اسان چور کي جهليو آهي.

هتي منهنجو عرض اِهو آهي تہ هتي مثالن ۾ ڏنل جملا ’ڀاوي پريوگ‘ جو فقط هڪ قسم آهن. هرهڪ پريوگ اندر جيڪي جدا جدا قسمن جا جملا ڪتب اچن ٿا، اُنهن جا مثال هن مضمون ۾ اول ڏنا ويا آهن.

(14) ’پريوگ ڀاوي‘ ۾ ’ڀاوي‘ لفظ جو صحيح اُچار ’ڀاوي‘ آهي ۽ نہ ڪِ ’ڀاوِي‘. ’ڀاوي‘ جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي، ايندڙ وقت، نصيب، ڀاڳ. هتي وياڪرڻ ۾ ’ڀاوَ‘ (ويچار، خيال، ڀاونا، ڪريا يعني فعل ذريعي ظاهر ٿيندڙ ڪم) لفظ جو حالت ستين يعني آڌيڪرڻ ۾ انهيءَ جو اُچار آهي ’ڀاوي‘ يعني ڀاونا يا خيال جي معنيٰ ۾ استعمال. ساڳيءَ طرح، ڪرتري پريوگ يعني ’فعل جو ڪرتا (فاعل) جي سنبنڌ ۾ استعمال‘، ڪرمڻي پريوگ يعني فعل جو ڪرم (مفعول) جي سنبنڌ ۾ استعمال.

هتي مون ٿوري ۾ ڪرتري، ڪرمڻي ۽ ڀاوي پريوگ بابت ڊاڪٽر الانا جي سمجهاڻين تي پنهنجا ويچار رکيا آهن. اِهو بهتر ٿيندو تہ ڊاڪٽر الانا ۽ سنڌي وياڪرڻ جا ٻيا ماهر عالم اِنهن تي ٿڌي سيني سان ٻيهر سوچين، جيڪڏهن مان غلط هجان تہ هو منهنجيون غلطيون ڄاڻائي منهنجي راهنمائي ڪن. هيءُ موضوع اهڙو آهي، جنهن تي ڀارت ۽ يورپ جي ماهرن جديد لسانيات جي اصولن مطابق، هندي ٻوليءَ جي حوالي ۾ گهڻي تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري

ـ ڊاڪٽر فهميده حسين

هن مقالي جي عنوان کي پڙهي يا ٻڌي اسان جو ڌيان پاڻمرادو انگريزي شاعر ’ورڊس ورٿ‘ ڏانهن هليو ٿو وڃي، شايد ان لاءِ جو ’فطرت‘ يا ’Nature‘ جو لفظ شاعريءَ جي حوالي سان انهيءَ شاعر جي نالي سان ائين جڙيل آهي، جيئن شاهہ لطيف جي نالي سان پاڪستان ۾ ’صوفي شاعر‘ جو لقب جڙيل آهي، قومي سطح تي ريڊيو هجي يا ٽيليويزن، سيمينار هجن يا ڪانفرنسون يا سنڌس ورسيءَ جو موقعو هجي. اهو لقب عام جام ٻڌبو آهي ۽ هن عظيم شاعر جا ٻيا سڀ موضوع، خوبيون ۽ خاصيتون انهيءَ دائري مان خارج ٿي ويندا آهن.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن اسين نائين ڏهين ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين تہ ’ورڊس ورٿ‘ جا ٻہ نظم ڪورس ۾ شامل هئا، جيڪي هئا ’The Daffodils‘ ۽ ’Solitary Reaper‘. اسان جي اسڪول جي پرنسپال ۽ انگريزيءَ جو استاد محترم سيد اڪرام علي، ورڊ سورٿ جي فطرتِ جي شاعريءَ (Nature Poetry) تي زبردست ليڪچر ڏنو هو ۽ انهن نظمن جي اهڙي تہ سمجهاڻي ڏني هئي، جو اڄ ڏينهن تائين ”ورڊس ورٿ ۽ نيچر“ تي اهڙي سمجهاڻي مون کان نہ ٻڌي آهي. بهرحال پوءِ وري سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي ڊيپارٽمينٽ ۾ انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪرڻ دوران محترمہ آمنہ خميساڻيءَ، ’نئين ڪلاسيڪي‘ (New Classicism) ۽ ’رومانويت‘ (Romanticism) وارين تحريڪن جي حوالي سان ان موضوع کي ڇُهيو هو تہ ڪيئن روسو

کان متاثر ٿي شاعرن ”فطرت ڏانهن موٽ“ (Back to Nature) وارو متو اختيار ڪيو هو. جن ۾ ڪولرج ۽ ورڊس ورٿ پيش پيش هئا. عام ڳوٺاڻن ماڻهن، سندن نج سادي ٻوليءَ ۽ ٻهراڙي (Countryside) جي ماحول کي فطرت جي ويجهو محسوس ڪندي ورڊس ورٿ پنهنجا موضوع ۽ ڪردار ڪنيا ۽ فطرت جي اهڙي عڪاسي ڪئي، جنهن جو ڪو جواب ڪونهي. ’ورڊس ورٿ‘ کي گلن ڦلن، وڻن ٽڻن نيري آسمان، لهندڙ سج، وهندڙ جهرڻن ۾ ’خدائي روح‘ (Devine spirit) محسوس ٿيندو هو. ان ڪري هو ان سان پيار ڪرڻ لڳو هو ۽ ان مان کيس روحاني تسڪين حاصل ٿيندي هئي. ساڳيءَ طرح ’وليم بليڪ‘ (Willam Blake) فطرت جي مظهرن کي خدا جي ذات ۽ شان ڏانهن منسوب ڪيو هو ۽ ان لاءِ وٽس هڪڙو صوفياڻو (mystic) تصور موجود هو. اسپينسر (Spenser) وري پنهنجي نظم ’Shapherds Calender‘ ۾ هڪ ڊراڙ جي زندگيءَ جي مختلف دورن ۽ مرحلن کي سال جي مندن ۽ موسمن سان ڀيٽي، تشبيهون ڏئي فطرت سان انساني زندگيءَ کي ڀيٽڻ جي ڪوشش ڪئي، هوڏانهن وري ’برنس‘ (Burns) انسان جي ٻي سموري مخلوق سان تعلق کي ’فطرت جو مظهر‘ سڏيو ۽ ٻيا رومانوي شاعر بہ حسن، عشق ۽ خير جي حوالي سان فطرت سان جڙيل هئا.

فطرت جي مظهرن جي حوالي سان انگريزي شاعريءَ ۾ ٽي مختلف رُخ ڏسڻ ۾ اچن ٿا:

(1) فطرت جي تجسيم (Personification of Nature)،

(2) فطرت سان مشابهت (Analogy of Nature) ۽

(3) فطرت جو تفصيلي ذڪر (Description of Nature)

پهرئين طريقي موجب ڪنهن بہ شيءِ کي تجسيم يا انساني جسم يا روپ ڏئي، ان سان ائين ڳالهايو يا ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، ڄڻ تہ اها زنده هجي ۽ ان جي موٽ (response) ڏيندي هجي. شاعريءَ ۾ فطرت لاءِ ايئن فرض ڪيو ويندو آهي، ڄڻ تہ ان جو انسانن وانگر وجود ۽ جسم هجي، جنهن جي اندر ۽ ٻاهر ائين ئي موڊ ۽ موسمون تبديل ٿينديون آهن. جيئن انسان ۾ ٿينديون آهن. فطرت سان مخاطب بہ ٿي سگهجي ٿو تہ اها بہ اسان سان ڳالهائي سگهي ٿي؛ ڇاڪاڻ جو شاعر جو تخيل اهو ڪجهہ ڏسي سگهي ٿو جيڪو عام ماڻهن جي اک کان لڪل هوندو آهي، ان ڪري شاعر جو تخيل چنڊ کي زنده روپ ڏئي (تجسيم/ Personify ڪري) ان سان ڳالهائي سگهي ٿو، چنڊ ستارا ان سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪري سگهن ٿا. ڪڏهن هو ڪنهن جانور سان پيو انگل آرا ڪندو تہ ڪڏهن پٿر ۽ پهاڙ ساڻس شامل حال هوندا آهن.

شاعريءَ ۾ فطرت جو ٻيو رُخ تشبيهہ ۽ استعاري ذريعي هڪجهڙائي يا برابريءَ سان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيئن ماڪ ڦڙن کي رات جا لڙڪ چوڻ؛ چنڊ کي رات جي پيشانيءَ تي تلڪ سان تشبيهہ ڏيڻ يا اُماس جي رات ۾ وشال آسمان ۾ چمڪندڙ تارن کي ’ستارن ڀريل چُني‘ چوڻ وغيره. ۽ فطرت کي پيش ڪرڻ جو ٽيون رُخ عام ٻوليءَ ۾ فطرت جي منظرن جو ذڪر ڪرڻ ٿيندو آهي، جيڪو عام طور شاعر ڪندا رهندا آهن.

اهي سمورا رُخ ۽ طريقا ڄاتاسين ۽ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي شاعريءَ کي وڏ ۾ وڏ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو تہ اسان پاڻ کي انگريزيءَ جو ماهر (’ماسٽرس‘) ڪوٺڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ شيڪسپئر، ملٽن، جان ڊن، اسپينسر، ورڊس ورٿ، ڪيٽس، شيلي وغيره کي ڄاڻڻ جي دعويٰ ڪرڻ لڳاسين.

پر جڏهن جڏهن بہ شاهہ جو رسالو پڙهبو هو يا اجا بہ پڙهجي ٿو تہ لڳي ٿو تہ اها سموري ماسٽري/ مهارت تہ ان جي اڳيان ڪجهہ بہ ڪانهي. شاهہ جي شاعري اهڙو سمنڊ آهي، جنهن جي ڀيٽ ۾ اهي سڀ شاعر ڄڻ تہ ان جا قطرا آهن. خاص ڪري فطرت جي عڪاسيءَ ۽ اظهار جي حوالي سان تہ شاهہ جو ڪو مٽ ئي ڪونهي. انهن شاعرن مان ڪنهن وٽ حُسن آهي،

ڪنهن وٽ عشق، تہ ڪنهن وٽ خير، پر اسان جي شاهہ وٽ تہ حسن، عشق، خيرُ ٽئي موجود آهن. ۽ فطرت جا منظر هر سُر، هر بيت ۾ موجود آهن.

ڏٺو وڃي تہ ڪائنات ۾ هزارين مظاهر، وارداتون ۽ تجربا پکڙيا پيا آهن، جن جي پنهنجي هڪ ترتيب ۽ تنظيم هوندي آهي، ۽ هڪڙو اعليٰ درجي جو فنڪار، پوءِ اهو شاعر هجي يا مصور، انهيءَ ترتيب ۽ تنظيم مان چونڊ ڪري، پنهنجي تخيل جي مدد سان انهن کي ٻيهر مرتب ڪري، ’ڪثرت ۾ وحدت‘ پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي بصارت ۽ بصيرت، ڏسڻ ۽ پسڻ جي قوت سان هڪ شاهڪار تصنيف جو روپ ڏئي سگهي ٿو ۽ پنهنجي تخليقي جوهر، لفظن ۽ اصطلاحن جي ترڪيب ۽ فنڪاراڻي استعمال سان فطرت جي حسين رنگن کي وڌيڪ حسين بڻائي ڇڏي ٿو.

عام طرح سان فطرت جا مظهر، سج چنڊ، تارا، بادل، برسات، وڄ، انڊلٺ، گل ڦل، وڻ ٻوٽا، پوپٽ، پئونر، ڊنڊيون، ڊورا، ماڪ ڦڙا، درياهہ، سمنڊ، انهن جون لهرون ويرون، جبل پهاڙ واديون، چشما، آبشار، بهار، سرءُ جي موسم، ساهوارا، پکي پکڻ، ڪوئل، ٻاٻيهو، مور، ڊيل، ننڍڙا معصوم ٻار، خوبصورت عورت سڀ سونهن جا اهڃاڻ هوندا آهن؛ پر فطرت رڳو سهڻين شين جو نالو ڪونهي. فطرت ۾ اڻ وڻندڙ ڪوجهيون ۽ تڪليف ڏيندڙ شيون بہ هونديون آهن. اهو شاعر جو ڪمال هوندو آهي تہ انهن کي پيش ڪيئن ٿو ڪري ۽ دنيا ۾ سونهن ۽ سُرت کي ڪيترو ٿو ڦهلائي. هر شاعر جو فطرت کي ڏسڻ ۽ ان جو اظهار ڪرڻ جو پنهنجو انداز هوندو آهي، جيڪو سندس ذاتي مشاهدي ۽ تجربي سان سلهاڙيل هوندو آهي. هڪڙي ڳوٺاڻي، ٻهراڙيءَ جي هاريءَ يا ڌراڙ پنهوار لاءِ جيڪا شيءِ خوبصورت آهي، سا ممڪن آهي تہ ڪنهن شهريءَ لاءِ اوتري ڪشش نہ رکي، اوتري سهڻي نہ هجي. ان جو مثال هيئن ڏئي سگهجي ٿو تہ مون جڏهن پنهنجو ڪتاب ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“ پاڻ ئي اردوءَ ۾ ترجمو پئي ڪيو تہ مون شاهہ سائينءَ جي ڪن بيتن جو منظوم اردو ترجمو ڪرڻ لاءِ پنهنجي هڪ دوست کان مدد گهري، جيڪا اردوءَ جي سٺي شاعره آهي. ان کي جڏهن مون هي بيت ٻڌايو:

اڱڻ تازي، ٻهر ڪنڍيون، پڪا پٽ سونهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا!

۽ سمجهائڻ خاطر ٻڌايومانس تہ شاهہ صاحب هڪ خوشگوار ماحول ۾ وصل جو رومانوي تصور ڏيڻ لاءِ جيڪو منظر چٽيو آهي، ان جو ڪجهہ مفهوم هن ريت آهي، تہ؛ ’پنهنجي ساٽيهہ جي سرزمين تي اڏيل پکي ۾ سُرهي سيج تي پرين پاسي ۾ هجي، ڇم ڇم مينهن وسندو هجي، گهرن کان ٻاهر پيلا گهوڙا ۽ ڪُنڍيون (مڙيل سڱن واريون) مينهون ٻڌل هجن، تہ انسان اهوئي چاهيندو تہ شال ائين ئي سڄي زندگي هڪ ٻئي سان گڏ گذري وڃي، منهنجي شاعر دوست اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي وئي، چئي؛ ڪٿي ايترو رومينٽڪ منظر، خوبصورت موسم، خوشبوئن ۾ مهڪندڙ سيج جو تصور ۽ ڪٿي ان سان ٻڇڙي ”بدصورت ڀينس“ (مينهن) جو ذڪر_ شاعراڻي ماحول ۾ اهو نهي تہ ڪونہ ٿو.“

ڏٺو وڃي تہ ڏوهہ ان جو بہ ڪونہ هو. هن ڪڏهن ڳوٺاڻي زندگي ڏٺي ئي ڪانہ هئي ۽ نہ ڪنڍي مينهن جي سونهن کان واقف هئي. هن کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ اتي انسانن جي زندگين ۾، سندن گهرن ۾ يا وٿاڻن ۾ مال جي، جانورن جي ڪهڙي اهميت هوندي آهي، اهي ساڻن ڪيترو پيار ڪندا آهن. ڪيئن ڪين پنهنجي گهر جو ڀاتي تصور ڪندا آهن ۽ ڪيئن مالوند هئڻ سان خوشحاليءَ جو تصور جڙيل آهي. بهرحال شاعر پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي سان گڏ گڏ تخيل جي مدد سان اهڙن منظرن کي ڪيتري سونهن بخشي سگهي ٿو. انهيءَ جو اعليٰ ترين مثال اسين شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڏسي سگهون ٿا. پوءِ مٿي بيان ڪيل بيت جو ترجمو مون پاڻ ڪيو پر ان جو شيخ اياز ڏاڍو سهڻو ترجمو ڪيو آهي.

شاهہ صاحب جا ڪي سُر تہ آهن ئي فطرت جي عڪاسيءَ جا سُر، جن ۾ خاص طور تي سُر ڪنڀات، سُر سارنگ، سُر مارئي ۽ سسئيءَ جا سُر شامل آهن. ورڊس ورٿ ڪان هڪ صدي اڳ ۾ فطرت جي عڪاسيءَ جو هر مثال انگريزي شاعريءَ لاءِ ڏنل سمورن معيارن تي پورو آهي، پر اسان جي تعليم جي نظام ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استاد انهن ڳالهين کي سمجهائڻ جي سگهہ نٿو رکي ۽ شاهہ جهڙي فطرت جي شاعر جي شاعريءَ جي خوبين کي اجاگر ڪرڻ جو اسڪولن ۽ ڪالجن ۾ ڪو امڪان ۽ بندوبست ڪونهي، ڪيس روائتي انداز ۾ تشريحون ڪري پڙهايو ٿو وڃي. سو اسان بہ پهرين ورڊس ورٿ جي فطرت کي سمجهيو، پوءِ لطيف جي بحر بيڪران ۾ گهڙياسين.

انگريزي شاعريءَ جي معيارن موجب ڏسجي تہ تحسيم (Persomfiction) جي حوالي سان يا فطرت جي مظهرن کي مجسم شخصيت ۽ سجاڳپ ڏيڻ واري رُخ جي حوالي سان شاهہ صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي سرن ۾ اهڙا مثال ملن ٿا.

سُر ڪنڀات ۾ پاڻ فطرت جي مظهر چنڊ ۽ تارن سان مخاطب ٿئي ٿو ڏوراپا ڏي ٿو، ڳالهيون ڪري ٿو: چنڊ کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

چنڊ چوانءِ سچ، جي مٺي مور نہ پانئيين،
ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ڳچ،
منهن ۾ جو ٻرئي مچ، سو پدم پريان جي پير ۾.

_

چنڊ ٿو چئين حق، جي وڌهين، جي وچڙين،
بہ اکيون، ٿيو نڪ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرينءَ جي.

هن بيت ۾ تہ شاعر چنڊ کي هڪ مڪمل انساني روپ سان پيٽيو آهي ۽ ان جي تجسيم ڪئي آهي.

وري تارن سان بہ ڳالهائي ٿو:

تارا تيليءَ روءِ، لڏا لالن اُڀريين،
جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سڄڻين!

ستارن ۾ فطرت جي حسن ۽ شاعر جي محبوب جي حسن جي ڀيٽ جو ٻيو مثال ڏسو:

تارا تيلاهين، توڏي گهڻو نهاريان،
سڄڻ جيلاهين، تون تيڏانهن اڀريين!

هن ئي سُر ڪنڀات ۾ شاعر اُٺ سان بہ مخاطب ٿيو آهي، جيڪو Personification جو هڪ ٻيو مثال آهي، جنهن ۾ شاعر جو ڪردار جانور سان ايئن ڳالهائي ٿو، ڄڻ اهو انسانن وانگر ٻڌندو ۽ سمجهندو هجي:

ميا تو مهارَ، سڄي پايان سونَ جي،
چاريين چندن چوٽيون، نائي ميندیءَ ڏار،
سندي پيءَ پچارَ جي مون رات رساٽيين!

هن بيت جو منظر بہ هڪڙي خاص ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو، جيڪو ٻوناٽي مخصوص ڪلچر جو حصو آهي، جيڪو فطري طور اسريل آهي.

وري جيڪڏهن سسئيءَ جا سُر ڏسجن تہ انهن جو ماحول، پهاڙ، جبل، بيابان، وٽڪار، جهنگ ۽ ان جا مرون، سڀ هڪ خاص خطي جي منظرنگاريءَ جو مثال آهن ۽ اتي فطرت جي حسن سان گڏ ان جو منفي پاسو، ڏکيايون، تڪليفون ۽ سفر جا سُور بہ بيان ٿيل ملن ٿا ۽ ان وايومنڊل ۾ موجود شين کي بہ شاعر جهڙو سسئيءَ جا ساٿاري ڪري ٿو پيش ڪري. هن داستان ۾ سسئي سج کي مخاطب ٿي آهي:

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج،
آئون جي ڏيئين سنيها، نيئي پريان کي ڏج،
وڃي ڪيچ چئج، تہ ويچاري واٽ مئي!

فطرت جي مظهرن سان اها پنهنجائپ، اهوا نداز تخاطب ڏسي لڳي ٿو تہ ’ورڊس ورٿ‘ وانگر ’شاهہ صاحب‘ کي بہ ڪائنات جي انهيءَ ڪثرت

۾ ڪو زنده وجود محسوس ٿئي ٿو جنهن کي هو محسوس بہ ڪري ٿو. ٻئي طرف انهيءَ وايومنڊل ۾ جهنگ جا مرون بہ ساڳئي پس منظر سان تعلق رکن ٿا. انهن کي سسئيءَ جي زباني مخاطب ٿي چوي ٿو:

ٻيلي ٿيو مروئا، تہ ڏونگر ڏوريان پرينءَ لئہ،
هڏ وجهنديس ڇپرين، ماهہ آن جو ڳاهہ،
اکيون ڇڏيجاء، جن سان پسان پرينءَ کي.

۽ وري جيڪا هوا ٿي لڳي، اها بہ تہ فطرت جو ئي حصو آهي، اها بہ شاعر لاءِ مجسم وجود رکي ٿي، جنهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

واءُ! وڃاءِ مَ سو، پنيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
ڇتا ڇپر پرينءَ جو، پير پرنٽان تو،
بر بورائو جو، سو لڳي متان لٽيين!

سسئي جن پٿرن پهاڙن، ڏاڍن ڏونگرن سان مهاڏو اٽڪائي پنهونءَ جي پيرن تي هلندي پئي وئي، اهو بہ فطرت جو هڪ انوکو رنگ آهي، انهيءَ ۾ موجود هر هڪ جاندار ۽ بيجان شيءِ سان سسئيءَ جو واسطو پيو آهي، جن سان هوءَ مخاطب بہ ٿئي ٿي تہ انهن سان ڏک ۾ ڀائيواري بہ ڪري ٿي تہ اندر بہ اوري ٿي، پهاڙن کي چوي ٿي:

ڏونگر! مون نہ ڏکوءِ، آئون اڳ ڏکوئي آهيان،
ساريان ڪونہ سکوءِ، سور گھٽائي سنبران!

انسان پاڻ ڇا آهي؟ هو تہ صرف هن ڪائنات، هن خدائيءَ جو هڪ حصو آهي، جز آهي، پر پنهنجي اندر ۾ بہ هڪ ڪائنات رکي ٿو، هن جا احساس جذبا ۽ پورو وجود فطرت جو سڀ کان مٿانهون ۽ اشرف وجود آهي ۽ ٻين ساڳين وجودن سان جڙيل آهي. اهو ڪائنات جي ٻين جزن سان سلهاڙيو پيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن سان جذباتي وابستگي بہ محسوس ڪري ٿو. ڪيس ڪڏهن هيڪلائيءَ ۾ ڏاڍا ڏونگر بہ دوست ۽ ساٿي ٿا لڳن. سسئيءَ ڏونگر مان بہ همدرديءَ جي آس رکي ٿي:

ڏونگر! ڏکوين کي دلاسا ڏجن،
گھڻو پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سدا تن، پٿر پير ڏکوئين!

۽ ان ساڳئي پير ڏکوئيندڙ پهاڙ سان پنهنجائپ، دوستي ۽ همدرديءَ وارو رشتو قائم ڪندي، چوي ٿي:

ڏکي ڏونگر پاڻ ۾، ٻيئي وٺا رونِ،
ڪنهن کي ڪين چونِ، منجهن جو پريٽڙو.

وري اچو سر سهڻيءَ تي. ان ۾ بہ فطرت جا ڪيئي رنگ ڏسي سگھجن ٿا. درياهہ، ان جون لهرون، ان جي دهشت، ڪُڙڪا ڪندڙ ڪن ان ۾ موجود مانگر مڇ، انسان جي فائدي توڙي نقصان جو سبب ڪيئي ٻيا عنصر موجود آهن، جن سان سهڻيءَ جو واسطو پوي ٿو. درياهہ جي وهڪري کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

واهڙ! وهين مَ شال، ڦِٽي ٻيلاٽيون ٿيين،
پسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، ليار،
جيئن تو سڀ ڄمار، آسائتيون ٻوڙيون!

اهو درياهہ جنهن جي دهشت ۽ بي رحم موجن آخرڪار سهڻيءَ جي جان وٺي ڇڏي، ان کي ويندي ويندي ميهار چوي ٿو:

ڪنڌي جهليو ڪانهن عاشق اپو دانهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن!
درياهہ! توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام تي.

سو اهڙيءَ طرح فطرت يا Nature سان انسان جي تعلق روين ۽ ورتاءَ جي حوالي سان شاعريءَ ۾ پيش ٿيندڙ پهريون رُخ تجسيم وارو (Personification) آهي، جنهن سان شاهہ جو رسالو پريو پيو آهي ۽ هتي اسان صرف ڪجهہ مثال ڏنا آهن. ان کان پوءِ ٻيو رُخ آهي هڪجهڙائيءَ، ڀيٽ ۽ تقابل جو، جنهن کي Analogy چيو ويو آهي. شاعريءَ ۾ ان لاءِ تشبيهہ ۽ استعاري کان ڪم ورتو ويندو آهي. دنيا جا سمورا شاعر ان قسم جي شاعراڻي صنايع بدايع کان ڪم وٺندا آهن، پر شاهہ صاحب وٽ پنهنجا

معيار آهن. مشرقي شاعريءَ ۾ عام طور محبوب جي سونهن سان تشبيهه لاءِ ’چنڊ‘ جو انتخاب ڪيو ويندو آهي ۽ محبوب کي چنڊ جهڙو سهڻو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. يعني انهن وٽ سونهن جو معيار ”چنڊ“ هوندو آهي. پر شاهه وٽ سونهن جو معيار چنڊ نه پر سندس پرين آهي، جيڪو ڪائنات جي هر سهڻي شيءِ کان وڌيڪ سهڻو آهي. اهو به ته آخر هن فطرت جو حصو آهي. اها فطرت نه صرف سهڻي آهي، پر پياري به آهي، ان کي پنهنجو هڪ منفرد وجود آهي، جيڪو هن ڪائنات کي روشن ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي. شاعر چوي ٿو:

سهسين سجن اڀري، چوراسي چنڊن،
بالله ري پرين، سڀ اونداهي پانيان!

’هزارين سج‘ ۽ ’چوراسي چنڊ‘ ملي به ايترو سوجهرو نٿا ڪري سگهن، جيترو پرينءَ جي وجود جي روشنيءَ سان عاشق جي ڪائنات ۾ ٿئي ٿو. ڇا ان کان وڌيڪ فطرت جي حسن جي ڀي ڪا تشبيهه ٿي سگهي ٿي؟ آسمان ۾ سج چنڊ، تارا، ڪتيون، تيڙو لُڏا، سڀ جا سڀ مظهر آهن. انهيءَ فطرت جا ۽ شاهه صاحب ڪڏهن هن تاري ته ڪڏهن هُن تاري ۾ پنهنجي پرينءَ کي پسي ٿو.

هن تاري، هن هيٺ، هت منهنجا سپرين!
سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين!

تارا ڳڻڻ هڪ اصطلاح آهي، جيڪو عام طرح عاشقن لاءِ مخصوص آهي، پر شاهه صاحب جو مشاهدو ان کان مختلف آهي. جنهن ماڻهوءَ به رات جو اڱڻ ۾ کليي آسمان هيٺان ليٽي تارن کي ڏٺو هوندو ۽ فطرت جي انهيءَ مظاهري کان متاثر ٿيو هوندو، اهوئي سندس احساس کي سمجهي سگهندو ته ڪيئن ڪيس هرهڪ تاري ۾ پنهنجي پرينءَ جي شبيهه ٿي نظر اچي. صرف اڪيلا تارا نه پر آسمان ۾ تارن جا جهرمٽ، نکٽ، ميڙ، منداڪنا ڦيرا، ڪيرڏاراڻون ۽ ڪهڪشائون (galaxies and consellaions) سڀ ڪائنات، قدرت ۽ فطرت جي ساک ڀرين ٿيون. انهن جو نظارو ۽ مشاهدو پڻ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. ساڳئي وقت ندين، نئين جي وهڪرن، طوفانن ۽ هلچل جو به منظر پيش ڪري ٿو:

نه ڪو سک نکتين، نه ويساند نئين،
جيڪا اچي ساميهن، پانئيين سا سئين،
موڙي ڪوهه مئين، جيئن سڄيون راتيون سمهين!

هن بيت ۾ آسمان ۽ زمين، نين ۽ وهڪرن، تارن ۽ نکٽن جهڙن فطرت جي مظهرن جي خوبصورت حرڪتن، هلچل ۽ بيچينيءَ جو تمام ڇٽو عڪس پيش ڪيو ويو آهي. جنهن کي انساني زندگيءَ سان لاڳاپي، انسان کي به اهڙي متحرڪ زندگي گذارڻ جو درس ڏنو ويو آهي. سمنڊ ۾ سفر ڪندڙ سامونڊي يا ناکئا جيستائين راتيون جاڳي خبرداريءَ سان ڏکين حالتن کي منهن نه ڏيندا، تيسين ڪجهه به هڙ حاصل ڪونه ٿيندن. پر انهن سامونڊين جي ڀويان ڇڏيل ونين جي فطري جذبن ۽ احساسن کي به اسان جي شاعر ڪونه وساريو آهي، جيڪي مندون متجڻ سان، وڻن ٽڻن ۾ آيل تبديلين کي انتظار جي موسمن سان ڀيٽي هيئن ٿيون اظهار ڪن:

سر نسريا پاند، اتر لڳا آءُ پرين،
مون توڪارڻ ڪانڌ، سهسين سکائون ڪيون!

جن ماڻهن ڳوناڻي فطري ماحول ۾ سَرن جو نسرڻ ڏٺو هوندو اتر جي ٿڌين هوائن سان سياري جي ابتدا ٿيندي محسوس ڪئي هوندي، اهي ئي هن اڪيلي وڻجاريءَ جي فطري جذبن کي سمجهي سگهندا ۽ سندس طرفان انتظار جي ڪيفيت ۾ سکائون باسڻ جو مقصد ڄاڻي سگهندا. ڇا ان کان وڌيڪ انساني فطرت کي ڄاڻڻ جو ڪو ثبوت ٿي سگهي ٿو!

سمنڊ کان علاوه درياهه جي دهشت جو هي منظر ڪيترو حقيقي آهي، اهو پڻ ڏسو:

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪڙڪا ڪن ڪرين،
ٻچل ٻانڊي ٻار ۾، جت لهريون لوڏا ڏين،
شناور سامها، سيڙاهيا نہ سنڊين،
ويريون واٽ نہ ڏين، ساهڙ سير لنگهائيين.

درياهہ جون لهرون، ان ۾ ڦيرا ڏيندڙ ڪُن، خوفناڪ جانور، وڏا وڏا بند ان ۾ هلڪڙين ڏانڊين وانگر لوڏا کائيندا ترندا وڃن. اتي هڪ انسان جي ڪهڙي مجال آهي جو اهو ان کي پار ڪري سگهي. اهو منظر حسين هئڻ بدران درياهہ جو خوفناڪ منظر پيش ٿو ڪري، جيڪو پاڻ فطرت جو هڪ رنگ آهي ۽ ماڻهو ان کان خوف ٿو محسوس ڪري.

شاعريءَ ۾ فطرت کي پيش ڪرڻ جو ٽيون رُخ ان جي عڪاسي ۽ ذڪر (Description) آهي. شاعريءَ ۾ جتي ساوڪ، سڪار، گل ڦل وڻ ٽڻ ۽ ميداني پٽ حسين منظر پيش ٿا ڪن، اتي شاهہ صاحب ريگستان کي بہ نٿو وساري جيڪو پڻ فطرت جو هڪ روپ آهي. ان جا رنگ پنهنجا ۽ روپ جدا آهن. ان جون خواهشون ۽ ضرورتون بہ ڌار آهن. شاهہ صاحب ٿر جي صحرا جي پسمنظر ۾ مارئي ۽ سارنگ جا سُر تخليق ڪيا آهن. ۽ پنهنجي تخليقي سگهہ سان انهن ۾ فطرت جا سمورا رنگ پري ڇڏيا آهن. جن ۾ انسان، حيوان ۽ واريءَ جون ڀِٽون هڪ جهڙا اهم آهن. فطرت جو هي رنگ تہ ڏسو:

هن منڊ مارو سنرا، ويڙهين وڳ وارين،
ڇڇين ڇيڪاريو، ڇيلڙا، ڀٽين ڀهرائين،
نيڻ منهنجا ان ڪي، جڃهو جر هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا موٽ تون!

انهيءَ ريگستان جي بي رنگ ماحول ۾ قدرت جا ڪيڏا نہ رنگ وکريل آهن، ٿر جي مور پکيءَ جي حسن جو سيڪو شيدائي آهي، جو اهو انهيءَ بي رنگيءَ جي ڪمي پوري ڪري ٿو ٿر جون عورتون پنهنجي رنگ برنگي پيرت ۽ ڪاون لڳل گجن ۽ گهاگهرن سان ڪيئن نہ وايومنڊل کي رنگين بنائي ٿيون ڇڏين. پر اسان جي شاعر کي انهيءَ فطرت جي حسن ۾ غربت ۽ اڻهوند جي چتي ڏاڍو پريشان ٿي ڪري ۽ چوي ٿو:

ور سي وطن ڄائيون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوچڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سچ ڳڻائي سيج ۾!

اها سچ ۽ رُڃ بہ تہ هن ڪائنات جو هڪ رُخ آهي، جنهن کي شاعر نٿو وساري، ۽ هو ان جي سختين کان نجات لاءِ بادل ۽ برسات واري ”سُر سارنگ“ ۾ سموري خدا جي خدائيءَ ۾ سک ۽ سڪار جي دعا ٿو ڪري:

حڪم ٿيو بادل کي تہ سارنگ ساٿ ڪجن،
وڄون وسڻ آيون، ٿهہ ٿهہ مينهن ٿمن.

يا وري بادل ۽ برسات جي خوبصورت عڪاسي، ان سان لاڳاپيل ڇم ڇم ۽ رم جهم جو سنگيت، گوڙيون ۽ ڪنوٽيون ۽ ڀلر جي پالوٽ جو هي منظر ڏسو جيڪو فطرت سان پيار ڪندڙن لاءِ ڪنهن مڌ جي مستيءَ کان گهٽ ڪونهي:

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪڍيا برجن سين،
ساز سا ارنگيون، سرندا، وڄائي بر جنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڏام تي.

وري فطرت جي حسن جي هڪ ٻئي مظهر جي عڪاسيءَ لاءِ سُر ڪاموڏ جو هي بيت ڏسو:

هيٺ جر مٿي مَڃر، ڪنڌيءَ ڪنؤر ترن،
ورئي واهوندن، ڪينجهر هندورو ٿئي.

ڇا ان کان وڌيڪ حسين فطرت ڪو ٻيو منظر ٿي سگهي ٿو؟ ڪينجهر ڍنڍ ۾ نوري ۽ ڄام تماچيءَ جو ٿڌي هير لڳڻ سان ٻيڙيءَ جي هندوري ۾ جهولڻ، ڪناري تي ڪنول جا ترندڙ گل، مٿان وڻن مان ڇڻندڙ ٻور ۽ ان جي خوشبوءِ ڇوڏاري حسين ماحول، ڇا انساني حواس ان کان وڌيڪ ڪو سهڻو منظر ڏسڻ جي تمنا ڪري ٿا سگهن؟ هونءَ ته شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ فطرت جي اهڙن حسين منظرن جو ڪو مقابلو ڪونهي، پر اتي مون کي وردس ورٿ جي نظم Deffodils جون ٻه سٽون هنيين تي هُري آيون آهن، ڏسو ته ٻنهي ۾ ڪيڏي مناسبت آهي هو انهن گلن کي ڏسي چوي ٿو:

Besides the lake, beneath the trees

Fluttering and dacing in the breeze.

سو اسين چئي سگهون ٿا ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ نه صرف فطرت جي مظهرن جو مشاهدو ڪيو آهي، پر هن انهن کي پنهنجي تخيل جي مدد سان سنواري، ٻيهر مرتب ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن سان هن ڪائنات جي هرڪا شيءِ چڻ ته ڪو استعارو بڻجي وئي آهي ۽ اسين هڪ طرف ته فطرت جا اهڙا ته رنگين حسين جلوا ٿا ڏسون جيڪي سندن اعليٰ جمالياتي ذوق جي گواهي ٿا ڏين، پر ٻئي طرف اهي اسان جي دل موهيو وجهن.

اها حقيقت آهي ته شاهه صاحب وٽ فطرت انسان کان سواءِ نامڪمل آهي، بلڪ انسان ته ڇا خدا جي سموري مخلوق فطرت جو اٽوٽ انگ آهي. ساڳيءَ طرح انسان به ان کانسواءِ اڌورو آهي.ا هي ٻئي هڪ ٻئي جي تڪميل ٿا ڪن. تڏهن ته چوي ٿو:

سارنگ کي سارين ماڙهو مرگهه مينهيون،
آرون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سمونڊ ۾، نئين سج نهارين،
پلر پيارين ته سنگهارن سک ٿئي.

ڇا ته نظارو آهي! زمين تي رهندڙ انسان ۽ ٻيا ساهوارا، سمنڊ اندر سپجندڙ سپون، آسمان ۾ اڏامندڙ تاڙن جي تنوار، مينهن لاءِ آسائتيون آرُون- سڀڪجهه ڪيڏو نه من موهيندر آهي. اهائي ته فطرت آهي. جنهن جي لاجواب عڪاسي صرف شاهه لطيف جهڙو شاعر ئي ڪري سگهي ٿو.

(7 جولاءِ 2013ع تي شاهه لطيف ڪانفرنس، ڪراچيءَ ۾ پڙهيو ويو).

# دیوان علي ع ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو تقابلي اڀياس

_ تاج جويو

مون ڪجهہ عرصي کان وٺي شاهہ لطيف جي ’فڪري سرچشمن‘ تي لکڻ جي شروعات ڪئي آهي، ۽ اڄ بہ اُن ئي تسلسل ۾ پنهنجا ويچار ونڊڻ چاهيان ٿو.

مون پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ: ’شاهہ لطيف، سنڌ جي فڪري تاريخ ۾، ’نئين جاڳرتا‘ (Renaissance) جو علمبردار هو.‘ ان ڏس ۾ لطيف جي ’فڪري سرچشمن‘ جي تلاش ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ مٿس ’تصوف‘ جو اثر، سڀ کان وڌيڪ غالب هو. پر اُهو تصوف وارو تصور ۽ اثر تقليدي نہ هو. شاهہ صاحب مشرق، وچ مشرق ۽ مغرب جي ويدانتين ۽ صوفين جي وسيع فڪري اڀياس کان پوءِ، جنهن چنڊبيل ۽ چڙيل تصوف جو تصور پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي، اُهو نج ’سنڌي تصوف‘ آهي، جنهن ۾ عرب ۽ عجم جي تصوف ۽ ويدانت جو حسين امتزاج موجود آهي. اِن ڏس ۾ آءٌ هن کان اڳ، شاهہ صاحب تي قرآن ڪريم، حديث، عربي، فارسي، هندي ۽ پنجابي شاعريءَ، حسين بن منصور حلاج جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ جي اثرن بابت بہ تفصيلي مضمون لکي ۽ ڇپائي چڪو آهيان، ۽ اڄ هتي هڪ نئين رُخ/ فڪري سرچشمي بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪريان ٿو، جيڪو آهي:

’ديوانِ علي عليه السلام ۽ شاهہ لطيف جو تقابلي اڀياس‘

تصوف جي سمورن صوفي سلسلن جو سرواڻ ۽ سردار حضرت علي عليه السلام کي سمجهيو ويندو آهي، ڇو تہ علم ۽ عقل جي منبع حضرت محمد ﷺ جي حديث آهي تہ **’اَنا مدينةُ العلمُ وعليٌ بابُها‘** (يعني: ’آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ علي اُن جو دروازو آهي‘). ان سلسلي ۾ رسول پاڪ جي هڪ ٻي بہ حديث آهي تہ **”توحيد جو علم سڪڙو اٿوَ تہ عليءَ جي در تي اچو“**. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سمورن صوفي شاعرن وٽ حضرت عليؑ جي منزلت اعليٰ رهي آهي، جڏهن تہ عام مُلان، قاضي، شيخَ ۽ محتسبَ، عليءَ جي مقام کان بيخبر يا بي بهره رهيا آهن. تڏهن ئي تہ مولانا روميءَ چيو آهي تہ:

قاضي و شيخ و محتسب دارد بدلِ بغضِ علي

حضرت قلندر شهباز حضرت علي عليه السلام سان عقيدت جو اظهار هن ريت ڪيو آهي تہ:

حيدريم، قلندرم، مستم،<br>
بندهءِ مرتضيٰ علي هستم.

_ ۽ عالمن جي اڪثريت جو خيال آهي تہ شاهہ لطيف هيٺيون بيت حضرت علي ع جي عقيدت عقيدت ۽ احترام ۾ چيو آهي:

سِڪين ڪُه سلام کي، ڪرين ڪُه نہ سلام؟<br>
ٻيا در تن حرامُ، ايءَ در جنين ڏيکيو!

(سُر ڪلياڻ، داستان 3، بيت 9)

اهڙيءَ ريت وري سُر رامڪليءَ جي داستان پهرئين جي بيت نمبر 37 ۾ چوي ٿو:

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي،<br>
ديکي تن دُوارڪا، مَهيسين ملهي،<br>
**آڳه جن علي،** آءٌ نہ جيئندي اُن ري!

هاڻي ڏسڻو اِهو آهي تہ ڀٽائيءَ جو حضرت علي عليہ السلام لاءِ اهو احترام ۽ اها عقيدتَ، حسب نسب جي ڪري هئي، هڪ عام مسلمان واري حيثيت ۾ هئي، يا سندس منزلت ۽ مقام جي شناسائيءَ سبب هئي. منهنجيءَ نظر ۾، ڀٽائي عام شاعرن وانگر مقلد نہ هو پر عليءَ جي 'علم' ۽ 'ولايت' کان آگاهہ هو ۽ کيس 'نهج البلاغہ' توڙي 'ديوانِ عليءَ' جو وسيع مطالعو هو.

مون هن کان اڳ پنهنجي هڪ طويل مضمونَ، "شاهہ لطيف اُمي نہ، پر عالم هو"، ۾ حضرت علي عليه السلام جو هڪڙو مقولو بيان ڪيو هو، جيڪو لطيف سائينءَ، سُر مارئيءَ جي داستان ٻئي جي بيت نمبر 3 ۾ ڪتب آندو هو:

جڏ ان 'ڪُن فيڪونَ' نيو، آرياڻيءَ ارواح،
انگُ اڳيئي لِکيو، منهنجو ميثاقاءُ،
من طَلبَ شيئاً وَجَد وجدَ، اُتو علي شاهہ....

هن مقولي: 'من طلبَ شيئاً وَجَد وجَد' ('جيڪو شخص، ڪنهن شيءِ جي طلب رکي ٿو، اُن لاءِ ڪوشش ڪري ٿو، پائي ٿو') کي لطيف سائينءَ سُر حسينيءَ جي هڪ بيت ۾ 'نج سنڌي مفهوم' ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

پُڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندي‌ون ڏِسن، اگِھڻَ عجيبن جا!

(داستان 7، بيت 1)

تازو ڪجهہ ڏينهن کان منهنجي مطالعي هيٺ **'انوار العقول'** يعني **'ديوان حضرت علي عليه السلام'** – رهيو آهي، جنهن جو اردوءَ ۾ ترجمو ائڊووڪيٽ، ڊاڪٽر عمران لياقت حسين ڪيو آهي. اُن کان اڳ مون 'ديوان منصور حلاج' مترجم مظفر اقبال بہ پڙهيو هو پر اُن جي اردو مترجم، ترجمي سان گڏ جيڪا خود ساختہ تشريح ڪئي آهي، اُن اصل شاعريءَ جو لُطف ئي وڃائي ڇڏيو هو. پر عمران لياقت حسينَ، ديوانِ عليءَ جو ترجمو بلڪل ايماندارانہ ڪيو آهي. عربيءَ جي 'ڪم ڪڍائو چاڻ' هئڻ ڪري، مون کي ديوانِ عليءَ جي اصل متن ۽ اردو ترجمي جي موازني توڙي مطالعي ڪافي لطف ڏنو. ديوانِ عليءَ جي اڀياس، مون کي حيرانگيءَ جي حد تائين محسوس ڪرايو تہ ڀٽائيءَ، ديوان عليءَ جو نہ رڳو مطالعو ڪيو هو پر اُن جو اثر سندس شاعريءَ مان نکري نروار ٿي بيٺو آهي.

شاهہ لطيف جي اڪثر شارحن، سندس 'فڪري سرچشمن' جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي تہ "شاهہ صاحب سفر ۽ حضر ۾ قرآن ڪريم، مثنوي مولانا روم ۽ شاهہ ڪريم جو رسالو ساڻ کڻندو هو." پر منهنجو ذهن، ان ڳالهہ تي اڪتفا ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، جو مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن شاهہ صاحب وٽ سفر ۽ حَضر ۾ مٿيان ٽي مقدس ۽ محترم ڪتاب موجود هوندا هئا تہ پوءِ ديوان علي ۽ ديوان منصور حلاج بہ ضرور هوندا، ڇو تہ هُو مٿين ٽن مقدس ڪتابن سان گڏ هنن ٻنهي ديوانن (ديوان علي ۽ ديوان منصور حلاج) جو بہ اڀياسي هو يعني سندس مطالعي هيٺ 'پنج گنج' رهيا هئا.

**'انوار العقول'** يعني **'ديوان حضرت عليؑ'**، ڪنهن خاص فرقي يا مَسلڪ جي ميراث نہ آهي، پر علم ۽ ڏاهپ جو ڀنڊارُ ۽ آفاقي سچائيءَ (Universal Truth) جو آئينہ دار آهي. ديوان عليؑ، معرفت ۽ حڪمت جو اُهو سرچشمو آهي، جنهن لاءِ لطيف جي لفظن ۾ اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ:

'ماسو جڙيئي مال، تہ پوڄارا پُر ٿئين!'

**'ديوان عليءَ'** جو اڀياس 'نفسِ مُلا' لاءِ ممڪن ئي نہ آهي. هن فڪر انگيز بحر ۾ ٽُٻي، هر غواص يا ٽوٻو هڻي نہ ٿو سگهي. اُن جي لاءِ 'لطيفي نگاهہ ۽ فهم' جي ضرورت آهي. اُن ڪري آءٌ، **'انوار العقول'** مان ڪجهہ روشن سِٽون چونڊي، اُنهن جي ڀٽائيءَ جي بيتن سان ڀيٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

ديوانِ علي: فَاِنْ يَكُنْ لَهُمْ مِنْ اَصْلِهِمْ شَرَفٌ
يُفاخِرُونَ بِهٖ فَالطِّينُ وَالماءُ

ترجمو: انسانُ پنهنجي اصل جي اشرف هئڻ تي فخر ڪري ٿو، پر سچ پچ اُهو فخر مٽيءَ ۽ پاڻيءَ تي فخر ڪرڻ جي برابر آهي.

لطيف سائينءَ اِن حقيقت کي هڪ لازوال سِٽ ۾ هن ريت سمايو آهي:

’سَو نہ ڳهين شيءِ ۾، جيڪي منجهہ تُرابَ‘

(سُر سهڻي، داستان 1، وائي 1)

حضرت عليؑ فرمائي ٿو:

فَاِنْ أَتَيْتَ بِفَخْرٍ مِنْ ذَوِي نَسَبٍ
فَاِنْ نِسْبَتَنَا جُودٌ وَعلياءُ

ترجمو: انسان پنهنجي حسب نسب تي فخر ڪري ٿو پر اصل ۾ اهو فخر حسب نسب تي نہ آهي، پر اُن (انسان) جي سخاوت ۽ اعليٰ پڳي (ڪردار/ عمل) تي آهي.

لطيف سائين، اِن خوبصورت خيال کي پنهنجي تخليقي ٻوليءَ ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

’ذَاتِ نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لهي!‘

(سُر پرڀاتي، داستان 1، بيت 13)

’انوار العقول‘ ۾ حضرت علي سائين فرمائي ٿو تہ:

لَا تَطْلُبَنَّ مَعِيْشَةً بِمَذَلَّهٖ
وَ اَرْبَاءُ بِنَفسُکَ عَن دَنِي الْمَطْلَبِ

ترجمو: ذلت ذريعي پنهنجو معاش (گذران) حاصل نہ ڪر، پنهنجو پاڻ کي پست خواهشن/ سَڌُن کان مٿانهون ڪر!

ڇا، شاهہ صاحب جو هيٺيون بيت، حضرت عليءَ جي اِن عظيم نُڪتي جو خوبصورت اظهار نہ آهي؟

طلبَ جي تنوارَ متان ڪرين مڱڻا،

ڏِکي کندءِ ڏارَ ماڻڪُ ڏيئي مُٺ ۾!

(سر پرڀاتي، داستان 1، بيت 24)

حضرت علي عليه السلام ’نگاهہِ ناز‘ جو ذڪر پنهنجي هڪ شعر ۾ هن ريت ڪري ٿو:

وَكُنَّا بِمَرّآة نَرَي النُّورَ وَالْهُدىٰ
صَباحَ مَساءَ راحَ فِينا اَوِ اَغْتَدىٰ

ترجمو: اسان سندن ’نگاهن‘ ۾ هئاسون ۽ ان ڳالهہ ۾ صبح ۽ شام ٿيندي هئي تہ اسان نُور ۽ هدايت جو فيض حاصل پيا ڪريون.

ساڳي ڳالهہ لطيف سائين بہ سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ٻئي جي بيت نمبر 32 ۾ هن ريت ڪري ٿو:

مُلهہ مهانگو قطرو، سِڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرينءَ جا!

صوفين وٽ صبر، جي وڏي اهميت آهي ۽ صبر جميل کي ’عاقبت جي سنوار‘ سمجهندا آهن. اِن ڏس ۾ حضرت علي عليه السلام چوي ٿو:

تَرَدَّ رداءَ الصَّبْرِ عِنْدَ النَّوَائِبَ
تَنَلْ مِنَ جَمِيلُ الصَّبْرِ حُسْنُ الْعَواقِبِ

ترجمو: صبر جي رِدا (چادر) اوڍي، پاڻ کي تڪليفن کان لڪاءِ، ڇو تہ صبر جميل جو نتيجو عاقبت جي سُونهن (سنوار) آهي.

شاهہ لطيف جي سُر يمن ڪلياڻ جي داستان 7 جا ڪيترائي بيت، ’صبر‘ جي اهميت بيان ڪن ٿا، مثلاً:

نِمي ڪَمي نهار تون، ڏمر پاسو ڏُک،
منجهان صبر سُک، جي سَنوارئا! سمجهيين!

—

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏولائو
ٿيئي ساڃائو جي اُڀين انهيءَ پير تي!

—

ڏمَر پاسو ڏُک سين، ڪانڌ ڪٺوريءَ هوءِ،
وَاللهُ مَع الصابرين، آگو ايهين چوءِ!

—

ڪَمِ! ڪَمندن ڪٺيو هارايو هُوڙن،
چَڪيو نہ چوندَن، هُو جو ’ساءُ صبر جو‘.

’صبر جو ساءُ‘ ۽ ’صبر منجهان سُک‘ جهڙيون ترڪيبون، پڻ ٿائيءَ نهايت خوبصورت نموني ڪم آنديون آهن، پر ’سنوارئا‘ جو اصطلاح، ’عاقبت جي سونهن‘ يا ’عاقبت جي سنوار‘ لاءِ ڪم آڻي، هن علي عليه السلام جي شعري ترڪيبَ ’حُسنُ العواقب‘ جو ڪيڏو نہ سُهڻو ترجمو يا متبادل لفظ ڪم آندو آهي!

’صبر‘ جي پسمنظر ۾ چاهيان ٿو تہ حضرت عليءَ جو هڪ ٻيو شعر بہ پيش ڪري ڇڏيان:

فَاِنۡ تَسَاءَ لِيۡني: کَيۡفَ اَنۡتَ؟ فَاِنَّنِي،
صَبُورٌ عَلىٰ رَيۡبِ الزَّمانِ صَلِيۡبُ

ترجمو: جيڪڏهن تون مون کان پُڇين تہ تون ڪيئن آهين؟ (تہ آءٌ چوان ٿو) آءٌ زماني جي ناسازگاريءَ تي صابر آهيان، مضبوط ۽ مستحڪم آهيان.

—

حضرت علي سائينءَ جو هڪ حمديہ شعر آهي:

يُنَادِي بِالۡتَّضَرُّع: يا اِلٰهِي،
اَقِلۡنِي عَثۡرَتِي وَاُسۡتُر عُيوبِي

ترجمو: ياالله! هُو گريي ۽ زاريءَ سان توکي پُڪاري رهيو آهي تہ مُنهنجا مولا ڪرم ڪر ۽ منهنجن عيبن تي پردو رک!

اِن اعليٰ خيال کي لطيف سائينءَ ڪيڏي نہ خوبصورت پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي، جو پڙهي سُهڻي ۽ تخليقي ترجمي جو گمان ٿئي ٿو:

سَتُر ڪر ستارَ آءٌ اُگهاڙي آهيان،
ڍَڪين ڍڪڻهارَ ڏيئي پاند پناهَہ هوا!

(سُر ڏهر، داستان 1، بيت 31)

لطيف جي پيشڪش پنهنجي آهي ۽ جمالياتي تخليقي ٻولي پڻ پنهنجي آهي!

’انوار العقول‘ ۾ علي سائينءَ جو هڪ شعر آهي تہ:

وَاَنۡتَ تُجِيبُ مَنۡ يَّدۡعُوکَ رَبِّي،
وَتکۡشِفُ ضَرَّ عَبۡدُک يا حبيبي،
وَدَائِي باطنٌ وَلَدَيۡکَ طِبٌ
وَمَنۡ لِّي مِثۡلَ طِبکَ يا طبيبي.

ترجمو: اي منهنجا مولا! تون اُن کي جواب ڏين ٿو جيڪو توکي پُڪاري ٿو. اي منهنجا حبيب! تون پنهنجن ٻندن جو درد دفع ڪندو آهين. منهنجو جيڪو بہ لڪل درد آهي، اُن جي تو وٽ ئي دوا دارون آهي. اي طبيب! منهنجو علاجُ تنهنجي وس ۾ آهي!

هن شعر جا ’تجيب‘، ’حبيب‘ ۽ ’طبيب‘ لفظ ذهن ۾ رکي، شاهہ جي رسالي جي سُر ڪلياڻ جي داستان ٽئين جي هيءَ وائي مطالع ڪريو:

ٿيندو تن طبيبُ، دارون منهنجي دردَ جو!
ٻُڪي ڏيندمُ ٻاجهَہ جي، اڃي شالَ عجيبُ،
پرين اچي پاڻ ڪِئو، سندو غور غريبُ،
ڏُکندو سيئي ڏور ڪئو، منجهئون تَن طبيب،
اديون عبداللطيف چئي، هاتڪ آهہ حبيب!

ڇا، هن کان پوءِ بہ ڪو چئي سگهي ٿو تہ شاهہ لطيف کي ديوانِ علي/ ’انوار العقول‘ جو مطالعو نہ هو؟

ديوان عليءَ ۾ هڪ شعر موجود آهي:

اِذَا شِئۡتَ اَنۡ تَقۡلِي فَزُرۡ مُتَواتِراً

وَاِنْ شِئْتَ اَنْ تَزْدادَ حُباً فَزُرْغِبا
مُنادَمَةُ الْاِنْسانِ تَحْسُنُ مَرَّةً
وَاِنْ اَكْثَرُوا اَدْمانُها اَفْسَدُو اَلْحُبَا

ترجمو: هُو توکي گُهري ٿو تہ توکي دشمن رکي تہ لڳاتار سندس گهر وڃ. جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ هُو توسان وڌيڪ محبت ڪري تہ ڪڏهن ڪڏهن ساڻس ملندو ڪر!

انسان سان اُٺڻ ويهڻ ڪڏهن ڪڏهن سُٺو لڳندو آهي، ۽ اهو اڇڻ وڃڻ وڌي وڃي تہ دوستي خراب ٿي پوندي آهي.

حضرت علي سائينءَ جي ان نقطہ نظر کي لطيف سائينءَ، سُر يمن ڪلياڻ جي داستان اٺين جي پهرئين بيت ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

هَر هَر هرائي، وڃڻ دَرِ دوستن جي،
پاڙي ڏانهن پِرينءَ جي، اُجهہ نہ اوائي،
الڙ ٿي مَ آچ تون، واتاڙن وائي....

حضرت علي عليه السلام وڏو مستقبل بين ۽ مستقبل شناس مفڪر، عالم ۽ شاعر هو. هو ايندڙ وقت جي حالتن/واقعن جو اندازو لڳائي سگهندو هو. **’حضرت امام حسين کي نصيحت‘** عنوان واري هڪ ڊگهي نظم ۾، حضرت عليءَ جي مستقبل جي نگاهہ جو اندازو تہ لڳايو، هُو چوي ٿو:

كَانِّي بِنفْسِيَ وَاَعْصابِهَا
وَبِالْكَرْبلاءِ وَمحرابِها
فَتُخْضَبُ مِنَّا اللُّحيٰ بِالدِّماءِ
خِضَابُ الْعُروسِ بِاَثْوابها

ترجمو: جيئن تہ آءٌ ۽ منهنجا آئيندي ايندڙ ڪربلا ۾ هوندا ۽ آندا ويندا. اسان جون ڏاڙهيون رت سان رڱيون وينديون، جهڙيءَ ريت ڪنوار جا ڪپڙا (ڪهنبا) رڱيا ويندا آهن!

شاهہ لطيف، علي عليه السلام جي اِن پيش گوئيءَ ۽ مستقبل بينيءَ واري تدبر ۽ علم کان آگاهُہ نہ هجي ها ۽ سندس ديوان عليءَ جو اڀياس نہ هجي ها تہ سُر ڪيڏاري ۾، ڪربلا جي ميدان جو هينيون نقشو نہ چٽي ها، جتي حضرت امام حسين جي ڏاڙهي رت ۾ رڱجي لال ٿي هئي.

’**ڏاڙهي رت رتياسِ**‘، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جئن،
چوڏهينءَ ماهہ چنڊ جئن، پڙ ۾ پاڳڙياسِ،
ميڙي ۾ محمد جي، مَر مرڪي ماس،
ته سورهہ کي شاباسِ، جو مٿي پِڙ پُرزا ٿئي!

(سُر ڪيڏارو، داستان 5، بيت 1)

’**ڏاڙهي رت رتياس**‘، ڏند تہ موتيءَ ڳُتيا،
چوڏهينءَ ماه چنڊ جئن، پڙ ۾ پيشانياس،
اللهُ نور السّموت والارض، جلوو زمينياسِ،
**ڪڪرا ڪربلا جا**، مادر ٿي ميڙياسِ،
ڦٽن تان رت ڦُڙا، عليءَ ٿي اُگهياسِ،
مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خونَ جي!

(سُر ڪيڏارو، داستان 5، بيت 2)

ٻئي نمبر بيت ۾ ”ڪڪرا ڪربلا جا، مادر ٿي ميڙياسِ“ ۽ ”ڦٽن تان رت ڦڙا، عليءَ ٿي اُگهياس“ واريون سٽون ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. حضرت بيبي فاطمه ۽ حضرت عليؑ ظاهري طور/ جسماني طور ميدانِ ڪربلا ۾ موجود ڪونہ هئا، تہ پوءِ پٽائيءَ ائين ڇو لکيو آهي؟ جواب چٽو ۽ پڌرو آهي، جيڪو علي عليه السلام جي شعر ۾ موجود آهي: ’كَانِّي بِنَفْسِي وَاَعْقابِها‘، ’وَبِالْكَرْبلاءِ وَمحرابِها‘ (يعني: آءٌ ۽ منهنجا آئيندي ايندڙ ڪربلا ۾ هوندا ۽ آندا ويندا).

پلي شاهہ لطيف جا ڪي شارح ۽ عالم، سُر ڪيڏاري کي لطيف جي رسالي مان ڪڍي ڇڏينِ يا اُن ۾ شامل ڪرڻ کان ڪيٻائينِ، پر مٿين بيتن

جي ٻولي پري کان ٻولائي رهي آهي تہ ”هيءَ ٻولي رُڳو ڀٽائي ئي ڪتب آڻي سگهي ٿو ۽ اهڙيون سٽون ڪو ٻيو ماءُ ڄڻيو شاعر تخليق ئي نہ ٿو ڪري سگهي!“

ڇا، ڪربلا جي شهيدن جي شهادت کي، ڀٽائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو شاعر هيئنءَ ريت خراج پيش ڪري سگهي ٿو؟

سختي شهادت جي، مڙوئي ملارُ

(سُر ڪيڏارو، داستان 1، بيت 9)

—

سختي شهادت جي، سُڻ شاديءَ جو ڏينهُن

(سُر ڪيڏارو، داستان 1، بيت 1)

—

سختي شهادت جي، نسوروئي نازُ
ڪي رند پروڙن راز، قضئي ڪربلا جو!

(سُر ڪيڏارو، داستان 1، بيت 11)

هيءَ ٻولي نہ **احسان فقير لانگاهہ** لکي سگهي ٿو، نہ **سيد عبداللطيف قادري هالائي** ئي تخليق ڪري سگهي ٿو، هيءَ صرف ڀٽائيءَ جي ٻولي آهي.

هن مختصر اڀياس ۾ مون ديوان حضرت عليؑ ۽ شاهہ جي رسالي مان ڪي چانور مَس چکايا آهن، ديڳ جو ڏڪڻ لاهڻ منهنجي وس ۽ وسعت کان مٿي آهي!

’جي ماسو جُڙئي مال تہ پُوڄارا پُر ٿئين!‘

هن مختصر اڀياس جي پڄاڻي، حضرت علي عليہ السلام (شاهہ) جي معرڪة الآرا ڪتاب ’نهج البلاغہ‘ مان هڪ قول تي ڪريان ٿو:

رُبَّ عالِمٍ قَدْ قَتَلَهُ جَهْلُهُ وَعِلْمُهُ مَعَهُ لَايَنْفَعُهُ

ترجمو: ’ڪيترائي اهڙا عالم آهن، جن کي جهالت تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ علم وٽن هو پر اُن مان لاڀُ نہ پرايائون.‘

لطيف سائينءَ اِن خيال کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق ورائن وِترا!

—

**مددي ڪتاب:**


1. انوار العقول يعني ديوان حضرت علي عليہ السلام: مترجمہ ڊاڪٽر عمران لياقت حسين، مڪتبہ حامد ڪراچي، ٻيو ڇاپو، 1996ع
2. نهج البلاغہ معہ اضافہ خطبہ معجزه: سيد رئيس احمد جعفري، نائب حسين نقوي، عبدالرزاق مليح آبادي ۽ مرتضيٰ حسين فاضل، شيخ غلام علي سنز، لاهور، 1981ع
3. شاهہ جو رسالو پاڪيٽ سائيز: محمد عثمان ڏيپلائي، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور.


—

# گجرات ۾ سنڌي ٻاراڻو ادب

– هوندراج بلواڻي

ٻارن جي لاءِ، ٻارن جي واسطي لکيل آکاڻي، ڪوتا، ناٽڪ، گفتگو، ڊائري، جيون چرتر، مضمون وغيره جو شمار ٻال ساهتيہ (ٻاراڻي ادب) ۾ ٿئي ٿو. ٻار ننڍي، ٿوري ننڍي، تمام ننڍي يا ٿوري وڏي عمر جو ٿي سگهي ٿو. ٻارن جي عمر، سمجهہ، سگهہ، لفظي ڄاڻ وغيره کي ڌيان ۾ رکي لکيل ادب ئي صحيح معنيٰ ۾ ٻال ساهتيہ آهي. اُن جي اُبتڙ، اِنهن ضرورتن مان ڪنهن بہ هڪ ڳالهہ جي ڪوتاهي ان کي ٻاراڻي ادب جي دائريءَ کان پري ڪري ٿي ڇڏي. جڳت ۾ اهڙيون ڪيتريون رچنائون ملنديون، جيڪي ٻارن لاءِ نہ لکيون ويون هيون. تڏهن بہ دنيا جي ٻارن اُنهن کي شوق سان پڙهيو، اپنايو تہ اُهي ٻاراڻو ادب بڻجي پيون. اِن جي اُبتڙ اهڙيون بہ انيڪ رچنائون ملنديون، جيڪي لکيون تہ ٻارن لاءِ ويون هيون، پر ٻارن اُنهن کي نامنظور ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري ٻارن لاءِ لکڻ هڪ چئلينج جو ڪم آهي. جيڪو ادب صحيح سمجهہ سان ٻار پڙهندڙن جي اڳيان پيش ٿيو هوندو، ان کي ٻارن معصوم پيار ڏيئي اپنايو هوندو، پر جيڪڏهن ٻارن کي سمجهڻ بنا، هنن جي ضرورتن کي سمجهڻ بنا ’ٻال ساهتيہ‘ جي ليبل سان ٻارن اڳيان رکيو ويو هوندو تہ اُن طرف ٻارن جي اک ئي نہ ويئي هوندي. ان ڪري ٻاراڻو ادب لکڻ سولو ۽ آسان ڪم نہ آهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. اهو وڏن جي لاءِ ادب لکڻ کان گهڻو وڌيڪ ڏکيو آهي. وڏن لاءِ جڳت جو تہ ڇا، سڄي ڪائنات جو ڪوبہ موضوع هلندو، پر ٻارن اڳيان صرف اهڙا موضوع ٽِڪي سگهندا، جيڪي هن جي آسپاس جي دنيا جا هوندا. وڏن لاءِ ڪهڙي بہ منجهيل ۽ ڏکي ٻولي هلندي، پر ٻارن لاءِ بلڪل سولي ٻولي ئي هلي سگهندي. وڏن لاءِ ڊڪشنريءَ مان ڳولي نج سنڌي لفظ يا اجا بہ جيڪڏهن ودوان پڻو ڏيکارڻو هجي تہ عربي، فارسي، اُردو، هندي، انگريزيءَ جا ڏکيا لفظ ٺنبي سگهبا، پر ٻار صرف اهڙا ئي سولا سادا لفظ پاس ڪندا، جيڪي هنن جي دائري جا هوندا. جي ڪوتا (شاعري) ٿي لکجي تہ ننڍا وزن ۽ چست قافيا ضروري آهن. ٻارن جي ننڍڙي دماغ ۾ گهڙي سندن ڪلپنائن (تمنائن) کي اُڏام ڏيئي سگهن، اهڙيون تشبيهون ضروري آهن. جيڪڏهن آکاڻي يا ناٽڪ ٿو لکجي تہ اُن جي ڪردارن کان وٺي گفتگوءَ تائين ان جي اثردار پيشڪش، ٻارن جي تصور جي پرواز کي ٻل ڏيڻ لاءِ فئنٽسي، سولي ۽ محاوريدار ٻوليءَ جهڙيون ڪيتريون ڳالهيون گهربل آهن. ڪوتا (شاعري) هجي يا آکاڻي يا ناٽڪ يا ٻي ڪابہ رچنا. سيني ۾ وندر هڪ اهم عنصر آهي. جي سکيا بہ شامل ڪرڻي آهي تہ سڌي نہ پر اڻسڌي هوندي تہ ٻار ان کي قبول ڪندا. نہ تہ دوستو سڌي سکيا تہ وڏن کي بہ نہ وڻندي آهي. ٻارن کي تہ اصل نہ وڻندي. ان ڪري جيڪڏهن سکيا ڏيڻي بہ هجي تہ اها رچنا ۾ اهڙيءَ طرح جذب ٿيل هجي جو اها سکيا نہ لڳي.

ٻار هڪ نازڪ ٻج آهي، جيڪو اڳتي هلي وڏو وڻ بڻجڻو آهي. اسان جڏهن ٻاراڻي ادب جي ڳالهہ ڪندا آهيون، تڏهن اسان جي سامهون بيٺل گهر جو تندرست ٻار هوندو آهي. پر ٻارن جي دنيا تي نظر وجهجي تہ ٻار جدا جدا سڀاءَ ۽ مزاج وارا ڏسڻ ۾ ايندا. ٻارن جو هڪ وسيع ۽ وشال ماحول اسان جي آسپاس هوندو آهي، جنهن ۾ ڪي ڇئيوان تہ ڪي ٻي ڇيا، ڪي لُچڙا تہ ڪي پسندڙا، ڪي ڪلٽا تہ ڪي روئڻا، ڪي هوشيار تہ ڪي ڪچا، ڪي چالاڪ تہ ڪي سادا، ڪي شرارتي تہ ڪي خاموش. ائين قسم قسم جا ٻار هوندا آهن، جن کي ٻاراڻي ادب جي ليکڪ کي ڌيان ۾ رکڻو آهي. ٻار کي ڇا کپي، جيڪي کپيس سو ڪيئن ڏجي، جيئن ڪيس اهو وڻي، ان جو خيال رکڻ ٻارن جي ساهتيڪار جي ذميواري آهي. ٻارن جي لاءِ لکڻو هجي تہ

ٽيبل ڪرسيءَ تي ويهي لکڻ بدران ٻارن سان کيڏندي کيڏندي لکڻ گهرجي. هن کي ٻارن جي روپ ۾ خيالي تصور ڪري پوءِ لکڻو آهي.

گجراتيءَ جي مشهور اديب ڊاڪٽر رکشا دوي ٻاراڻو ادب لکندڙن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪڙا اُهي جيڪي شري ڪرشن وانگر "گووردن پربت" پنهنجي آڱر تي کڻي بيهندا آهن. ٻيا اُهي جيڪي گوالن وانگر پنهنجي آڱر سان گووردن پربت کي جهلي بيهڻ ۾ شري ڪرشن جي مدد ڪندا آهن. هر ٻوليءَ ۾ گووردن پربت (جبل) کي کڻڻ وارا موجود آهن. هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو رول آهي.

سنڌي ساهتيڪارن لاءِ هند ۾ ورهاڱي کان ترت پوءِ روٽي روزيءَ ۽ پاڻ کي ٿانئيڪي ڪرڻ جي فڪر ۾ ادب ۽ ٻاراڻي ادب طرف گهڻو ڌيان نه ڏيئي سگهڻ سياويڪ ڳالهه هئي. پر ڪجهه سالن جي خاموشيءَ بعد جيڪو ٻاراڻو ادب اسان کي مليو سو بي مثال هو. 1958ع ۾ موهن ڪلپنا جي ناول 'سرڳ جي ڳولها' ۽ گووردن ڀارتيءَ جي ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪتاب 'لاتيون' کان پوءِ 1959ع ۾ ديپچندر بيلاڻيءَ جي لکيل عظيم شخصيتن جي زندگين بابت ڪتاب 'ستارا' جي روپ ۾ اسان کي سنڌي ٻاراڻي ادب جون جيڪي لاثاني چيزون مليون، سي اڄ به جهوني پيڙهيءَ جي ماڻهن کي ياد آهن. جيوت گوگيا 'جوت'، 'ڏاڏيءَ جون آکاڻيون' ذريعي ثابت ڪري ڏيکاريو ته ٻارن لاءِ آکاڻي ڪهڙي چيز ٿيندي آهي. فتحچند واسواڻي ٻن ڀاڱن ۾ سير سفر جو 'ڀارت درشن' ڪتاب ڏيئي ٻاراڻي ادب کي شاعري ۽ ڪهاڻين کان سواءِ هڪ سهڻي چيز ڏيئي ٻارن کي دلچسپ نموني، مڪمل جاڻ سان ڀارت جو تاريخي سير ڪرايو. اهي چيزون به جهوني پيڙهيءَ جي لاءِ هڪ خزاني مثل آهن. اهڙيون ئي سندر چيزون ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ به مليون هيون پر ورهاڱي کان اڳ جي دنيا ۽ ورهاڱي کان پوءِ جي دنيا بابت وڌيڪ وستار سان چوڻ اسان جو موضوع نه آهي. هر دؤر ۾ ٻاراڻو ادب لکيو ويو. ڪن اهميت وارو رول نڀايو ته ڪي ان ۾ مددگار رهيا.

گجرات پرڳڻو 1 مئي 1960ع تي قائم ٿيو ان کان اڳ گجرات رياست ممبئي پرڳڻي جو حصو هئي. ممبئي پرڳڻي کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ گجرات رياست هر لحاظ کان ترقي ڪندي رهي آهي. احمدآباد شهر کي ئي ڏسبو ته ان ۾ روز فرنٽ، بي. آر. ٽي. ايس ۽ ڪيترن هنڌن تي فلاء اوور پُلين جو ٺهڻ تڪڙي ترقيءَ جون نشانيون آهن. هن وقت سڄيءَ رياست ۾ سُورڻم گجرات يعني 'گولڊن گجرات' يا گجرات جا پنجاهه سال ملهائجي رهيا آهن.

ادب جي به هتي اوسر ٿيندي رهي آهي. گجراتي ٻوليءَ جو ادب آڪاش کي ڇُهڻ لڳو آهي. سنڌي ادب کي به هتي موڪرو ميدان مليو رهيو آهي. ٻاراڻو ادب ته گهڻو ترقيءَ تي آهي. جنهن ۾ ڪيترن ليکڪن جي حصيداري رهي آهي.

**شاعريءَ جي ميدان ۾:**

گذريل اڌ صديءَ ۾ گجرات جي ڪيترن شاعرن ڪيترا سٺا نظم ۽ گيت لکيا آهن. ڪيتريون معياري رچنائون ٻارن کي ميسر ٿي سگهيون آهن. ڪيتريون ڪوتائون ٻارن جي دماغ ۾ گهڙي سندن امنگن کي پَرَ ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿيون ته ڪي وري هنن کي وندرائي موج مستيءَ ۾ آڻين ٿيون. ڪي هنن جي دل ۽ دماغ کي ڇُهڻ جو ڪم ڪن ٿيون ته ڪي وري پڙهندي پڙهندي ڪين سکيا ڏيڻ جو ڪم به ڪن ٿيون.

گجرات جو ٻال ڪوتا (ٻاراڻي شاعريءَ) ۾ مکيه روپ سان جيڪي نالا اُڀري اچن ٿا، تن جي باري ۾ ڪجهه وستار سان ڏسون:

**هري دلگير:**

هري درياڻي 'دلگير' سنڌي شاعريءَ جو اُڀريل ۽ تجلو ڏيندڙ سج آهي. هن وڏن سان گڏ ٻارن سان به پريت نڀاهي آهي. هن صاحب 1930ع کان وٺي ٻارن جا گيت لکڻ شروع ڪيا. ڪوي بيوس جي 1935ع ۾ شايع ٿيل "موجي گيت" ۾ هن جا به ڪي ٻاراڻا گيت شامل آهن. ان بعد دلگير صاحب وٽان ٻاراڻي شاعريءَ جا ٽي مجموعا مليا: 'مزيدار گيت'، 'گيت

گلابي‘ ۽ ’پروليون. ’پروليون‘ ۾ ٻارن لاءِ ڪوتا ۾ ٻن ٻن، ٽن ٽن، چئن چئن ۽ ڇهن ڇهن مصرعن جون پروليون آهن. مان ڀانيان ٿو ته سنڌيءَ ۾ ان قسم جو هيءُ پهريون مجموعو آهي. باقي ٻن مجموعن ۾ هن صاحب ٻارن جي هڪ وسيع دنيا اسان جي اڳيان ميسر ڪئي آهي. ڪي بنهه ننڍڙن ٻارن لاءِ بي مطلب (Nonsense) ڪوتائون ته ڪي وڏڙن ٻارن لاءِ آهن، جن ۾ جانورن، قدرت جي نظارن ۽ رانديڪن جو ذڪر آهي. ڪي وندرائيندڙ آهن ته ڪن ۾ سکيا جو مقصد رکيو ويو آهي. ڪي ڪوتائون ٻالڪ جي زبان مان، ڪي ماءُ پيءُ جي مُک مان ته ڪي خود شاعر جي ٻولن ۾ آهن. ڪن ۾ ٻالڪ جي مجبوريءَ جو ذڪر آهي ته ڪن ۾ ٻارن جي من ۽ حالت جو چٽر آهي. ’مان جي هڪ ناريل هجان‘ ۾ ٻار جي ڪلپنا آهي. ’موجي ملڪ‘ ۾ هڪ نئين پر مزيدار ملڪ جو تصور آهي. ڪئي ٻار ’آرتوار‘ اچڻ تي مستيءَ ۾ اچي ٿو وڃي ته ڪٿي پنهنجو ’مزيدار پاڇو‘ ڏسي خوش ٿو ٿي وڃي. ننڍ ڦٽائڻ واري گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ جڏهن ٻار جي ڪن تي پوي ٿي، تڏهن هو خارن ۾ گهڙيال کي چئي ٿو ڏئي ’پرزا پرزا ٿيءُ گهڙيال!‘ آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي ٻالڪ اندرئين ٻالڪ کي للڪار ٿو ڪري:

اندر تون ڙي آهين ڪير؟ ٻاهر ڇونه ڪڍين ٿو پيرُ؟
تون به ٻهار، مان پڻ شير،
لڙون لڙائي، ڪريون صفائي،
ٻاهر آءُ تون، مون جهڙا، آئينا ڙي آئينا!

قدرت جون چيزون ٻار کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون. پر ماءُ ڪيس سمهي پوڻ جي هدايت ٿي ڪري، تڏهن مجبوريءَ وس ٻار چئي ٿو ڏئي:

چيو چنڊ: اچ يار اُڀ ۾ اُڏون،
ستارن چيو: اچ ته لڪ چپ ڪڏون،
هوا پڻ چيو: اچ ته لامون لڏون.
امڙ پر چيو: ننڊ ڪر تون ڪِڪا،

تڏهن هُو ڪري ڇا سگهيو ٿي ڀلا؟

دلگير صاحب ٻارن کي برابر سمجهيو آهي. هن انهن کي سمجهي اهڙيون انمول چيزون ڏنيون آهن. اهڙيون ڪوتائون ڪنهن به ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب کي شاهوڪار ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

**ڪمل پياسي:**

مشهور شاعر ڪمل ڪيولراماڻي ’پياسي‘، وٽان ٻاراڻي شاعريءَ جا چار مجموعا مليا آهن: ’ٽمڪندڙ تارا‘، ’پنکڙيون گلاب جون‘، ’ديپ لليت‘ ۽ ’وڻ ٽڻ، گل ڦل ۽ سرهاڻ‘. شروعات ۾ ڪن روايتي ڪوتائن لکڻ کان پوءِ چوٿين مجموعي تائين ايندي ايندي هن شاعر نواڻ طرف رُخ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. چوٿين مجموعي ۾ هُو پاڻ چوي ٿو ”هن کان اڳ منهنجا ٽي ٻاراڻن گيتن جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، پر انهن مان منهنجو هيءُ چوٿون ٻاراڻن گيتن جو مجموعو ڪجهه علحدو آهي. مون موضوعن جي چونڊ زمان حال تي مدار رکندي، ٻار جي نفسيات ۽ طبيعت کي ڌيان ۾ آڻي، الڳ رٽا موجب ڪئي آهي. اڳ جي دهرائجندڙ موضوعن کي ڇهڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ڪئي اٿم، ان خيال کان ته بدليل وايومنڊل ۾ ٻارن کي نواڻ جي ضرورت ٿيندي آهي.“ ڪمل پياسيءَ جيئن پاڻ چيو آهي، ان مطابق ’اِهو ڇا آهي؟‘، ’ڪنڊهر‘، ’منهنجو ڪٽنب‘، نواڻ واريون ڪوتائون بيشڪ ڏکيون آهن. ’منهنجو ڪٽنب‘ جو سِرو جهونو هوندي به ان ۾ نئين ڳالهه آهي. ان ۾ ڪٽنب جي پيارن پيارن ڀاتين سان ڪنهن نه ڪنهن پياري ۽ وڻندڙ شيءِ کي نهڪائي يا اٽسڏي تشبيهه ڏئي ٻارن ۾ سموري ڪٽنب جي ڀاونا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن طرح:

گانءِ هجي جا کير ڏئي، کير مان ٺهندي ڇانهه مٺي،
ڇانهه وٽي تي ڏاڏيءَ کي، ڏاڏي منهنجي آهي سُٺي،
ڪمند سان جا ڪنڊ ٺهي، ڪنڊ مان گوليون منيون ٺهن،
ننڍڙي پيٽ تي گوليون کائي، هن جا ڏاڏا لاڏ وٺن.

**سترامداس ’سائل‘:**

سترامداس سوپيا سنگهہ جڙيا سنگهاڻي ’سائل‘ ٻارن لاءِ بہ ڪوتائون لکيون آهن، جيڪي هن جي ٻن مجموعن ’ٻاراڻا گيت‘ ۽ ’ٻاراڻا ٻول‘ ۾ شامل آهن. هن صاحب جون ڪوتائون بحر وزن تي بلڪل پختيون هونديون آهن. ’سچ‘، ’ٽيئون ٽانگي وارو‘، ’پوليءَ جو کيل‘، ٻارن کي وندرائين ٿيون. ’ٽي بتيون‘ ڪل ڇهن مصرعن جي ننڍڙي ڪوتا آهن:

ڳاڙهي بتي: ڳاڙهي بتي! چوڻ ڇاٽي چاهين؟
بيهي رهہ تون ليڪ اندر، هينئر جتي آهين.
پيلي بتي، پيلي بتي! تنهنجو ڇا سنديس؟
چورج اتان ڪين، جيسين سائو ڪريان ويس،
سائي بتي! سائي بتي! سندءِ چوڻ ڇاهي؟
رستو کليو، وڃ تون هاڻي، ڪوئي خطرو ناهي.

**پڳوان نردوش:**

’رنگبرنگي ڦوڪڻا‘ ۽ ’رم جهم رم جهم‘ نالي بہ ٻاراڻي شاعريءَ جا مجموعا پڳوان نردوش وٽان مليا آهن. هن جي ڪوتائن ۾ وندر بہ هوندي آهي تہ سکيا بہ هوندي آهي. نانيءَ تي ٻين بہ شاعرن وقت بہ وقت پئي ڪوتائون لکيون آهن، پر نردوش جي ’منهنجي ناني‘ ڪوتا اُنهن کان الڳ آهي. ان ۾ ٻالڪ پنهنجي نانيءَ کان عجيب عجيب سوال پڇي ٿو:

چنڊ کي ڏيندي ارڳ ڇو آهين؟
سائنسي دور کان واقف ناهين؟
چنڊ تہ آ پٿر بيجان،
پر تنهنجي ليکي پڳوان...!

**سپاش شرما ’سجاڳ‘:**

سپاش شرما ’سجاڳ‘ جو واسطو تعليمي ميدان سان رهيو آهي. ٻارن سان هن جو سڌو واسطو رهيو آهي، ان ڪري هن جي دل ۾ ٻارن جي لاءِ ڪجهہ لکڻ جو شوق پيدا ٿيل ٿو ڏسجي. هن جي ڪوتائن جا ڪل ٽي مجموعا ڇپيل ملن ٿا. ’منيون لاٽيون‘، ’گلڙا گلستان جا‘، ’مرڪندڙ مکڙيون‘.

هن پنهنجين ڪوتائن ذريعي ٻارن ۾ سٺا اخلاقي گڻ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ قدرت جي ڪيترين چيزن کي بہ ڪوتائن ۾ بيان هيٺ آندو آهي. هن جي ’پنڊارو‘ نظم ۾ بچت جو پيغام آهي تہ ’پاڻيءَ‘ نظم ۾ پاڻيءَ جي قدر ڪرڻ جي ڳالهہ آهي. ’ورکا راڻي‘، ’ندي‘، ’مندو‘، ’سورج‘، ’تارا‘، ’جهرڻو‘ وغيره ڪوتائون ٻارن کي قدرت سان مخاطب ڪن ٿيون. ’وڻ‘ پنهنجي باري ۾ ٻارن کي هيئن ٿو ٻڌائي:

اُس سِر تي مان سدا سهان ٿو
هرڪنهن کي پر ڇانوَ ڏيان ٿو
پيد پاوَ نہ رکندو آهيان،
اُپ سين کي ڏيندو آهيان،
ڪاٺيون منهنجون ڪم جون آهن،
سي جڳ جو فرنيچر ٿاهن.

**منگهارام ’ديوانو‘:**

ڪتري منگهارام چيتنديو ’ديوانو‘ سالن کان ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندو رهيو آهي. مشڪل سان اهڙي ڪا اخبار ملندي، جنهن ۾ هن جي ڪا رچنا نہ ڇپي هجي. ٻارن لاءِ هُو ڪوتائون لکندو رهيو آهي. ڪمل ’پياسي‘ سندس باري ۾ لکي ٿو: ’پنهنجي ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ مشغول رهندي بہ جڏهن هو ٻاراڻي ادب جو صحتمند تخليق ڪري ٿو تہ لڳي ٿو تہ سندس بزرگ سرير اندر ٻارن جي نازڪ دل آهي.“

’ديواني‘ جي ڪوتائن جا بہ مجموعا ’اُٺ پارت جي سنتان‘، ’اسين ننڍڙا ٻار‘ ڇپيل ملن ٿا. هن جون ڪوتائون گهڻو ڪري ٻارن جي ارد گرد گهمن ٿيون. هن جي ڪيترين ڪوتائن جو موضوع ٻار هوندو آهي. ’ڪومل ڪليون‘، ’ننڍا ٻار‘، ’ننڍڙا پيارا ٻار‘، ’ٻالڪ پيارا‘، ’ٻي چيو ٻار‘، ’منڙا ٻار‘، ننڍڙا اسڪولي ٻار‘، ’اسين ننڍڙا ٻار‘، سِرن وارين ڪوتائن جي هڪ ئي مجموعي ۾ موجود هئڻ شاعر جي هڪ مريادا ليکڻ کپي. باقي ٻيءَ طرح هن وٽ ٻارن جي لاءِ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي. بادل بہ آهن تہ برسات بہ آهي،

گهوڙي بہ آهي تہ ڇڪ ڇڪ گاڏي بہ آهي. هولي بہ آهي تہ ڏياري بہ آهي. ياءُ بہ آهي تہ ماءُ جي ممتا بہ آهي. 'پياري ناني' ۾ ٻار نانيءَ سان پيار جو هن نموني اظهار ٿو ڪري:

ناني! ناني! پياري ناني، جڳ ۾ ڪوبہ نہ تنهنجو ثاني،
پَٽُ ڪارائي خوب ڪلائي، دنيا جا سڀ دک درد مٽائي.

**هوندراج بلواڻي:**

هوندراج ڪشنچند بلواڻيءَ جي ٻاراڻين ڪوتائن جا پنج مجموعا، 'بنسري'، 'هيرا موتي'، 'ڪٽمنڙا'، 'گول مٿول' ۽ 'ارچڪ مرچڪ' ڇپيل آهن. گول مٿول جي ڪوتائن بابت هري دلگير لکي ٿو:

'هوندراج بلواڻيءَ جي ڪوتائن ۾ سندر ٻال ڪوتا جون هڙئي خوبيون موجود آهن. هنن ڪوتائن ۾ هن ٻارڙن جي اندر جي اُمنگ، اُڌما ۽ احساس خود ٻارن جي پياريءَ ٻوليءَ ۾ ڪلاتمڪ نموني سان پيش ڪيا آهن. ڀارت ۾ سنڌي ٻارڙن لاءِ ورهاڱي کان پوءِ گذريل 55 سالن ۾ ٻن ڏزنن کان وڌيڪ ٻال ڪوتائن (ٻاراڻي شاعريءَ) جا ڪتاب شايع ڪونہ ٿي سگهيا آهن، جن مان بہ اڌ کن مس معياري آهن. هيءُ ڪتاب اهڙن معياري ڪتابن مان هڪ آهي."

ارجن حاسد جي راءِ موجب "هوندراج کي ڪوتا جي مرم جي پوري پوري ڄاڻ آهي. ماترائون بہ صحيح، قافيا بہ صحيح، ايتري ڄاڻ اڄ ڪن ٿورن شاعرن کي آهي."

سنڌيءَ ۾ ننڍڙن ٻارن لاءِ شِشو گيت (ننڍڙن ٻارن جا گيت) تمام گهٽ شاعرن لکيا آهن. هوندراج بلواڻيءَ کي شِشو گيت لکيا آهن. سندس لکيل هڪ ششو گيت:

ڪُئيءَ چيو ڪُئي کي هڪ ڏينهن، "هل تہ هلون اَمباءَ"،
گهمبو ڦربو موج ڪبي ڏي، ڪجهہ ڏينهن گهر کي تالا"
ڪوئي چيس، "تون بس ڪر هاڻي، خرچ نہ ڪر هڪ پائي،
گهر پنهنجو آ سُرڳ برابر، ٻاهہ آ مهنگائي!

سندس ڪتاب "اِرچڪ مرچڪ"، ۾ سنڌي الفابيٽ تي ڪوتائون آهن.

**ٻيا شاعر:**

مٿيئن شاعرن کان سواءِ گجرات جي ٻين بہ ڪيترن شاعرن جون رچنائون ٻارن کي ڪڏهن ڪڏهن ملنديون رهيون آهن. اهڙن شاعرن ۽ سندن ڪتابن جا نالا آهن: گهنشيام ساگر (ڦول چمن جا)، سندر جڳواڻي 'مجرم' (ڪليون ۽ گل)، ايس. اي. ناٿاڻي (بهار آئي)، روشن گولاڻي وغيره. دادا هوندراج دکايل، لکميچند 'پريم'، ارجن حاسد، وليرام ڪشناڻي، جيوت ترنگ بہ ٻارن لاءِ ڪوتائون لکيون آهن. 'مامي جون مڇون' ۽ 'سنڌي ٻال گيت' ۾ جدا جدا شاعرن جون رچنائون آهن.

**آڪاڻي ڪيتر ۾:**

ٻاراڻي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول روپ آڪاڻي آهي. آڪاڻي ٻڌائڻ لاءِ بہ هوندي آهي تہ پڙهڻ لاءِ بہ. آڪاڻي ٻارن کي وڌيڪ وڻندي آهي. ان ڪري جيڪڏهن لکيل آڪاڻي بہ اهڙي نموني پيش ڪئي وڃي، جڻ ٻار اها ٻڌي رهيا آهن تہ اها وڌيڪ اثردار لڳندي.

ٻار جڏهن روئندو آهي تہ کيس پرچائڻ لاءِ ڏاڏي آڪاڻي ٻڌائيندي آهي. جيئن رانديڪا ٻارن کي پيارا لڳندا آهن، تيئن آڪاڻيون بہ هنن کي پياريون لڳنديون آهن.

گذريل اڌ صديءَ ۾ ٻاراڻين آڪاڻين ذريعي ڪيترن سنڌي ليکڪن پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان پئي نڀايو آهي.

**ڄيٺو لالواڻي:**

شري ڄيٺي لالواڻيءَ جي آڪاڻين جا بہ مجموعا ملن ٿا: 'ٻليءَ جو صبر' ۽ 'ڪتابي ڪيڙو'. ٻنهي مجموعن مان 'ٽرئفڪ پوليس وارو'، 'روبوٽ لُئي' ۽ 'ٻليءَ جي صبر' نالي واريون آڪاڻيون وڻندڙ آهن. پر سڀ کان وڌيڪ اثر ڇڏي ٿي 'ٽرئفڪ پوليس وارو' آڪاڻي، جيڪا بلڪل ئي نئين موضوع تي لکيل آهي ۽ ان ۾ انتظار بہ آهي. 'ٻليءَ جو صبر' بہ ساڳيو انتظار برقرار

رکي ٿي، آڪاڻيءَ ۾ وڏي شهر ۾ ان جون مصيبتون، مسئلا ۽ ذلتون آهن، پر سڀ ٻارن جي ماحول مطابق. سٺي ٻاراڻي ڪهاڻيءَ لاءِ اهي ڳالهيون نهايت ضروري آهن. ڇيني جون باقي آڪاڻيون ٻارن کي سکيا ڏيڻ جي خيال سان لکيل آهن. ان مان لڳي ٿو ته ليکڪ پنهنجين آڪاڻين ذريعي ٻارن کي ڪنهن نه ڪنهن سکيا جو پيغام ڏيڻ جي ويچار ڌارا طرف مائل آهي.

**منوهر نهالاڻي:**

’وچتر راجڪماري‘ ۽ ’چورن مٿان مور‘ نالي آڪاڻين جا ٻه ڪتاب ڏيندڙ منوهر نهالاڻيءَ جون آڪاڻيون راجائن، راجڪمارين ۽ پرين جي آسپاس گھمن ٿيون. ڪن ۾ ٻارن کي نصيحت ڏيڻ جو ليکڪ جو مقصد صاف پيو نظر اچي. هن نون موضوعن تي به قلم هلايو آهي. ’انوکو جادوگر‘ ۾ نواڻ آهي ۽ ٻارن لاءِ وندر آهي. آڪاڻيءَ ۾ هڪ ڦيريءَ واري جي ڳالھ آهي، جيڪو پاڻي جي باڪس ۾ بند ڪري ٻارن کي سندن من پسند شيون ڏئي ٿو پر گھر وڃي کولڻ سان اهي نه ٿيون نڪرن. پر شيءِ جي بدران سندن ڏنل آڌي ڪيس واپس ملي ٿي.

**ڪلپنا ڇيلاڻي:**

ڪلپنا اشوڪ ڇيلاڻيءَ سنڌي ٻاراڻي ادب کي آڪاڻين جا ڪل 5 مجموعا ڏنا آهن. ’دلير ديا‘، ’آڪاشي پٽر‘، ’پيغام‘، ’ٻُڌ جو پتلو‘، ۽ ’ڪالينات‘. انهن ۾ ڏنل ڪي آڪاڻيون سٺيون آهن، ٻارن کي وندرائين ٿيون. ليکڪا آڪاڻي لکڻ جي ٽيڪنڪ کي پڪڙي هلي ته اڃا به سٺيون آڪاڻيون ڏيئي سگھي ٿي. سڀني مجموعن ۾ آڪاڻين کان سواءِ ٻيون ڪي رچنائون شامل آهن. جھڙوڪ ’سلطاني‘، ’منهنجي اسڪول جو باغ‘، ’مان تو لاءِ پرارٿنا ڪندس‘، ’اچو ته ڪاڏي ڄاڻ حاصل ڪريون‘. آڪاڻين جي مجموعن ۾ اهي نه اچڻ گھرجن ها.

**بي. ايڇ. آڏواڻي:**

بي. ايڇ. آڏواڻيءَ جي آڪاڻين جا ٻه ڪتاب ’جادو نگري‘، ’پرين جو ديس‘ ڇپيل آهن. آڪاڻين جي ٻولي سٺي آهي، پر گھڻو ڪري جادو ۽ پرين جي آسپاس گھمن ٿيون.

**هوندراج بلواڻي:**

هوندراج بلواڻيءَ ٻارن لاءِ سڀني کان وڌيڪ آڪاڻيون لکيون آهن. هن جو پهريون مجموعو ’جادو نگري‘ هو. ان ۾ هن جون شروعاتي دور جون آڪاڻيون هيون. بعد ۾ هن ’پالش وارو‘ نالي هڪ ٻيو ڪتاب ڏنو. ان کان پوءِ هن جي لکيل آڪاڻين جو سلسلو هليو آهي ته هلندو ئي رهيو آهي. مٿين ٻين مجموعن کان سواءِ هن ’پپوءَ جو پيارو موتي‘، ’بيربل جو ڀاءُ‘، ’چوٿون باندر‘، ’ڪوئي لڏي هئڊ ڳڙي‘، ’نئين ناني‘، ’تي گپوڙي‘، ’ڪاڪو ڪوڏومل‘، ’سياڻا سمجھو ٻارڙا‘، ’ڇُومنتر‘، ’ٽنگ جيڏو ڇوڪر‘، ’گوپو ۽ ٽوپوءَ جي جوڙي‘ ۽ ’ايسرداس جو اسڪوٽر‘ عنوانن سان ڪهاڻين جا مجموعا ڏنا آهن. هن جي آڪاڻين جي ڪتابن جو انداز 14 تي پهچي ٿو. ’ڪوئي لڏي هئڊ ڳڙي‘ ۾ سنڌي اصطلاحن تي تصوراتي آڪاڻيون آهن. ’تي گپوڙي‘ ۾ مذاقي آڪاڻيون آهن.

هن نوان ڪردار خلقي انهن تي به آڪاڻيون لکيون آهن. ’ڪاڪو ڪوڏومل‘ ۽ ’گوپو ٽوپ‘ اهڙا ڪي ڪردار آهن. ڪاڪي ڪوڏومل جون ڳالهيون ٻارن کي کلائين ٿيون ته گوپو ۽ ٽوپوءَ جي سمجھ ۽ عقل سان مسئلن جو حل ملي وڃي ٿو. ’سياڻا سمجھو ٻارڙا‘ جي مڙني آڪاڻين ۾ سنجيه ۽ سيما نالي وارا سمجھو ٻارڙا موجود آهن. جيڪي اڄ جي وڏن ۾ ڦهليل انڌ وشواس ۽ وهمن کي دور ڪرائڻ لاءِ مائٽن جي به رهبري ڪن ٿا ۽ کين سمجھائين ٿا ته وهمن جو انسان جي زندگيءَ سان تر جو به واسطو نه آهي. ’بيربل جو ڀاءُ‘ ۾ وري تينالي رام جون ڳالهيون ٻارن کي کلائين ٿيون ۽ دماغ کي به ڳولين ٿيون.

هن ليکڪ سدائين نون نون موضوعن تي آڪاڻيون لکيون آهن. هن جي آڪاڻين جو مکيه مٿو وندر هوندو آهي. هو ٻارن جي دماغ مٿان سکيا جو

ڪوبہ بار وجھڻ نہ چاھيندو آهي. هن جي آکاڻين جي ٻي خاص خوبي اها آهي تہ هن ڪيترين ٻي جان شين کي پنهنجين آکاڻين جو موضوع بڻايو آهي. اسڪوٽر، بس، اڪروٽ، پوري، ٿالهي، ڪٽوري، تاس جي پتن وغيره چيزن تي لکيل هن جون آکاڻيون ٻارن وڏيڪ پسند ڪيون آهن.

**ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جو سنڌس ڪهاڻي بابت رايو:**

”هوندراج بلواڻيءَ سنڌيءَ ۾ نئين ٻاراڻي ادب جي رچنا ڪئي آهي. هن ٻال ساهت کي صرف لوڪ ڪهاڻين يا ديون پوتن تائين محدود ڪين رکيو آهي. هن اڄ جي وقت ۽ واتاورڻ (ماحول) موجب ئي ٻال ساهت تخليق ڪيو آهي. سائنسي ايجادن وغيره جو پنهنجي ٻال ساهت ۾ استعمال ڪري، هن نہ صرف ٻارن کي وندرايو آهي، پر سندس سوچ جو دائرو بہ وسيع ڪيو آهي. بلواڻيءَ کي ٻال ڪهاڻين جي وڏي وصف اها آهي، جو هن صاحب نون نون موضوعن کي ڇهيو آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين کي صرف روايتي ٻاراڻين ڪهاڻين تائين محدود نہ رکيو آهي. هن جون ڪهاڻيون راجائي محلن مان ٻاهر نڪري، اڄ جي ٻارن سان گڏوگڏ هلن ٿيون.“

**ٻين ليکڪن جون آکاڻيون:**

ٻين ليکڪن ٻارن لاءِ آکاڻيون لکيون آهن، تن مان ذڪر لائق ليکڪ ۽ انهن جي ڪتاب جا نالا آهن: ومي سدا رنگاڻي (ٻاجهي راڻي)، ڪيرت مهرچنداڻي (روشنيءَ جا ترورا)، ڪنبو گيرياڻي (ڪنهن سان ڳالھ نہ ڪج).

ان کان سواءِ جدا جدا ليکڪن جي آکاڻين کي گڏ ڪري، هوندراج بلواڻيءَ جا ئي ٽي ڪتاب ’چونڊ سنڌي ٻال ڪهاڻيون‘، ’ڦور اُپڪاري پهو‘، ۽ ’انوکيون آکاڻيون‘ بہ ڇپيا آهن. تہ اُسرندڙ ڪهاڻيڪارن يعني ٻارڙن جي لکيل آکاڻين جو هڪ مجموعو وليرام ڪشناڻيءَ جي ترتيب سان ’ٻال ڪهاڻيون، نالي سان بہ مليو آهي.

**ناول بابت:**

ٻار کي آکاڻي ٻڌڻ جو هڪ وار شوق پيدا ٿيو تہ هُو لنبيون ۽ جلدي ختم نہ ٿيندڙ آکاڻيون پڙهڻ- ٻڌڻ طرف مائل ٿيندو. لنبي ڪهاڻي يا ڪو ناول ٻارن جي اهڙي چاهنا کي پورو ڪري سگهي ٿو. هر ٻوليءَ ۾ خاص ٻارن جي لاءِ ناول تمام گهٽ آهن. سنڌي ٻولي ان معاملي ۾ اڃا بہ غريب آهي. ورهاڱي کان پوءِ جي وقت کان وٺي اڄ تائين ٻارن جا فقط 16 ناول ڇپيا آهن. انهن مان بہ مشهور قصن کي پاسيرو ڪجي تہ ناولن جو انگ ڏِڙن کي مس وڃي بيهندو. اهائي اسان جي موڙي آهي. انهيءَ موڙيءَ ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا بہ ناول ’هڪڙو هو راجڪمار‘ ۽ ’نئون نرالو جهنگل‘ شامل آهن. ’هڪڙو هو راجڪمار‘ جا هند ۾ بہ ڇاپا ۽ سنڌ ۾ هڪ ڇاپو ڇپيو آهي. ’هڪڙو هو راجڪمار ‘ هوندراج بلواڻيءَ جي مقصدي ڪتابن مان هڪ آهي، جو پاڻ نهايت دلڪش انداز ۾ تحرير ڪيو اٿس. جنهن جي مطالعي ڪرڻ سان آئيندي جي ابن کي سنڌي ادب جي سچي سرهاڻ سرندي،“

’نئون نرالو جهنگل‘ ۾ جهنگل جي تصوير آهي، جنهن ۾ جهنگل جا رهاڪو ماڻهن وانگر سوچين ٿا ۽ ماڻهن وانگر وهنوار بہ ڪن ٿا، پر تڏهن بہ هُو ماڻهن جيان نہ انڌي عقيدت ٿا رکن ۽ نہ وهمن کي ٿا مڃين. مدي خارج ويچار ڏارا بجاءِ هُو جديد دنيا موجب سوچين ٿا.ها ماڻهن کان نفرت نہ ٿا ڪن. وقت اچڻ تي هُو شهر جي ماڻهن جي مدد بہ ٿا ڪن.

هوندراج بلواڻيءَ جو ٽيون ڪتاب ’تارن ڀري رات‘ هڪ لنبي ڪهاڻي آهي. ٻاراڻن ناولن جي اٽاٽ ۾ انهيءَ کي ٻاراڻي ناول جي قطار ۾ بہ بيهاري سگهجي ٿو.

ٻيا چار ناول مختلف ليکڪن وٽان بہ ملن ٿا. ڪنعيي گوپلاڻيءَ جو ’پڳڙو مندر ۾‘، ’منگهارام ديواني جو ’دوستي‘ شريچند ڏبي ’جگري‘ جو ’بهادر راجڪمار‘، ميول آهوجا جو ’لالا جادوگر‘ ۽ راجيش ڪتواڻيءَ جو ’پوپو جادوگر‘. پهريون ناول مذاقي آهي، ٻيو اڄ جي دوستيءَ تي

آهي. باقي بہ ناول چمتڪارن ۽ جادوئي ڳالهين سان ڀريل آهن. اهي ناول ٻارن کي وندر ميسر ڪن ٿا.

**ناٽڪ بابت:**

ناٽڪ ادب جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن جو واسطو نہ صرف ادب سان آهي، پر رنگ منچ (اسٽيج) سان بہ آهي. ٻارن جي ناٽڪ جو بہ انهن ٻن ڳالهين سان واسطو سمجهڻ کپي. سياويڪ طور ڏسندڙ ٻارن لاءِ ناٽڪ لکيو يا پيش ڪيو وڃي ٿو اُنهن جي دنيا کي سمجهڻ بنا اهو لکيو يا پيش ڪبو تہ ڪاميابي نہ ملندي. ٻارن جي اڳيان پيش ڪرڻ کان اڳ ناٽڪ جو اسڪرپٽ ضروري آهي. لکيل ناٽڪ محض هڪ اسڪرپٽ ئي آهي. اهو ناٽڪ تڏهن بڻجي ٿي، جڏهن اهو ٻارن جي اڳيان منچ تي پيش ڪيو وڃي. پر عام ٻوليءَ ۾ ڇپيل اِسڪرپٽ کي بہ ناٽڪ ئي چيو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ وڏن لاءِ ناٽڪ تہ جدا جدا شهرن جي گهڻن ليکڪن لکيا آهن، پر ٻاراڻي ناٽڪ جي هڪ هٽي گهڻو ڪري احمد آباد جي رهي آهي. اهو هڪ عجيب اتفاق چئبو تہ سڀ کان وڌيڪ ٻاراڻا ناٽڪ گجرات ۾، تنهن ۾ بہ احمد آباد جي ليکڪن لکيا آهن.

**چيتو لالواڻي:**

’ترنگي روشني‘ ۽ ’مُڇر مامو‘ نالن سان ٻاراڻن ناٽڪن جا بہ مجموعا ڏيڻ وارجيني لالواڻيءَ جو ناٽڪ ۽ اسٽيج سان واسطو پئي رهيو آهي. هن جي لکيل ناٽڪن مان ڪي ريڊيو لاءِ آهن تہ ڪي اسٽيج لاءِ آهن. سڀ ناٽڪ دلچسپ آهن ۽ انهن ۾ وندر سان گڏ پيغام بہ آهي.

**هوندراج بلواڻي:**

هوندراج بلواڻيءَ جي ناٽڪن جا پنج ڪتاب پڌرا ٿيل آهن. انهن مان ٽي ايڪانڪي (هڪ فصلن) ناٽڪن جا آهن. ’ذهين جو نوٽ‘، ’ماستر موڪل تي‘، ’ڪرامتي مشين‘. هڪ بہ فصلو ناٽڪ ’انمول موتي‘ ۽ هڪ ريڊيو ڪردارن جو ’رنگ رنگيلي محفل‘. انهن ناٽڪن مان ڪي ناٽڪ جدا جدا اسڪولن جي شاگردن طرفان اسٽيج تي بہ اچي چڪا آهن. ناٽڪن ذريعي ٻارن کي وندرائڻ ليکڪ جو مقصد آهي.

**ٻين ليکڪن جي حصيداري:**

ٻين ليکڪن جي ناٽڪ مجموعن ۾ چندرسين ناواڻيءَ جو ’پوسٽ جو دٻو‘، رام ڀاڳچنداڻي گيان جو ’ٻلي آيو آرتوار‘، دليپ ٽيڪچنداڻيءَ جو ’سدا جيئي سنڌي‘ مکيہ آهن. ومي سدارنگاڻيءَ جون ’مڪڙيون‘ ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ آهي، تہ ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ ۽ ’سدا مهڪن گلڙا‘ ۾ ريڊيو روپڪ آهن. ومي سدارنگاڻيءَ جي ئي هڪ ٻئي ڪتاب ”ممي، ائين ڇو آهي؟‘ ۾ مونولاگ آهن، جنهن ۾ ٻار پنهنجي ماءُ کان معصوميت ڀريا سوال پڇي ٿو. ڪلپنا ڇيلاڻيءَ جي ’منهنجا ساٿي‘ ۾ بہ مونولاگ آهن، جنهن ۾ پکي ۽ پسون ٻار سان ڳالهيون ٿا ڪن.

**ٻيو ٻاراڻو ادب:**

ٻاراڻو ادب صرف آکاڻيون، شاعري، ناول ۽ ناٽڪ نہ آهن. انهن کان سواءِ لوڪ ڪهاڻيون، سائنسي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب، سوانحي ادب، آتم ڪٿائون، خط، مضمون، ڊائري، پروليون، ٽوٽڪا بہ ٻاراڻي ادب ۾ شامل آهن. سنڌيءَ ۾ انهن مان ڪي چيزون لکيون تہ ويون آهن، پر تمام گهٽ انداز ۾.

گجرات ۾ جن ليکڪن انهن صنفن طرف ڌيان ڏنو آهي، تن جي وستار سان ڄاڻ ڏيڻ لاءِ مختصر ۾ انهن جو ذڪر ڪجي ٿو:

(1) **لوڪ ڪهاڻيون:** ڪشن کوبچنداڻي (وڻ ۾ منهنجو ساهہ)، ڪمل پياسي (’سائي جهنڊي ۽ ’ڏائڻ جي شادي‘)، هوندراج بلواڻي (’راجوءَ جي ٽوپي‘، ۽ ساڌو راجا‘)

(2) **لوڪ گيت ۽ لوڪ رانديون:** هوندراج بلواڻي (’ٻارن جا لوڪ گيت‘ ۽ ’ٻارن جون لوڪ رانديون‘).

(3) **سائنسي ڄاڻ:** رام ڀاڳچنداڻي ’گيات‘ (’سوريہ شڪتي‘ سج جي طاقت) ۽ ’سائنس ڪلب‘) تيج ’قابل‘ (برهمانڊ جو

سير)، ڄيٺو لالواڻي (’آڪاسي ياترا‘ يعني آسماني سير)، هوندراج بلواڻي (گيان جو خزانو دنيا رنگبرنگي).

(4) **سوانحي ادب:** ڪيرت مهرچنداڻي (’ٻارت رتن‘ ۽ ’جيون ريکا‘)، ٻيمنداس شهدادپوري (وير ناريون، وير پرش)، بي. ايڇ. آڏواڻي (ماڻڪ ۽ موتي)، هوندراج بلواڻي (وير ناريون، ۽ لال بهادر شاستري).

(5) **جيون پرسنگ:** رام ٻاڳنچنداڻي گيان (وڏن جو ننڍپڻ ۽ اتهاسڪ ٻوڏ ڪٿا)، منوهر نهالاڻي (وير ٻالڪ).

(6) **تاريخ:** ڄيٺو لالواڻي (وطن جي صدقي)

(7) **پرياورڻ:** هوندراج بلواڻي (قدرت جي گود ۾)

(8) **ٺهڪ ۽ ٽوٽڪا:** هوندراج بلواڻي (ٺهڪن جي برسات، کل گهٽو جيءَ گهٽو، ڇهر ٻهر چٽٽي، گول گپا، ڪٿا منا گول گپا، ٺمڪ ئي ٺمڪ، ٺهڪن لاءِ ٺول، چرچا مهاپرشن جا).

(9) **پروليون:** هوندراج بلواڻي (سليو پروليون وٺو انعام)، روشني روهڙا (پرولين جا پتاشا)

خط، آتم ڪٿا، مضمون ۽ ڊائري، جهڙيون چيزون اسان وٽ لڳ ڀڳ عدم موجود رهيون آهن. اهڙيون چيزون فقط سنڌي درسي ڪتاب ۾ ڏسڻ ۾ اينديون آهن.

**رسالا:**

احمد آباد مان اپريل 1966ع ۾ ’گلستان‘ نالي ماهوار رسالو شروع ڪيو ويو. ان کان اڳ ممبئي، اجمير وغيره مان ڪي رسالا نڪتا هئا، پر سڄي گجرات مان ڪٿان بہ ڪو ٻاراڻو رسالو نہ نڪتو هو. رام ٻاڳچنداڻي ’گيان‘، شيام رام رکياڻي ۽ هوندراج بلواڻيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪتل ’گلستان‘ رسالو گجرات جو پهريون ٻالڪ رسالو هو. هن رسالي کي ٻارن ڪافي پسند ڪيو ۽ پيار ڏنو. هر پرچي ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ دلچسپ ۽ سکيا ڏيندڙ آکاڻيون، ڪوتائون، چرچا، پروليون، عظيم انسانن جون زندگيون، سوال جواب، پهاڪا، ناٽڪ وغيره ڏنا ويندا هئا. ڪي ناول بہ هن رسالي ۾ قسطن ۾ هلايا ويا. ڪيتريون انعامي چٽاڀيٽيون بہ ڏنيون وينديون هيون. جن ۾ ٻار اُتساهہ سان ڀرو وٺندا هئا ۽ ڪافي انعام کٽندا هئا. اڳيان هلي اڪيلي سر هوندراج بلواڻيءَ هن رسالي کي هلايو. هيءُ رسالو ايترو تہ مقبول رهيو جو ان جون ٻہ هزار ڪاپيون ڇپبيون هيون، جيڪي نہ صرف گجرات پر ان باهر بہ اسڪولن جي شاگردن تائين پهچنديون هيون. ويهن ايڪويهن سالن تائين باقاعدگيءَ سان نڪرڻ کان پوءِ ڪن سببن ڪري هيءُ رسالو بند ٿي ويو. هن رسالي طرفان ٻاراڻي ادب جا سؤ کن ڪتاب ڇپايا ويا.

احمد آباد مان ئي بعد ۾ گلشن ايڊيٽر: گنگو آهوجا)، ’گلشن‘ (ايڊيٽر: رميش راجواڻي)، ’ديشي وديشي ڪٿائون، لوڪ ڪٿائون (ايڊيٽر: چٿنلال آهوجا)، ’ببلو‘ (ايڊيٽر: هوندراج بلواڻي)، ’ٻارڙا‘ (ايڊيٽر: موهن پنجواڻي)، ’بال منچ‘ (ايڊيٽر: هوندراج بلواڻي، ’جهرمر‘ (ايڊيٽر: گورڌن تنواڻي ۽ ڪشن خوبچنداڻي). رسالا پڌرا ٿيا، جيڪي گهڻو وقت نہ هلي سگهيا. انهن رسالن مان ’جهرمر‘ رسالو معيار جي خيال کان سٺو هو، پر ان جا بہ چار شمارا مس نڪري سگهيا.

ڪافي سالن کان پوءِ جولاءِ 2002ع ۾ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ’باغ بهار‘ نالي ٽماهي رسالو شروع ڪيو ويو. پهريائين اهو هر ٽئين مهيني نيم سان نڪرندو هو پر پوءِ سال ۾ چئن پرچن جي بجاءِ، چئن پرچن کي گڏي هڪ ئي شماري جي روپ ۾ ڪيڻ جي بانيڪارن طرفان روايت شروع ڪئي ويئي آهي. پهرئين ئي شماري کان هن جو ايڊيٽر هوندراج بلواڻي رهيو آهي. محدود وسيلن جي باوجود هر پرچي ۾ ٻارن جي پڙهڻ جهڙو وڏ ۾ وڏ مواد ڏنو ويندو آهي. آکاڻيون، ڪوتائون، ناٽڪ، مضمون، ٻار ڪلاڪار سان ملاقات، ٻاراڻي جڳت جون سرگرميون، عام ڄاڻ، چرچا، پروليون، واندڪائيءَ جي وندر، مشغولي، سنڌ جي سوکڙي، ٻيءَ ٻوليءَ جي

رچنا جهڙا اسم هر پرچي ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ٻارن کي همٿائڻ لاءِ سنڌن لکيل ڪچين ڦڪين رچنائن کي سڌاري ۽ سندس ناهيل تصوير کي هر پرچي ۾ اٺ ڏهہ صفحا ڏنا ويندا آهن. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ نڪرندڙ هن ٻارن جي رسالي جي هر پرچي ۾ اڳ 48 صفحا هوندا هئا ۽ ڪور ٻن رنگن جو هوندو هو. هيئنر ٻن ٽن سالن کان ان ۾ 72 صفحا ۽ جلد چئن رنگن وارو هوندو آهي. رچنائن سان واسطو رکندڙ چتر بہ هوندا آهن. هيءُ رسالو ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي رسالي سان مواد چاهي موضوع جي خيال کان ڪلهو هڻي سگهي، اهڙو آهي.

**منهنجون ڪي جاچنائون** (Observations):

(1) گذريل پنجاهہ سالن ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻاراڻي ادب جي گجرات ۾ تعداد جي خيال کان چڱي اوسر ٿي آهي، تنهن ۾ گلستان پبليڪيشن ۽ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاديميءَ جي ذڪر جوڳي ڪوشش رهي آهي.

1967ع کان گلستان پبليڪيشن طرفان ٻاراڻي ادب جا ڪتاب ڇپائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو. ڪافي ڪتاب ڇپايا ويا. انهن ۾ آکاڻين جي ڪتاب جو انداز سڀ کان وڌيڪ آهي. هن پبليڪيشن طرفان گجرات جي رچناڪارن ۽ گجرات کان ٻاهر جي رچناڪارن جي ڪوتائن، لوڪ ڪهاڻين، ناٽڪن، آکاڻين، زندگين، ٽوٽڪن وغيره جا ڪتاب پڌرا ڪيا ويا. سنڌيءَ ۾ تصويرن ڪهاڻين جا ڪتاب بہ پهريون دفعو هن پبليڪيشن طرفان شايع ٿيا. سنڌيءَ ۾ اصلوڪن ٻاراڻن ناولن جي کوٽ هوندي ڪن ڀارتي ٻولين جي سٺن ناولن جا ترجما پڻ ڪرايا ويا. دنيا ڀر ۾ مقبول ٿيل ٻاراڻي ادب جي ڪيترين رچنائن کي بہ سنڌي ٻارن جي اڳيان ميسر ڪيو ويو. شاگردن کي همٿائڻ لاءِ هنن جي رچنائن کي بہ ڪتابي روپ ۾ ڇپايو ويو. هوندراج بلواڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ ڇپايل گلستان پبليڪيشن جي ڪتابن جو انداز 100 جي آسپاس وڃي بيهي ٿو. منهنجي ناقص ڄاڻ موجب هند سنڌ جي ڪنهن بہ اداري ٻاراڻي ادب جا ايترا ڪتاب نہ ڇپايا آهن.

گجرات ۾ سنڌي ساهتيہ اڪاديميءَ جي ٺهڻ کان اڳ گجرات سرڪار جي ڊائريڪٽوريٽ آف لينگويجز طرفان سنڌي ادب جون ڪيتريون رٿائون هلندڙ هيون. 1987ع ۾ اڪاديمي ٺهڻ کان پوءِ اهي رٿائون اڪاديميءَ کي سونپيون ويون. انهن رٿائن ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ بہ چڱيون رٿائون هيون، جيئن تہ ٻاراڻي ادب جي ڪتاب کي انعام ڏيڻ، ٻاراڻي ادب ڇپائڻ لاءِ ليکڪن کي مالي مدد وغيره. اهي ۽ ٻيون رٿائون اڄ تائين هلندڙ آهن. وڏن جي ادب جي ليکڪن کي انعام ۾ جيتري رقم ڏني ويندي آهي، اوتري ئي ٻاراڻي ادب جي ڪتابن لاءِ هوندي آهي. 2004ع کان ٻارن جو رسالو 'باغ بهار' بہ شروع ڪيو ويو آهي. دهلي سنڌي اڪاديميءَ کان پوءِ گجرات جي اڪاديمي ئي آهي، جنهن ٻارن جي لاءِ رسالو بہ شروع ڪيو آهي. ٻاراڻي ادب جا ڪيترا ڪتاب بہ اڪاديميءَ طرفان ڇپايا ويا آهن. ڀارت جي جدا جدا رياستن جي سنڌي درسي ڪتابن مان چونڊيل رچنائن جو شري جيوت گوگيا 'جوت' جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪتل مجموعا "رنگبرنگي گيت ۽ ڪهاڻيون"، دادا شيوڪ ڀوڄراج جي مشهور رسالي گلستان ۾ ڇپيل بهترين رچنائن جو هوندراج بلواڻيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ "گلستان جا ٻال گيت ۽ ڪهاڻيون"، شري نارائڻ شيام جي ٻاراڻن گيتن جو مجموعو 'هندورو' ۽ منوهر نهالاڻيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ 'چونڊ سنڌي ٻال ايڪانڪيون' ۽ ڪمل پياسيءَ جو تيار ڪيل 'آڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون' اهڙا ڪجهہ ڪتاب آهن، جيڪي ڪنهن بہ اڪاديميءَ جي لاءِ فخر جو باعث بڻجي سگهن ٿا. گجراتي ۽ سنڌيءَ جي ٻاراڻي ادب جي ڏي وٺ لاءِ بہ سنڌي اڪاديميءَ جوڳو ڪم ڪيو آهي. ترجمي رٿا هيٺ ليکڪن کي ترجمو ٿيل ڪوبہ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي مدد ڏني ويندي آهي. ان طرح گجراتيءَ جو ڪافي ٻاراڻو ادب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيو آهي. 30 کان 40 ڪتاب سنڌيءَ ۾ آيا آهن تہ ڪي ڪتاب سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيا آهن.

(2) گذريل پنجاهہ سالن ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻاراڻي ادب جي انگن اکرن جي آڌار تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڪُل ٻاراڻي ادب جو 80 ڪن سيڪڙو گجرات جي ليکڪن جي دين آهي. وڌ ۾ وڌ ٻاراڻو ادب گجرات ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن مقالي ۾ ليکڪ هوندراج بلواڻيءَ جو تعداد جي خيال کان سڀ کان وڌيڪ ڀاڱو (Contribution) رهيو آهي.

(3) سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب گهٽ نہ لکيو ويو آهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. ڇپيل ٻاراڻي ادب ۾ آکاڻين ۽ ڪوتائن جي سڀ کان وڌيڪ اڪثريت رهي آهي. ناولن، ناٽڪن ۽ ٻين صنفن جي اڻاٺ رهي آهي. آکاڻين ۽ ڪوتائن جو انداز ڇڱو چوکو هوندي بہ انهن ۾ نواڻ جي ڪمي ڪٽڪندي رهي آهي. آکاڻيون لکندڙن مان اڃا بہ ڪيترا ليکڪ جهونو روائتي ۽ ٻارن لاءِ سکيا ۽ نصيحت واريون آکاڻيون لکندا رهيا آهن. ڪوتائن ۾ ڪيترا اهڙا موضوع آهن جيڪي پڙهي ائين ٿو لڳي ڄڻ اسين اڃا بہ ويهين صديءَ ۾ جي رهيا آهيون. اڄ جي سائنسي دور سان ڄڻ اسان جو واسطو ئي نہ آهي، ٻاراڻي ادب جي نالي ۾ اڄ بہ گهڻو ڪري خشڪ، وعظن ۽ سنئين سکيائن سان ڀريل ٻاراڻو ادب لکيو پيو وڃي. انهن ۾ وندر جي تمام گهٽي ڪمي هوندي آهي، جيڪا ٻاراڻي ادب لکڻ وارن لاءِ تمام ضروري عنصر هئڻ گهرجي. موضوعن جي بہ گهٽي محدودگي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بادل، بجلي، برسات، صبح، شام، سج، چنڊ، تارا، پوپٽ، طوطو ڪڪڙ، باندر، ٻلي، ٻڪري، ڪوئل، انڊلٺ، منڊون، وڻ، بهار، گلاب جو گل، ميلو لغڙ، هولي، ڏياري، مور، گهوڙو، ڪانءُ، ريل گاڏي، صفائي، ڪسرت، ٽپالي، رڪشا وارو، ڀاڄين وارو، ٽانگي وارو، هوٽل وارو، مٺائيءَ وارو جهڙا موضوع هر مجموعي ۾ دهرائجندا رهيا آهن. محنت جو ڦل، لالچ جو ڦل، صبر جو ڦل، سچي شيوا جهڙا آکاڻين جا سِرا ڏيڻ سان ٻارن جي انتظاري ختم ٿي ويندي آهي. ان ڪري اهڙن سِرن کان ليکڪن کي پرهيز ڪرڻ گهرجي ۽ نوان، اڄ جي وقت موجب آکاڻين جا سرا ڏيڻ گهرجن.

(4) ٻاراڻي ڪويتا يا ٻاراڻا گيت معنيٰ ٻارن جي واسطي لکيل گيت ۽ نہ ٻارن جي باري ۾ لکيل گيت. اها ڳالهہ الڳ آهي تہ ٻاراڻا گيت جو موضوع ٻار بہ ٿي سگهن ٿا، پر ٻاراڻن گيتن جي مجموعن ۾ ٻارن جي باري ۾ بہ ڪيترا گيت ملن ٿا.

(5) سائنس جي موضوع تي تمام گهٽ ڪتاب ملن ٿا. جيڪي ڇپيا آهن، تن مان ڪيترا يا تہ وڏن لاءِ آهن يا وڏي عمر جي ٻارن يا ڪِشورن لاءِ. سولي ٻوليءَ ۾ ننڍين ٻارن جي ڄاڻ ۾ اضافو آڻي سگهن. اهڙا ڪتاب بلڪل گهٽ ڇپيا آهن.

(6) شروعات ۾ جنهن رفتار سان ڪتاب ڇپبا هئا، تنهن ۾ ڏيري ڏيري ماٺائي اچڻ لڳي آهي. ان جو مکيہ ڪارڻ سنڌي تعليم جا ڏيري ڏيري بند ٿيندڙ اسڪول آهن. ٻاراڻي ادب جي ڪاپي تي ان جو اثر صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن سنڌي تعليم ئي نہ رهي تہ سنڌي ٻاراڻو ادب پڙهندو ڪير؟ اهو وڏو ۽ سوچڻ جهڙو سوال آهي.

## ڪائو ـ ڪَڇُ ۽ ڪچهري (لغت)

ـ اسد جمال پلي

’ڪچهري‘ لفظ جون لغت جي عالمن اصطلاحي معنائون ته لکيون آهن. جيڪي، ’ڪورٽ ـ ڪچهري‘ کان وٺي ’مچ ـ ڪچهريءَ‘ تائين بلڪل صحيح آهن ۽ ذري برابر به نه گُسن. پر هن لفظ جي اشتقاق ۽ ڏاتوءَ سان ڪنهن به ڇيڙ-ڇاڙ نه ڪئي آهي ۽ نه وري هن کي لغت جي قانونن تحت ويچاريو ۽ وهجايو آهي.

مون جڏهن هن لفظ جي لغت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته حضرت شاهه عباللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي رهنمائي ڪئي ۽ مرحوم نجف علي شاهه ڪمتر نقويءَ جي ڪتاب ’ٻاروچي ٻولي‘ ۽ معمور يوسفاڻي مرحوم جي لطيفيات جي گرامر تي لکيل مقالن منهنجي مشڪل ڪشائي ڪئي. ساڳئي وقت اهو به ضروري ٿي پيو ته لفظ ’ڪچهري‘ کي سمجهڻ کان پهرين رسالي ۾ استعمال ٿيل ٻه لفظ ’ڪائو‘ ۽ ’ڪڇ‘ به سمجهڻ گهجن. جن کان پوءِ ’ڪچهري‘ جي معنيٰ آسان ٿيندي.

اچو ته لفظ ’ڪائو ۽ ڪڇ‘ سان ڪچهري ڪريون ۽ ڏسون ته هيءُ ٻئو لفظ ڪيئن نهيو ۽ لغت جي اصولن پٽاندر اُن سان ٻيا ملندڙ جُلندڙ لفظ ڪهڙا آهن ۽ لفظ ’ڪڇ‘ جي خاندان جي وڏيڪ گهر ڀاتي ٻيا لفظ ڪهڙا آهن. جيڪي به اسان روزمره جي وهنوار ۾ استعمال ڪريون ٿا. هِن سڄي بحث کي سمجهڻ لاءِ اسان کي علم صرف ۽ نحو (گرامر) ڏانهن به هڪ نظر وجهڻي پوندي ته ”ڪچهريءَ“ جون ڳالهيون اجا به چٽيون ٿي پونديون.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو ته:

(1) اونهي ويا اوهري، مُنهن **’ڪائو‘** ڏيئي.

(2) **ڪائو** ڪمايوم، موتي مون نه وٽجيا.

(3) آگهيو **ڪائو** ڪڇ، ماڻڪن موٽ ٿي.

اسان جي اڪثر لطيفيات جي عالمن لفظ ’ڪائو‘ کي سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندي ’شيش‘ لکيو آهي، مگر ايئن نه آهي. مٿين ٽنهي سٽن ۾ اگر اسين ’ڪائو‘ لفظ جي پنيان مصدر يا فعل ڳوليندا سين ته هن طرح ٿيندا:

(1) منهن ڪائو ڏيڻ.

(2) ڪائو ڪمائڻ.

(3) ڪائو اگهجڻ.

سائين نجف علي شاهه ڪمتر نقوي ۽ معمور يوسفاڻي هن لفظ جي معنيٰ ٻيهاري آهي: ’ننڍو پاڻي‘، ڪنارن جي پير ۾ ٿورو پاڻي‘ ۽ ’لهي ويل پاڻي‘ يا ’ڪَرَ ڏيئي ويل پاڻي‘. هي معنائون ئي لفظ ’ڪائي‘ جون صحيح معنائون آهن، ڇاڪاڻ ته اڪين تي ڪائو پائڻ يا خوردبينيءَ جي استعمال لاءِ ڀٽائيءَ ”ڪنير“ لفظ آندو آهي. ’منهن ڪائو ڏيڻ‘ معنيٰ ڪائي پاڻيءَ مان اونهي ڏانهن وڃڻ. تنهن ڪري ’ڪائو پاڻي‘، ’اونهو پاڻي‘ هڪٻئي جا ضد آهن. ان جو مطلب ته هيءَ لفظ پاڻيءَ جي ڪيفيت يا مقدار ظاهر ڪن ٿا. جيڪا ڳالهه اجا به چٽيءَ طرح هيئن بيهندي ته لفظ ’ڪائو‘، ’صفت‘ يا ’صفاتي ظرف‘ آهي، نه ڪِ ’اسم‘، جنهن جي معنيٰ اسين ’شيشو‘ ڪري ويهي رهون. ٻئي طرف جو اسين ’شيشي‘ کي ’ڪائو‘ ٿا چئون، اهو به انهيءَ ڪري جو شيشي ۾ اسين شين جو سطحي رخ ڏسون ٿا. بلڪل ايئن جيئن پاڻيءَ جي سطح لاءِ ’ڪائو‘ لفظ استعمال ڪيو اٿئون. شيشي جي ’ننڍي‘ بوتل کي ٻهراڙيءَ جي عام لهجي ۾ ’ڪائِي‘ چئجي ٿو جيڪو لفظ به ’ننڍائيءَ‘ جي صفت ظاهر ڪري ٿو.

اجا به اسين ’ڪائو‘ لفظ جي معنيٰ کي وڌيڪ چٽو سمجهڻ چاهيون ته اچو ته ڀٽائيءَ جو گنج کوليون ته ’ڪائو‘ جي معنيٰ ’پاڻيءَ جو سُڪڻ‘ ڏيئي، ڀٽائيءَ ڪيڏي سهڻي رهنمائي ڪئي آهي ته:

كوڙين جي ’كائو‘ ٿي، سمنڊ ڪين سُڪن،
پاڻيءَ سين پيڪ ڪيو تيلاهه وڻجارن،
لالون سي لهن، جنين سودو سچ سين.

مٿيئن بيت جا ليڪ ڏنل لفظ ’كائو‘ لفظ جي معنيٰ ۾ ڪوبہ شڪ شبهو نٿا ڇڏين.

انهيءَ کان علاوه اسين دريائي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ ’كائو‘ لفظ عام طرح هيئن ٻڌندا آهيون تہ ”هنوقت درياءَ كائو ڏيئي ويو آهي.“ اها شاهدي پٽ ڌڻيءَ جي سُر ڌهر ۾ بہ موجود آهي، جتي پاڻ ’پٽيهل‘ درياءَ جي ’كائو‘ ڏيڻ سبب راڄ جي رولڙي ۽ جسوڌڻ بادشاهہ جي ڏکيائين جو ذڪر ٿو ڪري تہ:

سڪي ’ڍور‘ ڍَيون ٿيون، ڪنڌي ڏنو ’كائو‘
پاڻي پٽيهل ۾، اڳيون نہ آيو
ماڙهن ميڙائو ڪهين ڪهين پيٽين.

صرف ايترو ئي نہ، ”مَتو آهين مڇ، ٿلهو ٿيو ٿونا هڻين“. واري مغرور مڇ کي بہ شاهہ صاحب احساس ٿو ڏياري تہ جيستائين واهڙ ۾ وَهہُ هئو تيستائين غرور ۽ گهمنڊ ۾ تون واپس اونهي پاڻيءَ (سمنڊ) ڏانهن وئين ۽ هاڻي پوئتي موٽڻ جا پهہ ڪو ٿو ڪريين. هاڻي ملاحن جون مهميزون پيو سر تي سهہُ. ساڳئي وقت اسان پارن اٽڪاڻن کي وري ’كائو‘ جي معنيٰ صفا، صاف ڪري ٿو ڏئي تہ:

جان واهڙ ۾ وهہ، تان تون مڇ نہ موٽيين،
’کائي‘ ۾ ڪوهہ ڪريين، پوءِ موٽڻ جو پهہ،
سر مٿي سهہ، مهميزون ملاحن جون.

هاڻي ’ڪچ‘ لفظ لاءِ رسالو کوليون ٿا.

(1) اڳهيو كائو ’ڪچ‘، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران.

–

(2) کوڙ ڪماءِ مَ ڪَچُ، اٿي اور الله سين.

–

(3) ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڄم عهد الله جا.

–

(4) مان پڇنئي سپرين، چت ۾ چيتاريجُ،
ڪڍج ’کائي ڪچ‘ کي، ڪوڙ مَ ڪمائيج،
وڻج وهائيج، سپ سوداگر سچ جو.

مٿين سٽن ۾ سمايل تصوف جي اعليٰ نقطن کان نظر هٽائيندي، اگر اسين ’ڪچ‘ لفظ جي معنيٰ ڏسنداسين تہ اُها ٿيندي سطحي پاڻيءَ مان ليندڙ شيون، جن لاءِ اجتمائي نالو ’ڪچ‘ استعمال ٿيو آهي، هيءَ لفظ اگر اسين فعل جي شڪل ۾ ڏسنداسين تہ ٻٽو يا مرڪب فعل ڏسڻ ۾ ايندو، جيئن ڪچو هجڻ، ڪچو ڪرڻ، ڪچو ٿيڻ، ڪچو رهڻ وغيره ۽ اسم ٿهندو ’ڪچائي‘ جنهن مان ’ڪچائي ٿيڻو‘ يا ’ڪچائي ڪرڻ‘ جهڙا اصطلاح ٺهيا آهن.

هاڻي اسان کي ’ڪچ‘ لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿيندي، بلڪ اهو بہ آسان ٿيندو تہ ’ڪچ‘ يا ”کائي جو ڪچ‘ ۽ ”اوڙاهہ جا ماڻڪ، موتي ۽ پاڻيٺ“ هڪٻئي جو ضد ڇو آهن. ڇوتہ هڪ شيءِ کائي يا سِطحي پاڻي ڪمائڻ سان ملي ٿي ۽ ٻي شيءِ لاءِ ’ڪنڌ ڪيڙائو‘ اونهي عميق ڏانهن اوهرن ٿا. باقي ماڻڪن ۽ موتين جو ضد ’شيشو‘ چوڻ ٿوري جلدبازي چئبي يا نظر چُڪ چئبي.

جيڪا شيءِ آسانيءَ سان صرف شلوار جا پانچا ڪنجي ٻُولي اڇجي، اهو ’کائي‘ جو ڪچ يا ’ڪوڙ‘ آهي ۽ جيڪا شيءِ اونهي عميق مان گهورجي، اَها ’سَچ‘ آهي. وڻجارن جي نظام زندگيءَ جي هنن سودن مان ئي هڪ ’سچ جو سودو‘ آهي ٻيو ”ڪوڙ ڪمائڻ ڪچ“ آهي. اسان جي سهڻي لطيف سنڌ جي هن سامونڊي ماحول مان سهڻا لفظ چونڊي ويهي پنهنجي

رهبريءَ جا گرُ سمجهايا آهن. جيڪي اسان کي سمجهڻ لاءِ لغت ضرور سمجهڻي پوندي. لغت جي هِن پنڌ ۾ هلندي اسين ڏسنداسين تہ لطيف جي سالي ۾ اسان کي ’اسم‘ مان ’صفت‘ ٺاهڻ جا ڪيترائي قانون ملندا. چند مثال ڏسون:

(1) اسم+ آر= صفت

مثال: وچ + آر= وَچار

مينهن+ آر= ميهار

(2) اهڙيءَ طرح اسم جي پٺيان، آئتو ايٽو آٽو يو يارو اي، زي، ري، ياري، هاري ملائڻ سان انيڪ صفتون ملنديون. جيئن، آسائتو ٻانڊيٽو حبيباٽو ڪوڙهيو ڪوهيارو پاٽياري، ڳوٺري، وهڙي، ٻلهياري، مَلهاري ۽ مالهاري وغيره. صرف ’ٽي‘ جي پڇاڙي ملائڻ سان بلوچاٽي، قاصيداٽي، آرياٽي ۽ بندياٽي وغيره جا بہ انيڪ مثال آهن.

(3) اهڙيءَ طرح ’اسم‘ کي اڳياڙيون ملائي بہ صفتون ٺاهڻ جا جهجا قانون موجود آهن. جيئن پٺائيءَ جي هڪ سٽ لک لهي تہ:

اڏر، نڌر، اپري، اسونهين آئون.

هن اڳياڙين ۽ پوياڙن وارن قانونن تحت اسين ڪيترائي ٻيا بہ مثال ڏيئي سگهون ٿا. مثال طور:

لاهہ + ري = لاهري.

دو + هري = دوهري (دهري)

نو + هري = نوهري (نهري)

سون + هري = سونهري.

ڪٺ + هڙو = ڪٺهڙو.

اُٻ + هري = اُٻهري_ اُٻهرو.

ڪچ + هري = ڪچهري.

’هري‘ حرف جر جي نشاني آهي ۽ اسم جي مالڪيءَ جي دعويٰ ڪري ٿي، جنهن جي معنيٰ آهي ’وارِي‘ يا ’جهڙي‘. هاڻي مٿين لفظن جون معنائون ٻيهنديون، لاهہ واري، ٻن (سِرن) واري، نون واري (مضبوط) سون واري يا سون جهڙي، ٻاهر ڪٺ ڪيل، اُٻ جهڙي (تڪڙي) ۽ ڪچ واري يا ڪچ جهڙي.

شاهہ صاحب ’هري‘ حرف جر طور صرف مالڪيءَ جي معنيٰ ۾ استعمال نہ ڪيو آهي، بلڪ ’برووي ۽ رپ‘ جي داستان ۾ ’هريو‘ فعل بہ استعمال ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ بہ ساڳي آهي. معنيٰ ’وارو‘:

ڪنڌ وهاٽو پِنو ’هَريو‘ هٿ ٿيوم،
سجڻ ياد پيوم، جاڙ جيان ٿي جيڏيون.

هيءَ لفظ ’هريو‘ اڄ بہ ’برووي ۽ رپ‘ جي مهراٽي واري پٽ جا ماڻهو استعمال ڪن ٿا. جنهن جو مطلب آهي پُسيل يا ”پاٽيءَ وارو“.

هاڻي اسان ان جي مطلوب لفظ ”ڪچهريءَ“ جي معنيٰ ٿيندي اها گفتگو جنهن ۾ گهٽيون ساريون ڪچيون ڦڪيون ۽ هِتان هُتان جون ڳالهيون اچي وڃن. جيئن سمنڊ جون لهرون هِتان هُتان سطح تائين ۽ ڪناري تائين، جيڪي سمنڊ جون هلڪيون ڦلڪيون شيون ڪٽي اچن، تن کي ڪچ چئجي. اڳتي هلي ڏاهن ۽ سگهڙن ’ڪچهريءَ‘ جي وڏيڪ سنائيءَ لاءِ گفتگوءَ جا انداز تبديل ڪيا تہ هي مڙيئي ’ڪچهريءَ جو ڪوڙ‘ آهي، سني ڪچهريءَ لاءِ سنا سگهڙ ڪپن. هيءَ ڪچهري تہ نہ هئي، رڳو ٻگهڙن جي ٻاڦ هئي. ڪچهريءَ کي جڏهن نقطن سان نوازبو تہ انهيءَ جون ٻيون بہ ڪيئي تشريحون سامهون اينديون. جيڪي سڀ وري لفظ ’ڪچهريءَ‘ جا گڻ ۽ اوگڻ ٻڌائينديون.

لساني پيچ گهڻ سان هن 'ڪچ' لفظ جا ٻيا بہ ڪيترائي گهر- ياتي لفظ اسين روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ڪريون ٿا. جيئن: ڳچرو، ڪچڪول، ڪچونمبر ۽ ڪچ ڪوڏيون وغيره.

جڏهن سونارا، سون صاف ڪندا هئا، تہ سون سان گڏ ٻيو جيڪو خام مال هوندو هئو، ان مان سون ڪڍي باقي هڪ ننڍي 'گڏون' يا پتل جي لوٽي ۾ وجهندا هئا. هاڻي جيڪڏهن صراف نہ رهندا تہ ٻيا اناڙي سون کي بہ انهيءَ گڏونءَ ۾ گڏي ڇڏيندا، تڏهن تہ ڀٽائيءَ چيو تہ:

جُہ صرافن لڏيو، تون پڻ لڏج سون،
قدر لهنديءِ ڪونہ، نيئي گڏيندئي گڏونُ سين.

آخر ۾ منهنجي لطيفيات جي عالمن کي لغت جي هن بحث جي روشنيءَ ۾ هڪ وينتي آهي تہ ڀٽائيءَ جي هيٺين ٻن سٽن جي پڙهڻيءَ تي غور ڪن تہ:

(الف) اگهيو ڪائو ڪچ- ماڻڪن موٽ ٿي.

—

(ب) ڪيڏ ڪائي ڪچ کي، ڪوڙ م ڪمائيج.

هاڻي جيڪڏهن اسين (ب) سٽ جي معنيٰ ڪنداسين تہ ٿيندي "ڪائي وارو ڪچ (دل) مان ڪيڄ ۽ ڪوڙ متان ڪمائين". اهڙيءَ طرح مٿين (الف) سٽ ۾ اسين 'ڪائي وارو ڪچ' سمجهون تہ ڪٿي اها سٽ هيئن تہ ڪونہ پڙهبي تہ:

اگهيو ڪائي- ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي.

يعني اونهي پاڻيءَ وارا ماڻڪ ڪونہ اگهيا ۽ ڪائي وارو ڪچ اگهجي ويو جيئن اڄڪلهہ جي زماني جو وهنوار آهي.

پاڻيٺ جي پرڪٽا، ويا سي وينجهار،
ڪنير ڏئي اکيين، لهن سيڪنهن سار،
صرافنئون ڏار، ماڻڪ ملاحظو ٿئي.

# مشهور سياح هيملٽن جي نظر ۾ سنڌو/سنڌ

**- اليگزينڊر هيملٽن**

(مشهور واپاري ۽ سياح، اليگزينڊر هيملٽن 1699ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو. هو لاهري بندر کان ٺٽي آيو هو. هن اهو مختصر پر جامع احوال پنهنجي ڪتاب "An Account of the East Indies" ۾ ڏنو آهي).

سنڌ مغل بادشاهت جي انتهائي اولهہ ۾ سمنڊ سان لڳندڙ صوبو آهي ۽ لاهري بندر هن جو بندرگاهہ آهي، جيڪو سمنڊ کان 5 يا 6 ليگ، سنڌوءَ جي هڪ شاخ تي آهي. هن بندرگاهہ تي 200 ٽنن جا جهاز اچي سگهن ٿا. اُن سان گڏ هڪ ڳوٺ آهي، جنهن ۾ هڪ سؤ گهر موجود آهن، جيڪي مٽيءَ جي گاري مان جڙيل آهن. پر اُتي پٿرن سان جڙيل هڪ قلعو بہ آهي، جنهن تي چار يا پنج توبون رکيل آهن، جيئن هتي جي تجارتي سامان جو بلوچ ۽ مڪراني ڦورن کان بچاءُ ڪري سگهجي. سرحدي علائقن ۾ رهڻ جي ڪري کين چوري چڪاري ڪرڻ جي عادت آهي. اهي هتي جي ويجهڙائيءَ جا رهاڪو آهن. هي هر اُن شخص کي ڦرين ٿا، جيڪو سندن ور چڙهي ٿو. بلوچ ايران مان بغاوت ڪري هتي آيا آهن، ۽ مڪراني مغلن جي رعيت آهن. جڏهن فوج سندن سرڪشيءَ کي دٻائڻ لاءِ ايندي آهي، تڏهن انهيءَ ڪري بچي ويندا آهن، جو انهن جو علائقو جتي هو رهن ٿا، ڏٻٽين ۾ آهي. هي پنهنجي حاڪمن جي حڪمن يا قانون جي ڪا بہ پرواهہ نٿا ڪن. انهن قافلن کي ڦرڻ سندن پيشو آهي، جيڪي لاهري بندر ۽ ٺٽي جي وچ ۾ اچن وڃن ٿا. توڙي جو انهن قافلن جي حفاظت لاءِ 200 گهوڙي سوارن جو دستو هوندو آهي، جيڪو ٺٽي جو نواب يا گورنر ساڻن گڏ موڪليندو آهي، پر اڪثر قافلن جا اهي حفاظتي دستا انهن ڦورن هٿان قافلن کي ڦرجڻ ڏيندا آهن. اُن لاءِ اُهي اهو بهانو ڏيندا آهن تہ اُهي سندن سامهون بيوس آهن، يعني ڦوروگهٽا آهن. پر پوءِ انهن ڦورن کان ڦريل مال مان کين حصو ملندو آهي.

ٺٽو هن صوبي جو واپاري مرڪز آهي ۽ انهيءَ لحاظ کان هي هڪ وڏو دولتمند شهر آهي. ڊيگهه ۾ ٽن ميلن تائين ڦهليل آهي ۽ ان جي ويڪرائي ڏيڍ ميل ٿيندي. لاهري بندر کان هي چاليهن ميلن جي فاصلي تي آهي. اُن جي اولهه واري چيڙڙي تي هڪ وڏو قلعو آهي. ان ۾ پنج سؤ ماڻهن ۽ گهوڙن جي رهائش جي سهولت آهي. هتي ماڻهن جي رهائش لاءِ بيرڪون ۽ گهوڙن لاءِ طنبيلا ٺهيل آهن. نواب جي رهڻ لاءِ هڪ وڏو محل آهي. اهو سمورو مال جيڪو ٺٽي کان لاهري بندر تي ايندو ويندو آهي، ان لاءِ اُٺ، گهوڙا ۽ ڊڪي گاڏيون استعمال ٿينديون آهن. اهو سمورو علائقو ميداني آهي ۽ رستي ۾ جتي ڪٿي گهاٽا چار جا وڻ وغيره بيٺل آهن. اُهي چار جا وڻ وغيره ڦورن جي لڪڻ جو ڪم ڏيندا آهن، جتان اُهي نڪري قافلن تي حملو ڪندا آهن. اُن وقت جڏهن حفاظتي دستو ڪنهن هڪ پاسي جنگ ۾ مصروف هوندو آهي، تڏهن ڦورو گاڏين کي سامان سميت ڪٽي ويندا آهن. 1699ع ۾ چار يا پنج هزار بدمعاشن جي جٿي مال ۽ دولت سان ستيل قافلي کي لُٽيو هو. اُن جو حفاظتي دستو، جيڪو 250 گهوڙيسوارن تي مشتمل هو، سو سمورو قتل ٿي ويو. 500 واپاري ۽ سامان ڍوئيندڙ جيڪي قافلي سان گڏ هئا، اهي لُٽجي ڦرجي جڏهن ٺٽي پهتا، تڏهن انهن ماڻهن کي گهٽو ڊيڃاري ڇڏيو.

هيءَ منهنجي خوشقسمتي هئي، جو آءٌ انهيءَ واقعي جي ڇهن مهينن کانپوءِ لاهري بندر آيس. آءٌ جنهن ڪارگو سان گڏ آيس، ان جي ماليت 10000 پائونڊ هئي. مون کي هتي ٺٽي جو ڪو به اهڙو واپاري نه مليو جيڪو منهنجي سامان جي ٺٽي پهچائڻ کان پهرين قيمت لڳائي. پر اُهي ان لاءِ تيار ٿي ويا ته مون وٽ جيڪي وکر آهن، انهن جي بولي لڳائِي وڃي. مون لاءِ انهيءَ کانسواءِ ٻي ڪا واٽ نه هئي ته آءٌ خشڪيءَ رستي ٺٽي لاءِ هڪ قافلي ۾ سفر ڪريان، جنهن ۾ 1500 جانور هئا ۽ ان کان به وڌيڪ مرد ۽ عورتون هيون. حفاظت لاءِ 200 سوارن جو دستو هو.

اهو جنوريءَ جو وچ هو جڏهن اسين سفر تي روانا ٿياسين. اڃا مس 16 ميل سفر ڪيوسين ته اسان جي مخبرن اچي خبر ڏني ته وڏي تعداد ۾ بلوچ ۽ مڪراني ڦورو اسان جي انتظار ۾ واٽ جهليو ويٺا آهن. مون سان گڏ تيرنهن بندوقن وارا هئا، جيڪي اڳيان اڳيان اسان جي اُنن سان گڏ هئا، اسين سڀ ننڍين گهوڙن تي سوار هئاسين. اها خبر ٻڌي اسين هيٺ لٿاسين ۽ وَهٽن کي پنهنجي سامهون، ڪاٻي ۽ ساڄي ڪيوسين ته جيئن اهي اسان جي لاءِ حفاظتي ديوار بڻجي سگهن ۽ انهيءَ طرح اسين ڦورن جي تلوارن وغيره جي نشانن کان محفوظ رهي سگهون. پر اسان ايتري کُلي جڳهه ڇڏي، جنهن ۾ رهي اسين ڦورن تي فائر ڪري سگهون. اسين اڃا ايترو اڳتي وڌيا ئي نه هئاسين ته ڦورن اسان جي مخبريءَ جي لاءِ هڪ ماڻهوءَ کي اسان ڏانهن موڪليو، جيڪو گهوڙي تي سوار اگهاڙي تلوار ڦيريندو آيو ۽ ويجهو اچي اسان کي ڌمڪيون ڏيڻ لڳو ته جيڪڏهن اسان هٿيار نه اُڇليا ۽ سامان سندن حوالي نه ڪيو ته اسان جي حفاظت جي ڪابه ضمانت نه آهي. مون سان گڏ ٻه جهازران هئا، جن کي مون جهاز ۾ هڪ پکيءَ کي هڪ ئي ڌڪ سان شڪار ڪندي ڏٺو هو جيڪو جهاز جي مٿان اُڏامي رهيو هو. انهيءَ مان مون کي اندازو هو ته انهن جو نشانو گُسي نٿو سگهي. انهن مان مون هڪ کي چيو ته: ”انهيءَ مخبر کي شوٽ ڪري ڇڏ.“ هُن انهيءَ تي هڪدم عمل ڪيو ۽ گولي ان جي مٿي مان آرپار هلي ويئي. هڪ ٻيو جيڪو انهيءَ جي پٺيان اچي رهيو هو ۽ ڌمڪيون ڏيئي رهيو هو انهيءَ کي به ساڳيءَ ريت موت جو منهن ڏسڻو پيو. ان کان پوءِ ايندڙ جي باري ۾ مون هدايت ڏني ته ان جي گهوڙي جي مٿي ۾ گولي هڻئي وڃي، ته جيئن ڪيس جهلي، دشمنن متعلق پڇي سگهون ۽ سندن طاقت جو اندازو ڪري سگهون. گهوڙو جيئن ئي سامهون آيو ته شوٽ ڪيو ويو. ان کان پوءِ اسان جي ڪجهه سوارن، ڦوروءَ کي منهنجي سامهون آڻڻ بدران کيس ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو. هاڻي اسان جو حفاظتي دستو نظر رکندو آيو. جڏهن انهن اهو ڏٺو ته قافلي جي سامهون واري

حصي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، تڏهن انهن همت ڪئي ۽ جهنگ ۾ ڪاهي پيا ۽ انهن ڦورن کي ڏکي ڦٽي ڀڄائي ڪڍيائون. جيڪي اسان جي ساڄي ڪابي پاسن کان حملي جي تياريءَ ۾ هئا. انهيءَ سموري ڪاروائيءَ جي ڪري ڦورو ايتري قدر ڊنا، جو پيرن تي زور رکي وٺي ڀڳا ۽ اسان جي گهوڙيسوارن به سندن پويان پئي منجهائن ڪيترن کي ماري وڌو. جڏهن حفاظتي دستو اُتان واپس وريو تڏهن اسان پنهنجو سفر وري به شروع ڪيو.

اٽڪل چار ميل سفر ڪرڻ کان پوءِ اسين هڪ ڪچي قلعي ۾ پهتاسين. اهو لاهري بندر ۽ ٺٽي جي وچ ۾ آهي، هتي انهن قافلن کي رهائڻ جو انتظام ٿيل آهي، جيڪي اڳتي وڃڻ چاهيندا آهن. قلعي ۾ سوڙهه جي ڪري ماڻهو ۽ جانور سڀ گڏ رهندا آهن. انهيءَ ڪري هن کي ”گند-گهر“ چئجي ته بهتر ٿيندو. هتي ننڍا ننڍا گهر به اڏيل آهن، جتي مسافرن جي خريد ڪرڻ لاءِ پکي، ٻڪر ۽ رڍون به پاليون وڃن ٿيون. انهيءَ مقصد لاءِ جيڪي جڳهيون اڏيون ويون آهن، اهي لاهري بندر ۽ ٺٽي جي وچ تي رستي ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

منهجي ٺٽي ۾ پهچڻ سان، رستي ۾ ڦورن سان جيڪا جنگ ٿي هئي، تنهن کان پهريان ئي منهنجي سنگاني بحري ڌاڙيلن تي فتح، (جيڪا مون مالابار ۽ لاهري بندر جي وچ ۾ ساموندي سفر دوران ڪئي هئي) سا هتي ماڻهن ۾ مشهور ٿي چڪي هئي. تنهنڪري شهر ۾ منهنجي ماناتي آجيان ڪئي ويئي. شهر جا وڏا ماڻهو منهنجي ملاقات لاءِ آيا ته پاڻ سان گڏ منايون، ميوات ۽ گلن جون سوکڙيون کڻي آيا، ڇاڪاڻ ته اسان جو قافلو وڏي خطري مان گذري حفاظت سان هتي پهتو هو. انهن اسان جي قافلي جي بهادري ۽ طاقت جي به وڏي واکاڻ ڪئي.

هتي ٺٽي ۾ اسان پندرهن ڪمرن تي مشتمل هڪ پُرسڪون جڳهه ۾ ٽڪياسين. انهيءَ جڳهه ۾ سامان رکڻ لاءِ هڪ بهترين گدام به هو. گهٽيءَ کان ڏهن فوٽن تي ڊيگهه ۾ ڏاڪڻيون هيون، جيڪي هلڪي هيڊي رنگ جون هُيون ۽ غلاف وانگر هموار هيون. ٻئي ڏينهن نواب پاران سوکڙيءَ طور هڪ ڍڳو پنج رڍون، ڪيترين ئي ٻڪريون، ويهه پکي ۽ پنجاهه ڪبوتر آندا ويا. گڏوگڏ منايون ۽ ميوات به گهڻي مقدار ۾ آندائون. ان وقت هو شهر کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي ڪئمپ ۾ هو جتي اَٺ يا ڏهه هزار فوجي هئا. هن انهن بلوچن ۽ مڪرانين کي سزا ڏيڻ چاهي ٿي، جن قافلي کي ڦريو ۽ سندن ماڻهن کي قتل ڪيو هو. هن مون کي مانيءَ تي گڏجڻ جي خواهش ظاهر ڪندي، اسان کان ملاقات ڪرڻ لاءِ مناسب وقت جي پڇا ڪئي، جيئن هو اسان کي گهوڙا وغيره موڪلي سگهي. مون سندس مهربانيءَ تي ٿورا مڃيا، ۽ خواهش ظاهر ڪئي ته ٻئي ڏينهن تي سندس سلامي ڪبي. هن ٽئين ڏينهن 20 خوبصورت ۽ صحتمند، سهڻي نموني سنجيل ايراني گهوڙا اسان جي سواريءَ لاءِ موڪليا. انهن مان ڏهه مون پنهنجي لاءِ چونڊيا، جيئن آءٌ ۽ منهنجو حفاظتي دستو سواري ڪري سگهي. ڏهه انهن معتبر واپارين جي سواريءَ لاءِ ڏنا، جن مون سان دوست طور هلڻ گهريو ٿي. اسين جيئن ئي ڪئمپ جي ويجهو پهتاسين ته احتراماً گهوڙن تان لهي پياسين، پر هڪ گهوڙيسوار عملدار، جيڪو اسان جي آجيان لاءِ آيو هو ان اسان کي ايئن ڪرڻ کان روڪيو ۽ چيو ته نواب صاحب جي خواهش آهي ته اسين پلي سندس خيمي تائين گهوڙن تي چڙهي اچون. سو اهو عملدار اسان جي رهنمائي ڪندو خيمي جي در تائين اسان سان گڏ آيو. مون کي نواب جي خيمي ۾ آندو ويو، جتي هو اڪيلو ويٺو هو. مون سان گڏ جيڪي به ماڻهو آيا هئا، تن کي هڪ ڪلاڪ تائين اندر اچڻ نه ڏنو ويو. ڪيڪار ۽ حال احوال پڇڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. مون کي آداب ۽ ريتن رسمن جي خبر هئي ۽ اها به خبر هئي ته وڏي عملدار يا امير وٽ خالي هٿين وڃڻ نه گهرجي، انهيءَ ڪري مون ان خواهش جو اظهار ڪيو ته نواب جي قدمن ۾ هڪ معمولي سوکڙي رکي سگهان، جنهن جي هن اجازت ڏني. سوکڙيءَ ۾ هڪ آئينو هو، جنهن جي قيمت 5 پائونڊ هئي، هڪ بندوق ۽ پستولن جي هڪ جوڙي، جنهن جي هَٿِيَن تي سونَ جو ڪم ٿيل هو هڪ تلوار سهڻي مُنيءَ وارو

خنجر ۽ شيشي مان جڙيل خوبصورت حقو. ان کان پوءِ هن منهنجي ساٿين
کي خيمي ۾ گهرايو ۽ اهي سوکڙيون ڏيکاريون. جيڪي مون کيس پيش
ڪيون هيون. هن هر سوکڙيءَ جي وڏي واکاڻ ڪئي ۽ گڏوگڏ منهنجي
بهادري ۽ سخاوت کي ساراهيو ۽ چيو ته آءٌ نٽي جو آزاد شهري آهيان ۽ اهو
اعلان پڻ ڪيائين ته منهنجو سامان سامونڊي ڪسٽم ڊيوٽيءَ کان آجو
هوندو. جيڪڏهن مون سامان خريد ڪيو موٽ ۾ پيسا نه ڏنا، ته منهنجي لاءِ
اهو ضروري نه هوندو ته قاضيءَ جي عدالت ۾ انصاف لاءِ وڃان. پر اهو اختيار
هوندو ته قرض يا رقم نه ڏيڻ وارن کي قيد ڪري سگهان. جيڪڏهن پوءِ به
رقم نه ڏئي ته اهڙي ماڻهوءَ جي ساري ملڪيت ، زال، ٻارن ۽ ويجهن مِٽن مائٽن
کي به وڪڻي سگهان ٿو ته جيئن انهيءَ ذريعي پنهنجي رقم وصول ڪري
سگهان. انهيءَ وڏي رعايت ملڻ ڪري مون کي هميشه اها سهولت رهي ته آءٌ
رقم وصول ڪرڻ جا شرط طئي ڪرڻ وقت اُهي ڳالهيون درج ڪرائيندو
هئس. ٽن ڪلاڪن جي ڪچهريءَ کان پوءِ موڪلائڻ مهل هن چيو ته جيئن
ئي سندن اها مهم ختم ٿيندي، تيئن منهنجي گهر تي اچي ملاقات ڪندا،
پر انهن ٽن مهينن ۾ جيڪي آءٌ نٽي ۾ رهيس، هو شهر واپس نه آيو پر انهيءَ
دوران هو لڳاتار منهنجي صحت ۽ حالت متعلق پڇا ڪندو رهيو.

انهيءَ چيٽي ۽ گند واري گهر کان جڏهن نٽي کان اڳيان وڃبو ته
شهر کان چئن ميلن جي فاصلي تي مٿاهين ميدان تي بائيتاليهه (42) مقبرا
آهن. جن کي ڏسي ايئن معلوم ٿئي ٿو جڻ ته هي به ڪو ننڍو شهر آهي. اهو
سنڌ جي انهن بادشاهن جو قبرستان آهي، جن جي ڪنهن وقت ۾ سنڌ تي
حڪومت هوندي هئي. آءٌ انهن مان سيني کان هڪ وڏي مقبري ۾ ويس،
جنهن جي مٿان گنبذ آهي ۽ وچ ۾ قبر يا تعويز آهي، جيڪو ٽي فوٽ مٿي ۽
ست فوٽ ڊگهو آهي. هتي ٻيون به قبرون هيون، پر ڊيگهه ۾ ننڍيون هيون.
گنبذن جا رنگ هيڊا، ڳاڙها ۽ ساوا آهن، جيڪي پري پري کان چمڪندي
نظر اچن ٿا. انهن ۾ استعمال ٿيل پٿر چورس خانن جي شڪل ۾ ترتيب سان

لڳل آهن. انهن جي رنگين شڪل ڏسي ڏندين آڱريون اچيو وڃن ۽ هڪ
خاص قسم جو سرور حاصل ٿئي ٿو. هي مقبرو اٽڪل 10 وال اوچو ست ۽
وال پکيڙ ۾ هوندو. مون کي ٻڌايو ويو ته هي هن ملڪ جي آخري بادشاهه جو
مقبرو آهي، جنهن جي ملڪ تي جهانگير، جيڪو مشهور بادشاهه اورنگزيب
جو ڏاڏو هو تنهن قبضو ڪيو هو. اهو سترهين صديءَ جو شروعاتي زمانو هو،
جڏهن هن سنڌ جي بادشاهه کي شڪست ڏئي قيدي ڪيو ويو. تڏهن اُتي
ڪانئس پڇيو ويو ته هو پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد لاءِ جيڪو گهري، سو گهري
سگهي ٿو يا هو جيڪو گهرندو، سا گهر پوري ڪئي ويندي. تنهن تي هن
شريفاڻي انداز ۾ جواب ڏنو ته هو چاهي ٿو ته سندس راڻي ۽ اولاد انهيءَ
مقبري ۾ دفن ٿين، جيڪو هن پنهنجي دور جي خوشحاليءَ ۾ تعمير ڪرايو
هو. هن تي اُن وقت به لک روپيا (25 هزار اسٽرلنگ) خرچ ٿيو هو. هي اهڙي
درخواست هئي، جنهن کي اُهو فاتح رد ڪري نه سگهيو.

ٺٽو شهر سنڌو درياهه کان ٻن ميلن جي فاصلي تي هڪ ڪليي
ميدان تي آهي. درياهه مان وڏو واهه ڪوٽي هتي آندو ويو آهي، جيئن شهرين
کي پاڻيءَ جي رسائي ٿي سگهي ۽ هن شهر جي باغن کي سرسبز رکي
سگهجي. 1699ع تائين شهر ۾ باغ گهڻا ۽ ڏاڍا خوبصورت هئا ۽ اُتي بيشمار
وڻ هئا، جن ۾ اعليٰ قسم جو ميوو ٿيندو آهي. خاص طور ڏاڙهون ڏاڍا لذيذ
هئا. مون پنهنجيءَ ڄمار ۾ اهڙا لذيذ ڏاڙهون وري ڪڏهن نه کاڌا. منهنجي
اچڻ کان ٽي سال پهرين مينهن نه وسڻ ڪري شهر ۽ آسپاس جو علائقو
ويران ٿي ويو هو. چيو وڃي ٿو ته شهر ۾ اٺ هزار يا اُن کان به گهڻا ماڻهو مري
ويا هئا، جيڪي ريشم ۽ ڪپهه مان ڪپڙو تيار ڪندا هئا. اهو ڪاروبار به
ختم ٿي ويو هو. اڌ شهر ته تباهه ٿي ويو هو ۽ آباديءَ کان سُڃو ٿي ويو هو. اهو
ئي سبب هو جو شهر جي بادشاهه کي به شهر کان ٻاهر ڪئمپ لڳائي رهڻو
پيو جتي آءٌ ساڻس ملڻ ويو هئس. ڪئمپ چوڪور لڳائي ويئي هئي. جنهن
جي آسپاس ڪاهي ڪوٺائي ويئي هئي، جيڪا ٽي وال ڪن ويڪري هئي ۽

ايتري ئي اونهي هئي. ڪاهيءَ کان پوءِ جيڪو خالي ميدان هو اُتي چار فوٽ اوچي ڊگهي ديوار جوڙي وئي هئي. اوچا چار دروازا هئا، هر دروازي کان سڌي واٽ ان جي سامهون واري دروازي ڏانهن وئي ٿي. جنهن ڪري صليب جي شڪل ٺهجي ٿي وئي. نواب جو محل انهيءَ صليب جي وچ ۾ هو. ڪاهيءَ کي سنڌو درياهه جي پاڻيءَ سان پريو ويو هو ۽ جڏهن ضرورت پئي ٿي، تڏهن ان کي سُڪايو ويندو هو. ان پاڻيءَ کي ڪئمپ کان ٻن ميلن جي وٿيءَ تي ڍبڻ واري علائقي ۾ ڇڏيو ويندو هو.

سڀاجهو سنڌو درياهه ڪشمير تائين جهازرانيءَ لائق آهي. هن درياهه جي هڪ شاخ ڪابل تائين وڃي ٿي ۽ ٻيون شاخون پنجاب، لاهور، ملتان ۽ بکر ڏانهن وڃن ٿيون. انهيءَ ڪري اهي سڀئي شهر انهيءَ جي ڪنڌيءَ تي يا ويجهڙ ۾ آهن. سي اندرون ملڪ جي جهازرانيءَ مان پرپور لاڀ حاصل ڪن ٿا ۽ سڄي ملڪ سان ڳنڍيل آهن. انهن جا جهاز ڪفيتز سڏيا وڃن ٿا جيڪي هر سائز جا ٿين ٿا، انهن مان سڀني کان وڏو جهاز 200 ٽن وزن کڻي سگهي ٿو. ان جي هيٺين سطح هموار هوندي آهي. ان جي ٻنهي پاسن ۾ اڳئين پاڇي کان آخر تائين ڪئبنون جڙيل آهن. هر ڪئبن ۾ هڪ رڌڻو هوندو آهي ۽ ڪاڪوس به ٺهيل هوندو آهي، جنهن جي گندگي سڌو پاڻيءَ ۾ ويندي آهي. اهي ڪئبنون مسافرن کي ڀاڙي تي ڏنيون وينديون آهن، جيئن اهي ضروري سامان سميت الڳ رهي سگهن. هر مسافر پنهنجي ڪيبن کي تالو لڳائي حفاظت سان رهي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح ان جو واپاري وکر هر انهيءَ هنڌ وڪري لاءِ تيار هوندو آهي، جتي جي منڊيءَ ۾ اهو گهربل هوندو آهي. مون اجا تائين سڄي ڄمار جي سفر ۾ اهڙيون سهولتون درياهه يا سمنڊ ۾ ڪٿي به نه ڏٺيون آهن. ٻيڙين ۽ جهازن تي هڪ وڏو سڙهه هوندو آهي، ان جو استعمال تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن تيز هوائون هونديون آهن، پر جڏهن هوائون نه هونديون آهن، تڏهن ان کي کوليو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ ضروري هوندو آهي ته جهاز ۾ ماڻهو گهٽي تعداد ۾ هجن ته جيئن انهيءَ وقت جڏهن هوا اُبتي هجي ته اهي لهرن جي اُبتڙ هلي سگهن. ٺٽي کان لاهور تائين جو سفر ڇهن کان ستن هفتن ۾ طئي ڪري سگهبو آهي. پر لاهور کان واپسيءَ وقت ارڙهن کن ڏينهن لڳندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهو سفر ٻارهن ڏينهن ۾ به پورو ٿي ويندو آهي. ٺٽي جي ويجهو درياهه جي ويڪر (پيٽ) اٽڪل هڪ ميل کن ٿيندي. جڏهن مون پاڻيءَ جي گهرائي، پيمائشي اوزار پاڻيءَ ۾ وجهي ماپڻ چاهي ته ڇهه فيٿم (هڪ فيٿم ۾ ڇهه فوٽ هوندا آهن.) هئي. لهرون ايتريون تيز نه هيون، وهڪري جي رفتار ڪلاڪ ۾ ٻه يا اڍائي ميل هوندي آهي. درياهه ۾ مڇيءَ جا ڪيترائي قسم آهن. انهن مان مڇيءَ جو هڪ قسم ته اهڙو به هو جنهن جهڙي لذيذ مڇي مون زندگي ڀر نه کاڌي آهي، اها مڇي 'پلو' هئي. انهن مان ڪجهه مڇين جو وزن 20 پائونڊن کان به وڌيڪ هو. اسين انهن مان ڪجهه جيئريون مڇيون مارڪيٽ تائين کڻي آياسين.

هتي ڪاري رنگ جا پالتو جانور گهڻا آهن. ٻنهه ٿلهيون ٻڪريون ۽ رڍون به آهن، جن مان 80 کان 100 پائونڊ تائين گوشت ملي سگهي ٿو. هتي جا گهوڙا قد ۾ ننڍا هوندا آهن، پر محنتي، سخت جان ۽ تيز رفتار آهن. هرڻ، سها، لومڙ ۽ ٻيا جانور جهنگ ۾ شڪار لاءِ تمام گهڻا آهن. انهن جو شڪار هو ڪتن، چيتن ۽ هڪ خطرناڪ قسم جي مخلوق سان ڪندا آهن، اها ڊيگهه ۾ لومڙ جي برابر هوندي آهي. ان جا ڪن ڊگها سهي وانگر هوندا آهن. ان جو منهن ٻليءَ جهڙو هوندو آهي. سندس پُٺ ۽ پاسا ڪارا، پر پيٽ ۽ ڇاتي اڇي هوندي آهي. منهنجي خيال ۾ اهو ڪو ناياب قسم جو جانور آهي، ڇو ته مون انهن جو تعداد گهڻو نه ڏٺو. جڏهن انهن کي شڪار لاءِ نيو ويندو آهي، تڏهن گهوڙيسوار ان کي پويان ويهاري ڇڏيندو آهي. ان جي اکين تي پٽي ٻڌي ويندي آهي. هتي هرڻ انسانن سان ٻنهه گهڻي انسيت رکندا آهن. تنهنڪري اهي ايستائين ڪونه ڀڄندا آهن، جيستائين گهوڙا ٻنهه ويجهو ايندا آهن. اهو سوار، جيڪو ان جانور کي وٽي وڃي رهيو هوندو

آهي. اهو ان جي اکين تان پٽي لاهيندو آهي ۽ ان کي شڪار ڏيکاريندو آهي. ڏسندي ئي ڏسندي اهو گهوڙي تان ٽپ ڏيئي تيزيءَ سان پهچي وڃي هرڻ کي پُٺ وٽان حملو ڪندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي شڪار جون اکيون ڪرڙي وٺندو آهي. جيئن جانور کي آسانيءَ سان شڪار ڪري سگهجي. چيتا پنهنجي شڪار کي ڀوڙائي ڀوڙائي ٿڪائي وجهندا آهن. اهوئي ڪم ڪتا بہ ڪندا آهن. جيڪڏهن شڪار پاڻيءَ ۾ ڪري پوندو آهي تہ اهو ترندو ويندو آهي ۽ اُتان کان ان کي ڪٽي ايندو آهي. هتي مور، ڪبوتر، تتر، ڳيرا، بدڪن جا مختلف قسم جهڙي: جهنگلي بدڪ، جهنگلي هنج، هڪ قسم جي ڊگهي ڇهنب واري آڙي، تتر ۽ تلور. هر هڪ کي آزادي آهي تہ هو جنهن وقت چاهي پکي شڪار ڪري سگهي ٿو. هو پنهنجي باغن ۽ کيتن ۾ هڪ خاص قسم جو فصل پوکيندا آهن. جنهن کي سيلاب چوندا آهن. هي سائيز ۾ شفتالوءَ جيڏو هوندو آهي. پر اُن ۾ ڪوبہ ٻج نہ هوندو آهي. ان جي استعمال کان پهرين ان کي سُڪايو ويندو آهي ۽ مناڻ ملائي ان کي پيهي اٽو ڪري اُن کي چانهہ يا ڪافيءَ وانگر پيئندا آهن. چيو وڃي ٿو تہ ان جي استعمال سان ذهني دباءُ گهٽ ٿيندو آهي ۽ انسان صحتمند ۽ تندرست رهندو آهي.

هن ملڪ ۾ اناج، چانور، داليون ۽ گهوڙن ۽ چوپائي مال جو چارو جام آهي. هتي ڏڪار، تڪليف ۽ اذيت جو احساس نہ آهي. اپريل، مئي ۽ جون جي مهينن ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ڪڇي جي علائقن کي پيري چڙهيندو آهي، جڏهن ٻوڏ ختم ٿي ويندي آهي، تڏهن زمين ريتجي ويندي آهي. هي ماڻهو انهيءَ جي سُڪڻ کان اڳ ۾ اُن ۾ ٻج ڇٽي ڇڏيندا آهن. جنهن ڪري هر فصل ٻنهہ پلو ٿيندو آهي. هن ملڪ جي ٻي پيداوار ۾ شورو، بوريڪس، نيري رنگ جي معدني شيءِ قابل ذڪر آهن. خام ريشم (سلڪ) سني قسم جي نہ آهي. جيڪا سلڪ هتي ٺاهي ويندي آهي، ان کي جاميدار چوندا آهن. اهو ڪپڙو سلڪ ۽ ڪپهہ جي ملائڻ سان ٺهندو آهي. اهو ڳُٽيني سڏيو ويندو آهي. سلڪ ۽ اُن جي ملاوت کي 'ڪلبلي' نالي سان سُڃاتو وڃي ٿو. اهي جيڪو ڪپڙو ٺاهيندا آهن. ان کي 'جوڙي' چوندا آهن. اهو نفيس ۽ ملائم هوندو آهي ۽ گڏوگڏ سستو بہ هوندو آهي. بسترن جون چادرون تہ واهہ جون هونديون آهن. هتي فرنيچر بہ ڏاڍو سهڻو ٺهندو آهي، جنهن تي هاٿيءَ جي ڏندن (عاج) سان جڙاوت ٿيل هوندي آهي. دنيا جا بهترين تيرڪمان مينهن جي سِنڱن مان ملتان ۾ ٺهندا آهن. توڙي جو هو فرنيچر ۾ خوبصورتيءَ لاءِ جڙاوت ڪندا آهن، پر چيين هنن کان اڳتي آهي. هي مکڻ مان گيهہ ٺاهي هڪ خاص قسم جي برتنن ۾ بند ڪري وڏي مقدار ۾ ٻاهرين ملڪن ۾ موڪليندا آهن. جيڪڏهن گيهہ ۾ لوڻ ملائي ڇڏيندا آهن تہ اهو گيهہ سڄي سال تائين تازو رهندو آهي، پر گهڻو وقت رهڻ کان پوءِ خراب ٿي ويندو آهي.

هتي هڪ خاص قسم جو ڪاٺ ٿيندو آهي، اُن کي ڪاٺ کان وڌيڪ جڙ (پاڙ) چيو وڃي تہ بهتر آهي. مون اُن باري ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪٿي بہ پڙهيو ناهي. پر هيُءَ خوشبوءِ جو هڪ اهم عنصر آهي. هتي هيءُ تمام گهڻو پيدا ٿيندو آهي ۽ هي سورت ڏانهن برآمد ڪيو ويندو آهي. هتان کان چين بہ موڪليو ويندو آهي، جتي هن جي وڏي قيمت آهي. اُن کي ڪُٽي پِيهِي اُن جو پائوڊر ٺاهيو ويندو آهي ۽ سيئي بُت پرست آڱرين ۾ جهلي ان جي خوشبوءِ ڇٽڪاريندا آهن ۽ عبادت ڪندا آهن.

هتي جو قانوني مذهب اسلام آهي، پر هڪ مسلمان جي مقابلي ۾ 10 غير مسلم آهن (يعني غير مسلم ڏهوڻ تي آهن) پر ٺٽي جو شهر مسلم ادب جي تعليم جي لحاظ کان گهڻو مشهور آهي. هتي الاهيات، فلسفو ۽ سياست جا علم پڙهايا ويندا آهن. اُن لاءِ هتي اٽڪل چار سؤ (400) کان وڌيڪ ڪاليج آهن. جتي نوجوان شاگرد تربيت حاصل ڪندا ۽ فيضياب ٿيندا رهندا آهن. الاهيات جي هڪ پروفيسر سان منهنجي دوستي ٿي وئي، جيڪو پاڻ کي هڪ سٺو مورخ بہ سمجهي ٿو. هڪ ڏينهن هن مون کان هڪ سوال پڇيو تہ آءٌ سڪندر اعظم کي سُڃاڻان ٿو؟ مون چيو تہ ها پڪ سان. ۽ پوءِ هن اُن جي جنگ بابت ٻڌايو جيڪا راجا پورس سان ٿي هئي ۽ جنهن ۾

هو فاتح ٿيو هو. پاڻ ٻڌايائين تہ سندن تاريخي ڪتابن ۾ سڪندر ۽ پورس جو واقعو درج ٿيل آهي، مگر مختلف انداز ۾ آهي ۽ اُن ۾ اهو بہ آهي تہ سڪندر اعظم سنڌو ندي ڪيئن پار ڪئي؟ هن چيو تہ سندن ڪتابن ۾ اليگزينڊر بدران سڪندر لکيل آهي، جيڪو هڪ جادوگر هو. اُن هزارين جهنگلي هنجن کي گهرايو، جن هن جي فوج کي درياهہ پار ڪرايو. پورس جي هاٿين جادوءَ جي ڪري هنن جي فوج طرف رخ نہ ڪيو. هتي ماضيءَ ۾ پورچوگيزن هڪ چرچ تعمير ڪئي هئي، جيڪا شهر جي اوڀارئين پاڳي ۾ هئي. اها جڳهہ اڃا تائين موجود آهي، ان ۾ عيسائي اوليائن جون تصويرون ۽ قربان گاهہ جي چادر بہ آهي، جيڪا هن مون کي وڪڻي ڪئي هئي، پر آءٌ اهڙين شين جو واپاري ناهيان.

غيرمسلم پنهنجي مذهبي عقيدن ۾ بلڪل آزاد آهن، اهي پنهنجا روزا ۽ ٻيا ڏهاڙا ايئن ملهائيندا آهن، جيئن آڳاٽن زمانن ۾ سندن دستور هوندو هو. جڏهن سندن بادشاهن جي حڪومت هوندي هئي، اُهي مُردن (لاشن) کي ساڙيندا آهن، پر عورتن کي پنهنجي مُڙسن سان گڏ ساڙڻ کان روڪيو ويندو آهي. هتي هاٿيءَ جي ڏندن جي وڏي کپت آهي، ڇو تہ اُن مان ٺهيل (عاج جون) چوڙيون عورتون پنهنجي سڄيءَ ٻانهن (اُلهي ڪُلهي) ۾ پائينديون آهن، يعني هٿن کان وٺي ڪلهي تائين. سندن مرڻ وقت اهي چوڙيون ساڻن گڏ ساڙيون وينديون آهن.

جنهن زماني ۾ آءٌ اُتي هئس، مون سندن ڪيترائي تهوار ملهائجندي ڏٺا. انهن مان هڪ فيبروريءَ ۾ چنڊ جي پهرينءَ تاريخ ٿيندو آهي، جنهن کي هو هوليءَ جو ڏهاڙو چوندا آهن ۽ اُن موقعي تي ڪِل خوشيون ڪندا آهن. سيئي مرد ۽ عورتون گهٽين ۾ نڪري ايندا آهن ۽ دهل وغيره وڄائيندا آهن. عورتون پنهنجي مٿن تي مٺائين جا ٿالهہ کڻي اچي هر شخص کي مٺائي کارائينديون آهن، مرد هڪٻئي کي رنگ هڻندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي تيل لڳائيندا آهن، جڏهن اهي ڪنهن جي گهر ۾ ويندا آهن، تہ اُتي بہ تيل ڇڻڪاريندا آهن جنهن جي بوءِ ڪا چڱي نہ هوندي آهي، پر هو گهرن کان ٻاهر ماڻهن کي گلاب جو عطر هڻندا آهن ۽ چانديءَ جا سڪا (ڏوڪڙ) خيرات ۾ ڏيندا آهن.

سنڌو درياهہ کي هتان ڏسڻ ڏکيو آهي، پر هڪ الله جي وليءَ جو مقبرو ٺهيل آهي، جنهن ۾ هڪ مينار ٺاهيل آهي، جنهن کي ”سنڌي مينار“ سڏيو ويندو آهي. اُن تي اچي قلعي لڳل آهي، جيئن اهو هميشہ پري کان نظر ايندو رهي. هتان کان هڪ گهاڙ (چاڙهہ) جيڪا درياهہ تائين وڃي ٿي، سا بنهہ سوڙهي آهي ۽ اڍائي فيٿم کان وڌيڪ ناهي، پر سنڌو درياهہ جي هڪ ننڍي شاخ آهي، جنهن جي ذريعي شهر کي پاڻي ملندو آهي، ان کي ”ديولي“ يا ”ستن منهن واري“ چيو وڃي ٿو. هي اڳتي ٻين شاخن وانگر سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي آهي.

(مترجم: **ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**)

# محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سنڌي صحافت لاءِ خدمتون

**(رسالي ”انسان“ جي موضوعن، مواد ۽ ٻوليءَ جو جائزو)**

- ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

صحت مندي، صحافت کي ڏياري ڏيپلائي ٿي،
ادب کي تندرستي ئي وٺائي ڏيپلائي ٿي،
حقيقت آ تہ بنجي خود لساني پختگي آيو،
صحافت لاءِ بنجي ڏيپلائي زندگي آيو.
(”نشتر“ ناٿن شاهي)

محمد عثمان ڏيپلائي (1908ع- 1981ع) سنڌي ادب ۽ صحافت جو هڪ اهم نالو آهي. سندس صحافتي سفر جي شروعات سنڌي صحافت جي ٻئي دور (1911ع کان 1947ع) جي آخر کان شمار ڪري سگهجي ٿي. پاڻ ڊگهو عرصو صحافت ذريعي سنڌي سماج جي خدمت ڪيائين، جنهن تي تفصيلي نظر وجهڻ کان اڳ ڪجهہ روشني ”صحافت“ جي موضوع تي وجهنديس تہ جيئن هڪ سچي صحافيءَ جي خاصيتن جي وضاحت کان پوءِ ڏيپلائي صاحب جي خدمتن جو جائزو پيش ڪري سگهجي.

”صحافت بہ هڪ لحاظ کان رياضيءَ وانگر حقائق ۽ غير جذباتيت تي ٻڌل هڪ نوس علم آهي، حالتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ جو نالو آهي. صحافيءَ لاءِ صحافت فرض بہ آهي تہ پيشو پڻ چئي سگهون ٿا. ڏنو وڃي تہ صحافي مؤرخ بہ آهي تہ سماج جو نقاد پڻ. هو هڪ حقيقت شناس آهي. سندس هٿ قوم جي نبض تي هوندا آهن. هو قوم جي رڳ رڳ کان نہ صرف واقف آهي، بلڪ سندن ڏکن سکن، خوشين غمين، عجبن، حسرتن ۽ پريشانين کي بہ پوريءَ ريت ڄاڻي ٿو.“(1)

اها حقيقت آهي تہ صحافي مؤرخ بہ آهي ۽ نقاد پڻ. پر انهيءَ ۾ ڪجهہ وڏاءُ ضرور آهي تہ ”صحافت غير جذباتيت تي ٻڌل نوس علم آهي.“ ڏنو وڃي تہ صحافت ۾ پڻ جذباتيت جو عمل دخل موجود آهي. جڏهن اسين صحافت کي حقائق نگاريءَ جو ترجمان چئون ٿا، تڏهن هتي اهو چوَ ٿا وساري ويهون تہ اخبار هڪ صنعت آهي، جنهن جو مقصد پئسو ڪمائڻ آهي ۽ پئسي ڪمائڻ لاءِ ناڻو خرچ ڪندڙ يقيناً انهيءَ ۾ نفعي جي اميد بہ رکندو، ان ڪري هو پنهنجي مفاد کي بہ سامهون رکندو، جنهن لاءِ هو اخبار يا رسالي جي سرڪيوليشن وڌائڻ جا جتن ڪندو. پوءِ هُو انهيءَ اخبار ۾ ڪيترو سچ آڻي سگهي ٿو ۽ ڪيترو نہ. اهو سڄو دارومدار انهيءَ ايڊيٽر صحافيءَ جي ضمير جي آواز ۽ انصاف پسنديءَ واريءَ طبيعت تي آهي.

ماهتاب محبوب هن ڏس ۾ لکي ٿي تہ:

”صحافت سچ جي ڊاڪيومينٽيشن آهي. ڪو وقت هو جڏهن صحافت جو نالو ڪنڻ سان ذهن ۾ سچ، صداقت ۽ ڪمٽمينٽ جو تصور ٿي اڀريو پر اڄوڪين ڪمرشلزم جي حالتن ۾ جڏهن صحافت صنعت جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي، تڏهن سچ ۽ صداقت ڪمرشلائيز ٿي پيا آهن. ڪهڙو سچ وڪامبو ۽ ڪهڙو نہ؟“(2)

محمد عثمان ڏيپلائي انهن باضمير صحافين ۽ ايڊيٽرن مان هو، جن سچ ۽ صداقت کي ڪمرشلائيز ٿيڻ نہ ڏنو. زندانن کي زنده دليءَ سان منهن ڏيندي، هن جمهوريت جي پيداوار سچيءَ صحافت کي آمريت خلاف جوٽيل جنگ طور استعمال ڪيو. ڏيپلائي صاحب هڪ بيڌڙڪ بي ريا، بيباڪ، باهمت ۽ بينظير صحافي ۽ ايڊيٽر هو جنهن کي سچيءَ صحافت

جي سرواڻيءَ تان هٿائڻ لاءِ ڪئين تڪليفون ڏنيون ويون. اخبارن ۽ رسالن جا ڊڪليئريشن منسوخ ڪيا ويا. اشتهارن تي پابنديون وڌيون ويون. ڪاغذ جي ڪوٽا گهٽائي ويئي. ڪيس بي سبب بند ۾ رکيو ويو پر هو پنهنجي مقصد تان نه هٽيو ۽ اٽل ارادن سان پنهنجي مشن کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيائين.

تن سورن کي شاباس، جن پرت پڄاڻي پنهل سين.

سنڌي صحافت جي ابتدا 15 مارچ 1858ع کان ”فوائدالاخبار“ سان ٿي، جا سنڌي ۽ فارسي گاڏڙ اخبار هئي. ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيي چواڻي:

> ”سنڌي صحافت جي تاريخ کي، مکيه طور ٽن دورن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. پهريون دور 1858ع کان 1910ع تي ختم ٿئي ٿو، ٻيو دور 1911ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ 1947ع تي پاڪستان ٺهڻ سان ختم ٿئي ٿو ۽ ٽيون دور 1947ع کان شروع ٿئي ٿو.“ (3)

ڏيپلائي صاحب جو تعلق ٻئي ۽ ٽئين دور سان لاڳاپيل آهي، جنهن ۾ ڪانئس اڳ جن صحافين سنڌي صحافت کي ترقي ڏياري، انهن ۾ مرزا صادق علي بيگ، ساڌو هيرانند، ساڌو نولراءِ، پرمانند ميوارام، چيتمل پرسرام گلراجاڻي، ڏيارام گدومل، الله بخش ابوجهو، حسن علي آفندي، رئيس شمس الدين بلبل، مولوي نورمحمد نظاماڻي، محمد هاشم مخلص، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پير علي محمد راشدي، غلام محمد پرڳڙي، پير حسام الدين راشدي، مولوي عبدالغفور سيتائي، بولچند راجپال، محمد عثمان انصاري، جي. ايم. سيد، حيدربخش جتوئي ۽ ٻيا ڪيترا نالا شامل آهن.

صحافت جي ٽئين دور ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ کان علاوه قاضي عبدالمجيد عابد، قاضي اڪبر، راشدي برادران، غلام محمد گرامي، غلام محمد کوکر، ڪريم بخش خالد، شيخ علي محمد، سيد سردار علي شاهه، خيرمحمد کوکر، درمحمد قريشي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، علي نواز وفائي، سراج الحق ميمڻ، شيخ عزيز، طارق اشرف، مدد علي سنڌي، فقير محمد رحيم، انور هالائي، زاهد لغاري، عابد لغاري، محمد علي قاضي، محمد ايوب قاضي، مخدوم رفيق، عمرالدين بيدار ۽ ٻيا ڪيترائي صحافي ۽ ايڊيٽر رهيا آهن، جن سنڌي صحافت لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. ازانسواءِ هندوستان جي به ڪيترن شخصن جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جن سيني گڏجي سنڌي صحافت کي وڌي ترقي ڏياري ۽ ڏيپلائي صاحب جي انهن سيني ۾ هڪ ممتاز حيثيت رهي. هن 50 سالن جيترو عرصو صحافت جي خدمت ڪئي آهي.

ڏيپلائي صاحب صحافتي شوق جي شروعات پرائمري پڙهائيءَ دوران دستي اخبار ”فرحت آثار“ (18_1919ع) ڪيڍڻ سان ڪئي. کيس لکڻ ۽ پڙهڻ جو ننڍپڻ کان ئي گهڻو شوق هو ته اخبار نويسيءَ سان ته خاص شغف هو. محمد عثمان ڏيپلائي همه صفت خوبين جو مالڪ شخص هو. هو هڪ ئي وقت ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، سوانح نگار ۽ مترجم ته هو پر سچو صحافي ۽ پبلشر پڻ. گهڻي پڙهڻ ۽ لکڻ سان گڏ سندس ڪتابن ۽ رسالن جي ڇپجڻ جو سلسلو به تمام تيز هو جنهن جو وڏو سبب جرائت ۽ همت سان گڏ ذاتي اشاعتي ادارن جو قيام هو.

ڏيپلائي صاحب باقاعده طور ڇپائيءَ جي سلسلي لاءِ 1938ع ۾ ”اسلاميه دارالاشاعت“ اداري جو قيام ميرپورخاص ۾ عمل ۾ آندو. 1941ع ۾ ماهوار ”عبرت“ جو ڪتابي سلسلو جاري ڪيائين، جيڪو 1943ع ۾ هفتيوار ۽ 1953ع ۾ روزانه اخبار طور جاري ٿيو. 1942ع ۾ ڏيپلائي صاحب مستقل حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جنهن ڪري اسلاميه دارالاشاعت جو سلسلو ۽ ”عبرت“ اخبار پڻ حيدرآباد منتقل ٿيا. ”عبرت“ جو نالو مشهور ترڪي اديب ۽ صحافي نامق ڪمال جي اخبار ”عبرت“ تان ورتل آهي.

1952ع ۾ ڏيپلائي صاحب "اداره انسانيت" جو قيام عمل ۾ آندو. هن اداري تحت جديد ترقي پسند ادب جي اصلوڪن ۾ ترجمو ٿيل ڪتابن جي اشاعت ٿي. "اداره انسانيت" مان جاري ٿيندڙ رسالو "انسان" 1957ع ۾ پهرين ماهوار ۽ مئي 1959ع کان هفتيوار شايع ٿيو. 1961ع ۾ ڏيپلائي صاحب جي نظربنديءَ سبب هن رسالي جو اجراء بند ٿي ويو.

ماهنامه "ساٿيهه ڊائجيسٽ" 1969ع ۾ ڪڍيائين ۽ روزانه "سنڌ ٽائيمس" به جاري ڪيائين.

> "اداره انسانيت" ۽ "اداره لطيفي" جي نالي سان ڏيپلائي صاحب جي قائم ڪيل اشاعتي ادارن ۾ نه فقط سندن ذاتي ڪتاب ڇپيا هئا، پر ٻين ڪيترن وڏن ليکڪن جا ڪتاب ڇپيا ويا.

1958ع ۾ ڏيپلائي صاحب "عبرت" اخبار قاضي برادران جي حوالي ڪئي، جنهن جو سبب ڄاڻائيندي، ڊاڪٽر ثريا نسيم قاضي لکي ٿي ته،

> "ان جو سبب صرف اهو هو ته ڏيپلائي ان وقت حالتن سبب اخبار جي اشاعت وسيع پئماني تي نٿي ڪري سگهيو جڏهن ته سندس ڪوشش ۽ خواهش توڙي مقصد اهو هو ته اخبار گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ پڙهندڙن تائين پهچي، انهن جي شعوري تربيت سان گڏ خيالن ۾ به وسعت آڻيندي رهي. پاڻ ائين نه ڪري سگهيو تڏهن هُن اهو مناسب فيصلو ڪيو ته اخبار کي مضبوط هٿن ۾ سونپي، اهو مقصد حاصل ڪجي. اها وقت جي تقاضا هئي."(4)

"عبرت" اخبار قاضي برادران کي ڏيڻ کان اڳ ڏيپلائي صاحب "اداره انسانيت" کي قائم ڪري انهيءَ معرفت رسالي "انسان" جو اجراءُ 1956ع ۾ شروع ڪري ڇڏيو هو.

ڏيپلائي صاحب جون صحافتي خدمتون تمام وسيع آهن، جن جو ڪجهه ذڪر ٻن ڪتابن "انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي، محمد عثمان ڏيپلائي" (مرتب: تاج جويو) ۽ "سنڌ جو ڪهنه مشق صحافي" (مرتب: نورمحمد عباسي) ۾ آيل آهي.

هن مقالي ۾ آءٌ ڏيپلائي صاحب جي جاري ڪيل رسالي "انسان" جي موضوعن، مواد ۽ ٻوليءَ جو جائزو پيش ڪريان ٿي.

"انسان" رسالو سنڌ جو ڪثيرالاشاعت ۽ مقبول عوام رسالو هو، جيڪو پوريءَ سنڌ ۾ تقريباً سؤ کان مٿي هنڌن تي دستياب هو ۽ ان جي قيمت صرف 4 آنا هئي.

> "انسان جا 8-9 پرچا نڪتا ته هر طرف واهه واهه ٿي ويئي، ان پرچي جي اشاعت سنڌي اخبارن ۾ ٻئي نمبر تي هئي". (5)

خود ڏيپلائي صاحب ."انسان" جي اجراء تي لکيو آهي ته:

> "ملڪ آزاد ٿيو ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هاڻ قوم کي سڌارڻ جي جدوجهد کي تيز ڪيم، پر انسانيت جي دشمنن کي اهي ڪوششون نه آئڙيون ۽ بنا ڪنهن ڏوهه جي ڪٽي ٽيپ ۾ وڌائون. اتان ئي سندن رسالي "انسان" کي جاري ڪرڻ جي اڻ ٿيٽي اسڪيم ڪٽي آيس، پر ٻاهر نڪرڻ تي ڪن انسانيت جي خيرخواهن، نوجوانن ۽ بزرگن انسان رسالي جي جاري ڪرڻ جي اجازت اهڙيءَ طرح ڏني، جو انسانيت جي دشمنن جا تاڪ لڳي ويا".(6)

رسالي 'انسان' سنڌ ۾ مقبوليت جا رڪارڊ قائم ڪيا. ظفرحسن هن ڏس ۾ لکي ٿو ته،

> "ڏيپلائي صاحب جي سنڌي اخبار نويسيءَ ۾ وڏي ڪنٽريبيوشن آهي. هفتيوار "انسان" سنڌي اخبار

نويسيءَ جو چٽ هو اهو رسالو ون يونٽ جي دور ۾ نڪتو
۽ هر پرچو ايترو ته سينسر ٿيو جو ڪڏهن ڪڏهن ته
رسالو اوور پرنٽ جي ڪري پڙهڻ جي ناقابل بڻايو ويندو
هو“. (7)

ڏيپلائي صاحب جي ”انسان“ رسالي جي معرفت انساني بنيادي حقن لاءِ ڪيل جدوجهد اهم آهي. هونئن ته ڏيپلائي صاحب شروع کان ئي انسان دوستيءَ جو مهندار هو پر هيءُ رسالو خاص طور انساني بنيادي حقن جي سڃاڻپ ۽ سنڌي سماج کي سندن حقن جي آگهي ڏيڻ واسطي هو. سندس ئي لفظن ۾ ته، ”منهنجي جدوجهد انسانيت ۽ انسان جي بنيادي حقن جي لاءِ آهي.“

عام طرح هفتيوار ”انسان“ پنجويهن کان ٽيهن صفحن جو رسالو شايع ٿيندو هو جنهن جا جملي 90 پرچا شايع ٿيا. انسان جي ورق تي هن ريت لکيل هوندو هو:

**هفتيوار ”انسان“**
**محمد عثمان ڏيپلائي ولد حبيب الله ڏيپلائي، ايڊيٽر، پرنٽر، پبلشر، اسلاميه پريس، الهندو ڪچو حيدرآباد مان ڇپي ”اداره انسانيت“ مان پڌرو ڪيو، حيدرآباد، سنڌ (پاڪستان)**

”انسان“ رسالي جي پرچن جي جائزي کان پوءِ ڏٺو وڃي ته پبلشر کان پوءِ ”ليکڪ“ جو اضافو به جائز هو ڇوجو گهڻي ڀاڱي سڄي رسالي ۾ ڪم هڪ ئي شخص جو هو. هُو اڪيلو ئي سڄي رسالي تي ڇانيل رهيو. ”انسان“ رسالي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سڄي رسالي مان صرف ڏيپلائي ئي ڏيپلائي پسجي رهيو آهي. هڪ مڪمل اداري جو ڪم هڪ ’فرد واحد‘ سرانجام ڏنو. هن رسالي ۾ مشهور ليکڪن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون. جن ۾ نظم ۾ جناب طالب المولىٰ، شيخ اياز، بردي سنڌي، هري دلگير، عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي، ذوالفقار راشدي، گورڌن سنڌي ۽ ٻين جي شاعريءَ سان گڏ شيخ اياز، ناصر مورائي، حيدربخش جتوئي، فضل احمد بچاڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ممتاز مرزا، ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ ٻين جا افسانا ۽ مضمون شامل آهن. ترجمي جي حوالي سان ڪرشن چندر، خليل جبران، خواجه احمد عباس، قدرت الله شهاب ۽ ٻين جي تحريرن جا ڏيپلائي صاحب، فضل احمد بچاڻيءَ، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ ۽ محمد علي ڏيپلائيءَ ترجما ڪيا آهن. ڊاڪٽر نجم عباسي ”انسان“ جي باقاعده لکندڙن ۾ شامل هو. سندن ڪيترين طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل لکڻيون ”انسان“ جي مختلف پرچن ۾ موجود آهن.

”سنڌيءَ ۾ جن اديبن تي ڏيپلائي صاحب جي لکڻين ۽
سوچ جو گهڻو اثر آهي، تن ۾ ڊاڪٽر نجم عباسي
سرفهرست آهي. هن ڏيپلائي صاحب جي جهاد کي اڳتي
وڌايو آهي. سندس لکڻين مان مظلوم طبقي جي پگهر
جي بوءِ اچي ٿي.“(8)

هن رسالي نه فقط اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ طرفان پيش ڪيل انساني حقن جا پڌرناما سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيا، پر ’ون يونٽ‘ خلاف اصل بنيادي دستاويز به شايع ڪيا. رسالي ۾ سنڌ واسين جي مسئلن کي خاص نمائندگي ڏني ويندي هئي. باوجود ان جي ته ”انسان“ ۾ نامور ليکڪن جون لکڻيون شامل هيون، ته به رسالي جي مشهوريءَ جو سبب گهڻي ڀاڱي ڏيپلائي صاحب جا لکيل اداريا ۽ مستقل ڪالم ”نرالا نظارا“، ”ديس پرديس“، ”ڳامونءَ جا گفتا“، ”جيل جا مشاهدا“ تنقيدون ۽ تبصرا ۽ مختلف اخبارن جي ڏيهي ۽ پرڏيهي خبرن تي تنقيد هئي. انهيءَ کان علاوه ڏيپلائي صاحب جي ذاتي لکيل ناولن، ناٽڪن ۽ ٻين موضوعن جي ڪتابن جون قسطون ”انسان“ رسالي ۾ شايع ٿينديون هيون. جن ڪتابن جون قسطون شايع ٿيون، تن ۾ ”ڪوريا جي ڪنوار“، ”ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي“، ”سسي نيزي پاند“، ”انسان جي تاريخ“، ”پنچائتي پدمڻي“ ۽ افسانن ۾ ”ڪونڌير“، ”مرشد جو نڪ“، ”جيل جو وصال“ وغيره شامل آهن.

ڏيپلائي صاحب مضمون نگار پڻ هو. هن انسان ۾ سماجي، سياسي، ادبي ۽ سوانحي موضوعن تي مضمون لکيا. جهڙوڪ: "امن ۽ انسان دوستي"، "لطيفي ديڳ جو ڍڪ لاهيندڙ (سچل سرمست)"، "محرم جو رت"، "سنڌي زبان"، "ڀڳت ڪنور جي ورسي" سنڌي قوم ۽ ٻيا خاص نمبرن جي موضوعن مطابق مضمون آهن. خاص نمبرن ۾ "شهيد انسانيت (ابراهيم لنڪن)"، "جنگ آزادي 1857ع نمبر"، شهزاده ڪريم آغا نمبر"، "شاهه لطيف نمبر"، "سچل سرمست نمبر"، "عيد ميلادالنبي نمبر"، "ٽالسٽاءِ نمبر"، قائداعظم نمبر"، ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪنهن به اخبار يا رسالي جي ڪاميابيءَ ۾ اخبارن ۽ رسالي جي ادارين جو وڏو هٿ هوندو آهي. اداريي جو وقتائتو ۽ جاندار هئڻ اخبار يا رسالي جي پاليسيءَ کي واضح ڪري ٿو. ان سان گڏ ان جي مضبوطيءَ سان اخبار جي سرڪيوليشن تي به مثبت اثر پوندو آهي. ايڊيٽر جو اديب ۽ ڄاڻو هئڻ سان گڏ عوام جو 'نبض شناس' هئڻ ضروري آهي. هونئن بظاهر ته ادب ۽ صحافت هڪ ٻئي کان الڳ آهن، پر حقيقت ۾ ادب جو تعلق جيئن زندگيءَ سان آهي، تيئن صحافت به انساني روزمره جي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي. انهيءَ ڪري ادب ۽ صحافت کي هڪٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. اسين ڏسنداسين ته ڪيترائي نثر ۽ نظم جا ادبي شهپارا ڪتابي صورت ۾ اچڻ کان اڳ اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيا آهن. دنيا جي تقريباً گهڻين ٻولين جي نثر ۽ نظم جي ترقيءَ ۾ ان ٻوليءَ جي صحافت هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪيتروئي ادب جو مواد رسالن ۽ مخزنن سان گڏ قسطوار صورت ۾ روزانه اخبارن وسيلي عام تائين پهتو آهي.

حافظ خيرمحمد اوحديءَ چيو ته "صحافيءَ جو اديب هئڻ ضروري آهي ۽ اديب لاءِ صحافت ضروري نه آهي".

سو ڏيپلائي صاحب نه فقط اديب صحافي هو پر باهمت، دلير، ايڊيٽر ۽ پبلشر هو. سندس لکيل اداريا پُراثر ۽ وقت جي للڪار هئا، هو حالات حاضره کان باخبر هو. سندس انهيءَ صحافتي بيباڪيءَ جو ثبوت، "انسان" جي ادارين جي موضوعن ۽ مواد مان واضح ملي ٿو. جيئن "مشرقي پاڪستان جي قيامت"، "ڪراچيءَ جي شاعرن ۽ اديبن جا مطالبا"، "قوم جي وقف ملڪيتن جي باري ۾ صلاح"، "سنڌين ۾ اطمينان جي لهر"، "حقدار اديبن کي ياد ڪيو وڃي" (هن اداريي ۾ محمد صديق "مسافر"، مولوي محمد بخش "واصف" ۽ مرزا همايون بيگ جي مالي معاونت لاءِ حڪومت کي اپيل ڪئي ويئي آهي) "لوممبا جي شهادت"، "نئون جمهوري حق"، "انسان امر آهي"، "سنڌ جي فرياد"، "مجاهدانه اعلان"، (مهاجرن جي لطيف آباد يونٽ 3 ۾ آبادڪاريءَ تي احتجاج)، "شينهن جي گجگوڙ"، (صدر ايوب خان جي ڪيل پاٽي4 جي غلط ورڇ تي). "مايوسيءَ جي ڪابه ضرورت ڪانهي" (هن اداريي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي مستقبل ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ تجويزون ڏنل آهن) "تعليمي ڪميشن جي رپورٽ پنهنجي ئي اکرن جي آئيني ۾"، "يا صدر مملڪت فرياد رس"، "سنڌ جون رڙيون"، "هڪ هيبتناڪ انڪشاف"، "پڪڙجي پئو" (بنيادي جمهوري چونڊن ۾ نوجوانن کي عملي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنل آهي) مطلب ته تمام اهم موضوعن تي وزنائتا اداريا آهن. "پڪڙجي پئو" ۾ ڏيپلائي صاحب لکي ٿو:

"اي سنڌ جا نوجوان! هوشيار ٿيو ۽ همت ڪري ميدان ۾
اچو. پنهنجي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پڪڙجي پئو.
مستقبل ۾ ملڪ اوهان جو آهي".(9)

"انسان" جا اداريا سنڌي عوام جي دل جو آواز هئا، انهيءَ ڪري سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ انهن جو اثر ٿيو. ڏيپلائي صاحب پاڻ عوامي رابطي کي اهميت ڏيندڙ هو. سندس اخبارن ۽ رسالن ۾ خط و ڪتابت کي خاص حيثيت حاصل هئي ۽ پاڻ ترت ئي خطن جا جواب لکندڙن کي اخبار معرفت ڏيندو هو. جنهن سان کين عوام جي پسند ۽ ناپسند جي به خبر پوندي هئي ته رسالي يا اخبار جي معيار کان به واقف رهندا هئا. انهيءَ دور ۾

اليڪٽرانڪ ميڊيا جون اهي سهولتون نہ هيون، جيڪي اڄ آهن. موبائيل، فيڪس ۽ انٽرنيٽ جي سُڪن ڪان وانجهيل صحافت ۾ عوامي رابطو فقط خط و ڪتابت تي مشتمل هو ۽ انهيءَ مستقبل رابطي جي ذريعي ڪيترائي مسئلا حل ڪيا ويندا هئا.

.انسان“ رسالي ۾ ”ڳامونءَ جا گفتا“ ۽ ”نرالا نظارا“ ڏيهي ۽ پرڏيهي خبرن تي طنزيہ ۽ مزاحيہ انداز ۾ ٽپڪاٽپڙيءَ جو سلسلو ڏيپلائي صاحب خود لکندو هو تہ ”جيل جا مشاهدا“ افسانوي انداز ۾ لکيل سندس نظربنديءَ جي دورن جا سچا واقعا آهن. ان ڪان سواءِ هن رسالي ۾ ٻارن جا مستقل صفحا هئا، جن ۾ قلمي دوستي، لٽڪا چٽڪا، ڪهاڻيون، شاعري ۽ انعامي سوال جواب شامل هئا.

صحافت ۾ ٻوليءَ جي ڪارائتي استعمال جي وڏي اهميت آهي. لفظن جو شائائتو استعمال ۽ جملن جي سهڻي بيهڪ ڪنهن بہ ادبي فن پاري جي فن جي تہ اولين ضرورت آهي، پر صحافت ۾ پڻ نج لفظن جي گهڙاءُ سان عوام جي سوچن ۽ جذبن جي نمائندگي بهتر نموني ٿيندي آهي تہ ٻوليءَ جي اهميت بہ سهڻي نموني اجاگر ٿئي ٿي.

”صحافت ڪنهن بہ ٻوليءَ جي زنده هئڻ جو آئينو آهي. تعليم جي ذريعي ٻوليءَ جي سڃاڻ، سرمايي ۽ صحت بابت ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي تہ صحافت ذريعي ان بنيادي ڄاڻ کي روزمره جي زندگي ۽ مسلسل طور بدلجندڙ حالات ۽ واقعات کي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جو عملي تجربو ٿئي ٿو. هڪ سجاڳ صحافي نون مفهومن ۽ معنائن کي ادا ڪرڻ لاءِ موزون لفظن ۽ اصطلاحن کي پنهنجي ٻوليءَ جي سرمايي مان چونڊي ٿو ۽ پڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ صحيح نموني ۾ استعمال ڪري ٿو“.(10)

ڊاڪٽر بلوچ جي جملن جي روشنيءَ ۾ صحافت ۾ ٻوليءَ جي استعمال جي اهميت تمام چٽيءَ طرح پسجي پيئي. محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي لکڻ جي فن تي عبور حاصل هو ۽ هو شمس العلماء مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سنڌي نثر ۾ ٻيو نمبر گهڻو ۽ معياري لکندڙ ليکڪ شمار ٿئي ٿو. سندس مطالعو وسيع هو ۽ اخباري صنعت سان لاڳاپيل هئڻ ڪري سندن مطالعي هيٺ روزانہ ڪيترين ئي اخبارون ۽ رسالا هوندا هئا. ڪيس صحافتي ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ فرق ۽ ٻنهي ٻولين جي امتزاج جي مڪمل ڄاڻ هئي. ڏيپلائي صاحب جو ”اسلوبِ بيان“ منفرد ۽ مؤثر خاصيتن سان نوازيل آهي. اسلوب بيان جي خارجي ۽ داخلي مظاهر جي خوبين، لفطن جي جملن ۽ ترتيب، گرامر جي پابندي، مطلب ادا ڪرڻ لاءِ لفظي ۽ معنوي انداز بيان جي هڪ مخصوص انفراديت کان هُو پليءَ پت واقف هو. سندس تحريري اسلوب ۾ تجنيس حرفيءَ جو استعمال، پهاڪا ۽ چوڻيون، شعر گوئي، جذباتيت، حقيقت نگاري، جملن جي آرائش، جاندار لفظن جو استعمال ۽ ڪجهہ خاص لفظن تي زور (stress) ڏيڻ جن سان معنيٰ ۽ مطلب چٽو ٿي سامهون اچي، شامل آهن ۽ انهيءَ سان گڏ موضوع ۽ مواد جي مطابقت، چٽائي، بياني قوت جي بيباڪي، علامتون تشبيهون، اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون سندس لکڻين جو مَرَڪ رهيا. هن پنهنجي لکڻين کي عوامي رنگ ڏنو. هن عوامي قلمڪار جو مقصد سماج جي اصلاح ۽ عام جي سجاڳي مؤثر نموني سان ڪرڻ هو جنهن ڪري هن مقصديت کي اهميت ڏني. ان ڪري ئي هن نظرياتي صحافيءَ جي صحافت تي ادب ۽ ادب تي صحافت غالب رهي. سندس صحافتي تحريرن ۾ جذباتيت ۽ جلدبازيءَ جو بہ عمل دخل هو. هو نتيجي جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ حقيقتن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ بيتاب رهندو هو. پنهنجي صحافت جي پهرئين دؤر ۾ هن برطانوي راڄ ۽ هندو آريا سماج سان مهاڏو اٽڪايو تہ ٻئي دور ۾ ’عظيم پنجاب‘ خلاف ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۾ مارشل لا خلاف سرگرم رهيو. طبع جي تغير پسنديءَ سبب

سندس نظرين ۾ تبديليون اينديون رهيون. 1947ع کان اڳ وٽس "اسلام ازم" جو پرچار هو ۽ نظريه پاڪستان جو حامي هو ته 1947ع کان پوءِ هو ترقي پسند اديب ۽ انقلابي صحافي رهيو.

سنڌي ٻوليءَ جي خوبين جي حوالي سان جڏهن رسالي "انسان" جو جائزو ورتو وڃي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته اڄ کان تقريباً پنجاهه سال اڳ جڏهن پرنٽنگ ۽ پبلشنگ جون سهولتون گهٽ هيون. هڪ هفتيوار رسالي جي ڇپائيءَ ۾ لفظن ۽ جملن جي ترتيب، بيهڪ جون نشانيون، گرامر جو استعمال احسن طريقي سان ڏنل آهي. رسالي جا پروف تمام ڌيان سان چڪاسيل آهن. لفظن جون چُڪون نه هئڻ برابر آهن ۽ عام فهم ۽ آسان سنڌي نثر ڪتب آندل آهي. ڏيپلائي صاحب جي آيل ذاتي تحريرن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻين ٻولين جا غيرضروري لفظ شامل نه آهن. ڪٿي ڪٿي موقعي مطابق اردو ۽ فارسي شعرن جو استعمال آهي ۽ ڪجهه اردو ٻوليءَ جا لفظ به ڏيپلائي صاحب استعمال ڪيا آهن، جيئن دوباره، بارها، مسڪراهٽ، اگر، مگر وغيره جيڪي به مقدار جي لحاظ کان گهٽ هنڌن تي آيل آهن. مجموعي طور سندس ٻولي ادبي ۽ صحافتي ٻوليءَ جو امتزاج آهي، سندس تحرير جو نمونو هن ريت آهي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي لڪل طنز به موجود آهي.

"سنڌ جي رهاڪن کي معلوم هجي ته عمرڪوٽ بابت اڳيئي بحث مباحثا هلندا پيا آهن ته اهو عمر سومري جو اڏايل آهي. يا امر سنگهه ٺڪر جو. پر هينئر تازو حيدرآباد جي وڏي مؤرخ غلام غزنويءَ تحقيقات ظاهر ڪئي آهي ته اهو ماڳهين غازي محمد بن قاسم جي پوٽي "عمر" جو اڏايل آهي. علامه صاحب جي هن پرلطف تحقيقات تي ماڻهن اهڙي ته تحسين چئي آهي جو علامه صاحب شايد هن بعد سنڌ جو نقشو اڳيان رکي ويهندو ۽ ڪشمور کان سيراٽيءَ تائين ۽ ڪراچيءَ کان وٺي ڪوڪراپار تائين نئين تحقيق ڪندو. ممڪن آهي ته سرڪار جيڪو هينئر نئون نصاب تيار ڪرائي رهي آهي، ان جو "جاگرافي سيڪشن" علامه صاحب جي سپرد ڪيو وڃي، ڇوته علامه صاحب تعليم کاتي جو به آفيسر رهي چڪو آهي".

–

"تعليمي ڪميشن جي رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ هڪ به سنڌي ڪونه ڪنيو ويو هو. ان ڪري سنڌي اهو بجا طور تي چئي سگهن ٿا ته اها رپورٽ اسان جي نه ڪا پاس ڪيل آهي، نه ڪا پسند ڪيل ۽ نه ڪي اسين ان کي زوريءَ قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

–

"ڇا اڃا به اوهان کي اهو هوش نه ايندو ته هاڻي اوهان لاءِ سواءِ سنڌ يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي ٻيو ڪوبه چارو باقي بچي ٿو؟ وقت ايندو جو خود پاڪستان سرڪار وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ جا گريجوئيٽ بهترين گريجوئيٽ تسليم ڪيا ويندا".(11)

مطلب ته مٿي ڄاڻايل حوالن مان حاضرين بخوبي اندازو لڳائي سگهن ٿا ته ڏيپلائي صاحب "بزم انسانيت" ۽ "اداره انسانيت" ۽ "انسان" جهڙن ڪثيرالاشاعت رسالن وسيلي سنڌي قوم جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ انهن جي بنيادي حقن لاءِ واڪا ڪرڻ هن جو مشن هو. هو وطن پرستي، سنڌيت ۽ انسان دوستيءَ جو علمبردار هو. ون يونٽ جي دور ۾ باوجود سنسرشپ جي هيءُ رسالو سڄيءَ سنڌ ۾ سنڌ واسين جو آواز ٿي پکڙيو. پروفيسر آفاق صديقي اڪيڊمي آف ليٽرز جي ڪتابي سلسلي "پاڪستاني ادب کي

معمار“ جي ڪتاب، محمد عثمان ڏيپلائي: شخصيت اور فن“ ۾ سندس خدمتن کي ڀيٽا ڏيندي لکيو آهي تہ،

"ڈیپلائی صاحب کے صحافی کارناموں میں ایک قابلِ قدر کارنامہ "انسان" (جو فیض احمد فیض کے مشوروں سے جاری ہوا) کا اجراء ہے، جسے قارئین میں بے پناہ مقبولیت حاصل ہوئی۔"(12)

هن رسالي جي بند ٿيڻ جو سبب ڏيپلائي صاحب جي نظربندي هو. ڏيپلائي صاحب هن ڏس ۾ لکي ٿو تہ،

“هفتيوار ”انسان“ جي بند ٿيڻ جو مون کي ڏاڍو ارمان آهي. انسان رسالو منهنجي ڪري نہ ان وقت جي حڪومت جي ڏمر جي ڪري بند ٿيو. ڇاڪاڻ تہ سنڌين جي پاس خاطري ٿو ڪري، سنڌين جي لاءِ لکي ٿو. آفيسر غير سنڌي هئا. تن لکيو تہ سنڌين کي سندن حقن جي يادگيري ڏياري ٿو. ماڻهن ۾ حڪومت خلاف بدگماني پيدا ڪري ٿو. تنهنڪري هن کي بند ڪيو وڃي. رسالي بند ڪرڻ جو ”جواز“ نہ ملين تہ بنا ڪنهن سبب ڇاڪاڻ جي مون کي گرفتار ڪيائون، ڇاليهہ ڏينهن جيل ۾ بند رکيائون تہ .انسان ”پاڻيهي بند ٿي ويو.“(13)

اپريل 1961ع ۾ ڏيپلائي صاحب جي نظربنديءَ جو سبب حڪومت اهو ڄاڻايو تہ سندس ناول ”امڙ“ جي پوپان هڪ مضمون آهي: ”سنڌي قوم کي تباهيءَ کان بچايو جنهن جي پاداش ۾ کين جيل نيو ويو آهي. سو انهيءَ دوران ”انسان“ تہ بند ٿي ويو پر اتان ئي ”سانگهڙ“ جهڙو ڪلاسيڪل ناول وجود ۾ آيو. ڏيپلائي پنهنجي ڪم ۾ مقصديت سبب جيل واري جهل پل کان آجو هو. سندس قلمي جهاد 1981ع تائين مختلف رخن جي حوالي سان سنڌي ٻولي، ادب ۽ صحافت کي مالامال ڪندو رهيو آهي. هن پنهنجي پوري حياتي سنڌي قوم جي خدمت ۾ قلم جي جهاد ذريعي صرف ڪئي.

سنڌي قوم جي نوجوان صحافين ۽ اديبن لاءِ ڏيپلائي صاحب جو پيغام آهي تہ،

”هُو پاڻ مستقل مزاجي ۽ مسلسل جدوجهد جو جذبو پيدا ڪن ۽ پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جون صلاحيتون پيدا ڪن“.(14)

ڏيپلائي صاحب فڪري طور سنڌ ۽ سنڌواسين جي مسئلن سان لاڳاپيل هو. سندس فن هر وقت جو آئينہ در رهيو. هن هر هلندڙ مسئلي کي موضوع جي حوالي سان هٿ ۾ ڪنيو. ورهاڱي جو دؤر ون يونٽ جو دور، مارشلائي حالتون، سنڌ جون ٻيون مشڪل سياسي ۽ سماجي حالتون تن سيني تي هن هميشہ ٺهڪندڙ مواد پنهنجي ڪتابن ۽ اخبارن معرفت عام تائين پهچايو. سندن ذاتي پريس جي موجودگيءَ ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي صحافت ۾ هڪ پيڙهہ جي پٿر جي حيثيت طور سنڌي صحافت کي ترقي وٺرائي، جنهن مان سندن اخبار عبرت، رسالي ”انسان“ ۽ ساٿيهہ ڊائجيسٽ کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب ۽ رسالا شايع ٿيندا هئا. جيئن ”الرحيم“، ”پيغام“، ”روح ادب“، ”سهڻي“، ”پرهہ ڦٽي“، ”رهبر ڊائجسٽ“ وغيره.

اهو بلڪل بجا طور چئي سگهجي ٿو تہ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو سنڌي صحافت ۾ وڏو حصو آهي ۽ سندن خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آهن.

**حوالا:**


(1) ٻگهيو عزيزالرحمان: ”سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1988ع، ص 12.

(2) ماهتاب محبوب: ”ورهاڱي جو ورجاءُ“، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد 1992ع، ص 58.

(3) حوالو پهريون: ص، 30_31.

(4) قاضي ثريا نسيم ڊاڪٽر: ”محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي شخصيت ۽ تحريرن جو سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ادبي زندگيءَ تي اثر“ (پي. ايڇ. ڊيءَ جو مقالو)، 2002ع. جيڪو تازو ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ڇپايو آهي.
(5) ايضاً، ص 285.
(6) ڏيپلائي محمد عثمان: (انٽرويو) ساٽيھ ڊائجيسٽ، اپيل 1978ع، ص 30.
(7) ظفر حسن: ”انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي“، (سهيڙيندڙ) تاج جويو سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2003ع، ص 364.
(8) قاضي خادم ڊاڪٽر: ايضاً، ص 387.
(9) ڏيپلائي محمد عثمان: ”هفتيوار انسان“، 7 جلد 10، اداره انسانيت حيدرآباد، 30 نومبر 1959ع، اداريو.
(10) بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: ”نئين زندگي“ خصوصي اشاعت بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس 1988ع، ص 23.
(11) ڏيپلائي محمد عثمان: ”هفتيوار انسان“، اداريا، 24 آگسٽ 1959ع، 9 مئي 1960ع ۽ 8 آگسٽ 1960ع. ”اداره انسانيت حيدرآباد.
(12) صديقي آفاق پروفيسر: ”محمد عثمان ڏيپلائي شخصيت اور فن“ اڪيڊمي آف ليٽرز اسلام آباد، 2009ع، ص 39.
(13) ڏيپلائي محمد عثمان: انسان دوست ادب ۽ بيباڪ صحافي“ تاج جويو 2003ع. ص 221.
(14) ايضاً: روزانه عبرت: فيبروري 1981ع.



# مائڪروسافٽ ونڊوز ٨ سنڌيءَ ۾

_ شبير ڪنيار

ڪمپيوٽر کي هلائيندڙ نظام مائڪروسافٽ ونڊوز جي سفر جي ابتدا انين درجي جي شاگرد بل گيٽس هڪ پٽڪڙو(Micro) سافٽ ويئر جوڙي ڪئي. جيڪو سندس ڪلاس جو ٽائيم ٽيبل هو جڏهن اها ڳالهه هُلي وئي ته ڪمپيوٽر جي تنهن زماني جي معروف ڪمپنيءَ IBM (International Business Management) ڪانئس ان جا مالڪاڻا حق خريد ڪيا ۽ کيس اهڙن ٻين سافٽ ويئرن جوڙڻ لاءِ همٿايو. جنهن بعد هن Microsoft نالي پنهنجي ننڍڙي ڪمپني رجسٽر ڪرائي ۽ سافٽ ويئر جوڙڻ جي ڪم کي جنبي ويو ڪنهن کي خبر هئي ته وچولو تعليمي معيار رکندڙ اهو شاگرد دنيا جو امير ترين شخص بڻجندو ۽ هو ڪمپيوٽر کي ادارن جي قيد مان ڪڍي عام فرد جي دسترس ۾ آڻيندو ڇاڪاڻ ته ان وقت فقط اهي فرد ئي ڪمپيوٽر استعمال ڪري سگهندا هئا. جيڪي پروگرامر (Programmer) هئا ۽ کين Computing Commands (ڪمپيوٽر هلائيندڙ احڪام) ياد هئا. ڇاڪاڻ ته تنهن زماني ۾ ڪمپيوٽر تي هر ڪم لاءِ هڪ حُڪمي سِٽ لکڻي پوندي هئي ۽ اهو انتهائي ڏکيو ڪم هو جيڪو عام فرد جي دسترس ۾ هرگز نه هو. هن (بل گيٽس) ڪمپيوٽر کي استعمال ڪندڙ حڪمن (Commands) کي پسمنظر ۾ رکي سندن جاءِ تي تصويرون (Graphics/ Icons) استعمال ڪري، پهريون ڪمپيوٽر هلائيندڙ تصويري نماءَ وارو نظام GUIE (Graphical User Interface)1995ع ۾ Windows جي نالي سان پيش ڪيو ۽ پوءِ وقت بوقت سندس ڪمپني ان جا نوان ڇاپا جاري ڪندي اچي.

مائڪروسافٽ پهريون ڀيرو آڪٽوبر 2012ع ۾ ونڊوز ٨ جي Developer Version ۾ سنڌيءَ کي ٻوليءَ جي حيثيت سان جاءِ ڏني ۽ پوءِ اُن جي مڪمل ڇاپي اچڻ بعد اپريل 2013ع تي سنڌي ٻوليءَ جو دستاويز Language pack جاري ڪري ونڊوز جو ڏيک (Interface) سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو ويو. توڙي جو ان ۾ استعمال ڪيل اصطلاح ۽ جملا اڃا اصلاح طلب آهن. پر ان هوندي به ونڊوز جو سڄو وايو منڊل سنڌيءَ ۾ ڏسي دل جهومي پوي ٿي.

**ونڊوز ٨ Windows سنڌيءَ ۾:** ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻ / هلائڻ جي نظام (Operating System) ونڊوز ٨ Windows جو ڏيک (Interface) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ لاءِ مائڪروسافٽ ڪمپنيءَ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي سگهه رکندڙ 2.74 MB جي سائيز جو واڌارو سٽاءَ وارو ٻولي دستاويز (Language pack) پنهنجي ويب سائيٽ تي Download (ڊائون لوڊ) لاءِ رکيو آهي. جنهن جي لاڳو (Install) ڪرڻ ڪانپوءِ ونڊوز ٨. پنهنجي سمورن لکتي پيغامن (Text Dialogues) توڙي ونڊوز ۾ شامل بنيادي سافٽ ويئرن جهڙوڪ: ونڊوز ميڊيا پليئر. ورڊ پيڊ. نوٽ پيڊ. ونڊوز پينٽ. انٽرنيٽ ايڪسپلورر وغيره سميت مڪمل طور پنهنجي مينيوز Menus توڙي سِٽائُن (Settings) سميت سنڌيءَ ۾ ٿي وڃن ٿا. گڏوگڏ ونڊوز جي ٻيهڪ پڻ ساڄي کان کاٻي واري ۽ ڏينهن جا نالا توڙي ڳاڻيٽي جونظام يعني انگ پڻ سنڌي ٿي وڃن ٿا.

ونڊوز ۾ اهڙيون تبديليون لاڳو (Install)ڪرڻ جي لاءِ ٻولي دستاويز (Language pack) جي downloading ۽ فني سِٽاءَ جو طريقو ترتيبوار هيٺينءَ ريت آهي:

01. **ونڊوز جو ڳهرٻل شمارو (Version):** پنهنجي ڪمپيوٽر جي چڪاس ڪري Operating System جي پڪ ڪريو جيڪڏهن ونڊوز٨ Install ٿيل نه آهي. ته ڪمپيوٽر جي بنيادي Drive کي ميساري (Format ڪري) ونڊوز ٨ Install ڪريو ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جو هي دستاويز هن مضمون جي لکڻ تائين فقط ونڊوز٨ جي لاءِ مخصوص آهي ۽ ان کان پهرين شمارن(Versions) ۾ ڪم نه ڪندو.

02. پولي دستاويز (Language pack) جي downloading:

ضروري آهي ته اوهان جي ڪمپيوٽر تي Internet رسائي موجود هجي. پوءِ صورت ۾ انٽرنيٽ دستياب ڪريو ۽ پوءِ ونڊوز جي اسٽارٽ ۾ وڃي انٽرنيٽ ايڪسپلورر جي ائپ کي ڪِلڪ ڪري کوليو جڏهن اهو کُلي وڃي ته ان جي ائڊريس بار ۾ ونڊوز مائڪروسافٽ جي ويبسائٽ جي مڪمل ائڊريس http://windows.microsoft.com لکي Enter جو بٽڻ دٻايو.




03. موجود انٽرنيٽ ڪنيڪشن جي رفتار سارو ويبسائٽ کلي ويندي جڏهن ويبسائٽ مڪمل طور کلي وڃي، تڏهن مائوس جي اسڪرول يا ڪيبورڊ جي ائرو ڪيز جي مدد سان ويبسائٽ تي هيٺ لهي اچو ۽ اتي موجود Language packs (پولي دستاويزن) جي لنڪ تي ڪلڪ ڪريو.




04. جيسيتائين Language packs (پولي ـ دستاويزن) جو صفحو نمودار ٿئي، تيستائين پنهنجي ڪمپيوٽر جي معلومات وٺڻ ضروري آهي ته اهو 32-bit يا 64-bit آهي ته جيئن گهربل پولي دستاويز Download ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ ۾ ڪا دقت نه ٿئي. ان لاءِ ڊيسڪٽاپ تي اچو Computer تي ساڄي ڪِلڪ ڪري Properties تي ڪِلڪ ڪريو. هيءَ سستم ونڊو ونڊو آهي. جيڪا اسان کي ڪمپيوٽر جي Processor, RAM, System type وغيره بابت چاڻ ڏي ٿي، ياد رهي ته System جي اهڙي معلومات (32-bit/64-bit)جي آڌار تي اسان کي سنڌي پوليءَ جو دستاويز Download ڪرڻو آهي. پوءِ صورت ۾ Installation تي نه سگهندي.




مٿيئن تصوير مان پروڙ پوي ٿي ته هي ڪمپيوٽر 32-bit آهي.

05. اچو ته انٽرنيٽ ايڪسپلورر ۾ کوليل مائڪروسافٽ جي ونڊوز واري ويبسائٽ تان سنڌي پوليءَ جو دستاويز ڊائون لوڊ ڪريون. ويبسائٽ جي Languages packs واري صفحي تي هيٺ S جي سيريز ۾ لهي اچو ڏسندؤ ته هتي اسان جي پوليءَ جو دستاويز سنڌي (Arabic) Sindhi جي نالي سان موجود آهي ۽ ان جي سامهون ٽن قسمن جا دستاويزي لنڪ موجود آهن. اتي وچ ۾ موجود لنڪ Download 32-bit (advanced) تي ڪلڪ ڪريو.




.06 هيءُ فائل جي Downloald بابت سوالي بار آهي، Save جي بٽڻ تي ڪلڪ ڪريو ته جيئن فائل Download ٿيڻ شروع ٿي وڃي.




.07 فائل Download ٿي وڃو آهي، Open تي ڪلڪ ڪريو ته جيئن Installation process شروع ٿي سگهي، جيڪو لڳاتار نندڙن Dioulogs تي ٻڌل آهي. سلسليوار هرهڪ کي پڙهي سلسلي کي اڳتي وڌايو.

نوٽ: ڪوبہ سافٽ ويئر Dioulogues پڙهڻ کانسواءِ Install نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ Installaion دؤران نمودار ٿيندڙ هرهڪ ننڍو توڙي وڏو Dioulogue غور سان پڙهي، پوءِ سلسلي کي اڳتي وڌائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهي Dioulogues ايجاد ڪندڙن پاران جوڙيل ضروري هدايتن تي مشتمل هوندا آهن ۽ انهن جي ڄاڻ هجڻ بيحد ضروري آهي.




.08 هيءُ ٻولي دستاويز جي پهرين انسٽاليشن ونڊو آهي Next تي ڪلڪ ڪريو.




.09 هي Microsoft جي اضافي لائسنس معاهدي جي ونڊو آهي، مائوس جي اسڪرول يا ايرو ڪيز جي مدد سان هيٺ وڃو ۽ آخر تائين غور سان پڙهو مطمئن ٿيڻ جي صورت ۾ پهرين I accept the license terms جي ريڊيو بٽڻ تي ڪِلڪ ڪري نشان لڳايو ۽ پوءِ Next تي ڪلڪ ڪريو.



10. هي ٻولي دستاويز جو Read Me File آهي، ان ۾ ڪمپنيءَ پاران مڪمل معلومات درج ٿيل آهي.ان کي غور سان پڙهو مطمئن ٿيڻ جي صورت ۾ Next تي ڪِلڪ ڪري، اڳتي وڌو.




11. هي Installation progress بابت چارٽ ڏيندڙ ونڊو آهي، جيڪا ڪنهن بہ سافٽ ويئر جي Installation دؤران نمودار ٿيندي آهي ۽ باخبر رکندي آهي تہ انسٽاليشن جو ڪم ڪٿي رسيو آهي، ڪمپيوٽر پنهنجي رفتار مطابق هن دؤران ڪجھ وقت وٺندو. مڪمل ٿيڻ تائين انتظار ڪريو.




12. Installation مڪمل ٿي چڪي، Close تي ڪلڪ ڪريو.







13. Installation مڪمل ٿيڻ بعد ونڊوز ۾ هيٺيون سِٽائون درڪار آهن، جن ڪان پوءِ ونڊوز ۾ سنڌي ڏيک (Interface) لاڳو ٿيندو ، جنهن لاءِ ٽاسڪ بار تي ٻوليءَ جي آئڪن تي ڪِلڪ ڪريو ۽ پوءِ Language preferences تي ڪِلڪ ڪريو.

14. هيءَ ٻولي جي ترجيحاتي سِٽائن جي ونڊو آهي، Advance settings تي ڪلڪ ڪريو.



.15 هيءُ ونڊوز لاءِ ٻوليءَ جي واڌو سيٽائن جي ونڊو آهي، هتي Use language list تي ڪلڪ ڪري سنڌي (پاڪستان) منتخب ڪريو.




.16 ساڳيءَ ونڊو ۾ سنڌي (پاڪستان) چونڊڻ بعد ان جي هيٺان موجود لنڪ ....Apply language settings to تي ڪلڪ ڪريو.




.17 هيءُ ونڊوز لاءِ علائقائي سيٽاءَ جي ونڊو آهي، پهرين Location ۾ پوءِ United States تي ڪلڪ ڪري Pakistan منتخب ڪريو.




.18 هاڻي ساڳيءَ ونڊو ۾ پهرين Formats جي Tab تي ڪلڪ ڪريو ۽ پوءِ English (United States) جي Dropdown تي ڪلڪ ڪري Sindhi (Pakistan) منتخب ڪريو. اهڙي سيٽاءَ ڪانپوءِ ڏسندؤ ته ساڳيءَ ونڊو تي موجود ڏينهن ۽ ڳاڻيٽي جو نظام، جيڪو انگريزيءَ ۾ هو اهو تبديل ٿي سنڌي تي ويو آهي، تنهن جو مطلب ته اسان جون سيٽائون بنيادي طور لاڳو ٿي ويون آهن، هاڻ پهرين Apply ۽ پوءِ Ok تي ڪلڪ ڪريو ته جيئن ڪيل سيٽاءَ لاڳو ٿي وڃي.




19. سڀئي سِٽائون مڪمل ٿي چڪيون آهن. Save تي ڪلڪ ڪريو.




20. سِٽائن جو عمل پورو ٿيو. اهي لاڳو ڪرڻ لاءِ Log off now تي ڪلڪ ڪريو ته ڪمپيوٽر وري شروع (Restart) ٿي وڃي ۽ ڪيل سڀئي سِٽائون مڪمل طور لاڳو ٿي وڃن. چاڪاڻ ته ان ڪانسواءِ ونڊوز جو سڄو وايو منڊل سنڌيءَ ۾ ٿي نه سگهندو.




ونڊوز ٨ جي سنڌي نماءَ جون ڪجهه جهلڪون

ڪمپيوٽر






# ٽالپرن جي دؤر جي قديم سنڌي لکت

(آخوند محمد بچل ”انور“ جي هٿ اکر)

_ صفدر حسين ميرزا

آخوند محمد بچل تخلص ’انور‘ ٽالپر حڪمرانن جي دؤر جو نامور عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هي فارسي شاعريءَ ۾ ’انور‘ تخلص ۽ سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ’بچل‘ ته ڪڏهن ’باري‘ تخلص ڪتب آڻيندو هو.

سندس سنڌي مرثيا ۽ سلام سندس بياضن ۾ موجود آهن. هن پنهنجي هڪ سنڌي سلام ۾ ’باري‘ تخلص آندو آهي.

آخوند محمد بچل متيارين جي آخوندن مان هو. سندس والد جو نالو آخوند محمد صالح هو. آخوند محمد بچل پنهنجي پيءُ وانگر فارسيءَ ۽ عربي ٻوليءَ جو ماهر، ديني ۽ دنيوي علمن ۾ يگانو شعر ۽ سخن جو شوقين ۽ انشاء پردازيءَ ۾ استاد هو. آخوند صاحب جو والد آخوند محمد صالح پڻ ٽالپرن جو خاص ملازم هو. آخوند صالح جي پنهنجي پٽ آخوند بچل جي ولادت تي چيل هڪ قطعه تاريخ سندس بياض ۾ موجود آهي. آخوند صاحب 5 شوال المڪرم 1218هه/ 18 جنوري 1804ع تي ڄائو.

چو حق بخشيد با من پور بچل،
ڪ درپيش آمدش دوان بخت،
رقم زد سالِ مولودش اي ’صالح‘،
ندا آمد ’هما‘ صالح جوان بخت‘
1218هه.

سنڌ جي ٽالپر حاڪمن جي دؤر ۾ آخوند محمد بچل دربار ۾ سيني اينڊڙ عالمن، فاضلن ۽ شاعرن جو احوال ۽ ڪلام لکي ڇڏيندو هو ۽ خط و ڪتابت بہ هن جي ذمي هوندي هئي. گهڻو ڪري مير نصيرخان ٽالپر سندس تمام گهڻي عزت ڪندو هو ڇو جو آخوند صاحب سنڌ جي آخري تاجدار مير محمد نصير خان ٽالپر جو استاد هو. آخوند صاحب قطعہ تاريخ ۽ ماده تاريخ ڪيڻ ۾ ايترو ماهر هو جو في البديهه قطعہ تاريخون چئي ڏيندو هو. هي ٽالپرن جي دؤر ۾ ’شاهي استاد‘ جي لقب سان بہ مشهور هو.

جڏهن ميرمحمد نصير خان ٽالپر مسند نشين ٿيو تہ آخوند محمد بچل کي دربار ۾ وڏو مقام عطا ڪيو ويو. سرڪاري لکپڙهہ کان سواءِ سياسي ۽ ملڪي معاملن ۾ هن جي راءِ کي تمام اهم سمجهيو ويندو هو. مير نصيرخان جلاوطنيءَ واري دؤر ۾ ڪلڪتي مان آخوند محمد بچل سان خط

و ڪتابت ڪندو هو. انهن خطن ۾ ميرصاحب آخوند بچل کي ’عالي قدر‘ جي خطاب سان نوازيو آهي.

آخوند محمد بچل ’انور‘ جي تصنيفات بابت ڪا بہ تحقيقي معلومات نٿي ملي. سندس اٽڪل سٺ غزل پير حسام الدين راشديءَ وٽ هئا، جيڪي پير صاحب جي چوڻ موجب سندس هٿ اکر لکيل بياض ۾ هئا. ان کان سواءِ ڪيترين منقبتون، مثنويون ۽ قطعہ تاريخون پڻ انهيءَ بياض ۾ آهن. نثر ۾ آخوند صاحب جي ڪنهن بہ تصنيف جي خبر نٿي پوي، صرف مير محمد نصيرخان ٽالپر جي فارسي ٻوليءَ ۾ چيل عشقيہ مثنوي ’مرزا صاحبان‘ تي سندس نثر ۾ ديباچو ملي ٿو جنهن مان سندس علمي لياقت جي خبر پوي ٿي. اها مثنوي ميرصاحب 1235هہ/1820ع ۾ مڪمل ڪئي، دباچي جي شروعات هن طرح ڪئي اٿس:

”ديباچہء ڪتاب ستائش و فهرست مجموعہء نيايش حمد حڪيمي است ڪہ دبير، خرد بلاغت ڪيشان دانش انديش، در تحرير ثناي پيڪرانش چون زلفِ مهوشان............ الخ.“

ديباچو 16 صفحن تي مشتمل آهي. آخر ۾ مثنوي مڪمل ٿيڻ جو سن ۽ مثنويءَ ۾ بيتن جو تعداد هن طرح بيان ٿيل آهي:

هزار و دو صد سي و سال پنج،
1235هہ
ڪہ آمد بهم اين گران مايہ گنج
–
چو ابيات اين نسخہ ڪردم شمار
هزار و دو صد بيت و هم بيست و چار
1224 شعر

آخوند محمد بچل ’انور‘ جو هٿ اکر لکيل هڪ بياض راقم الحروف جي ڏاڏي سنڌ جي نامور عالم، محقق، تاريخدان ۽ شاعر ميرزا عباس علي بيگ جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي، جنهن ۾ آخوند صاحب جا سنڌي ٻوليءَ ۾ غزل، مرثيا، سلام ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف رحمة الله عليہ جي شان ۾ چيل مدح موجود آهي، ان کان سواءِ فارسي ٻوليءَ ۾ چند غزل، هجو، قطعہ تاريخون ۽ منقبت پڻ موجود آهن. هي بياض 10 صفرالمظفر 1250هہ (18 جون 1834ع) جو لکيل آهي ۽ اهو ٽالپرن جي حڪومت جو دؤر هو. ان دؤر ۾ دفتري زبان فارسي هئي ۽ آخوند صاحب انشا پردازيءَ جو ماهر هو ۽ ٽالپرن جي سرڪاري فارسيءَ ۾ لکپڙهہ پڻ سندس ذمي هئي. پوءِ بہ آخوند صاحب سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريو بلڪ پاڻ سنڌيءَ ۾ ڪلام چئي ان بياض ۾ خود قلمبند ڪري محفوظ ڪيائين. هتي آخوند محمد بچل جي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ جي شان ۾ چيل مدح پيش ڪجي ٿي، جنهن سان سنڌ جي ٽالپر حاڪمن جي دؤر ۾ سنڌي لکت جي خبر پوندي. آخوند صاحب 10 ربيع الاول 1278هہ/15 سيپٽمبر 1861ع ۾ وفات ڪئي. ڪنهن شاعر سندس وفات تي هيٺين قطعہ تاريخ چئي:

عاشق آلِ محمد مدح خوانِ اهلبيت
صاحبِ خلقِ حُسن است ڪانِ الطاف وسخا،
ڪرد پرواز از قفس چون طائرِ باغِ جنان،
واقف حق اليقين و مصدرِ لطفِ خُدا،
سالِ تاريخ وِفاتش زد رقم با درد و غم،
”زاهدِ آزاد“ است ’فخر زمان و پارسا‘
30 + 1248 = 1278هہ

## مدح حضرت شاهہ عبداللطيف رح

آيا شاهہ شاهان نشانِ شريف، تون آلِ نبي ضامنِ هر ضعيف،
تون حيدر جو همراز همدم حريف، آءٌ تو در تي آيس نزار و نحيف،
ڪرم ڪر سخي شاهہ عبداللطيف!

تون شمس الضحيٰ، شاهه بدرالدجيٰ، تون نجم العليٰ ۽ تون نورالهديٰ،
تون ئي قطب ڪامل تون ڪهف الوريٰ، تون مرشد مڪمل منو مقتديٰ،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

سپهر ڪرامت جو تون آفتاب، تون برجِ وِلايت سندو ماهتاب،
تون ڪامل ڪريم النسب ڪامياب، پٽائي پلا پير عالي جناب،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون مختار صاحب جي سرڪار جو، تون ديوان داور جي دربار جو،
تون مالڪ سيئي امر اختيار جو، تون حامي رهج منهنجي هرڪار جو،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون خيرالبشر جو گرامي گوهر، شهِ اولياء جو تون پيارو پِسر،
حُسين و حَسن جو تون جان وجگر، تون خاتونِ جنت جو نورالبصر،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون ئي ذره پرور، تون مهر منير، تون ماهِ منور، تون مولا، تون مير،
تون سڀ جو ڏٽي، بادشاه بينظير، تون داروئ درماندگان دستگير،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

فلڪ تي ملڪ ٿيا مدح خوان، ڪرن ڪورنشون ڪوڙين گروييان،
بهشتِ برين مير تنهنجو مڪان، جي آيا اگهيا، ٿيو مريدن جو مان،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون بزمِ شريعت جو شمعِ ضيا، طريقت جو تون مهدي و مقتدا،
حقيقت ڪئي حق توکي عطا، سِبي معرفت جي سندءِ قر، قبا،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ڪرامت ڪرامت ڪئي توکي ڪريم، عنايت عنايت ڪئي ايزد عليم،
رکي حڪم ۾ تنهنجي حڪمت حڪيم، جي تنهنجا سلامي سي سامون سليم،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

تون بيوارثن جو وسيلو اي وير، سخي پير ڏي دل کي سيد سُڌير،
۽ غمگين جو دست وٺ دستگير، متان تون ڇڏين مون کي اي منهنجا مير!
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

خدا جو ولي ۽ نبيءَ جو تون نور، عليءَ جي تون سيني جو سيد سُرور،
جي آيا وٽنهن تن کي حاصل حضور، ڪرين مُدعي منهنجو ضايع ضرور،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبدالطيف!

ارادت سين جو تنهنجي در تي اچي، سو تو لال لائق جي رنگ مئون رچي،
توڙي غفلتي غرق ڪر تن ڪچي، پلا تنهنجي برڪت برن ڪئون بچي،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

اي پالين پلا ڪر پلائيءَ جو پال، مٿئين سڀ کي معلوم حال و حوال،
آءٌ سائل سندءِ تون ئي لڄپال لال، خدا لڳ ميجج منهنجو سيد سوال،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ڪرين منهنجي حاصل مڙئي مدعا، الله لڳ سڄج منهنجي هيءَ التجا،
آءٌ پينار تنهنجو تون صاحب سخا، نہ خالي ڇڏين ڪوبہ پنهنجو گدا،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

حبيباٽي ٿيو هوت حاجت روا، ڪرين درد منهنجي جي دم دم دوا،
وسيلو نہ ڪو بيو سُجهي تو سوا، تون ئي بادشاه آءٌ سندءِ بينوا،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

خدا لڳ سندم خانو آباد ڪر، ۽ ابناء و اولاد امداد ڪر،
خوشيون بخشي دل کي شها شاد ڪر، غم و درد اندوه ڪئون آزاد ڪر،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

سندءِ در جو سائل آهيان سيدا، نبيءَ لڳ سڄج ننگ پرور ندا،
عيان آهي منهنجي مٿين ماجرا، مريدن جو تون مير مشڪل ڪشا،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

آءٌ تو در تي آيس ٿي اميداوار، مَ ڪج خلق جي نزد مون کي خوار،
زياده ڪرين عزت و اعتبار، سندءِ فضل جو ناهہ شاها شمار،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

زمانو زبون ٿيو رکين شرم شاهہ، پرم ڪر پٽائي پلا بادشاهہ،
ڪرين ستر جو نور نافع نگاهہ، رهج پير پاجي جو پشت و پناهہ،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

ڪرين امن دوران جي دور ڪئون، نگهبان ٿيو شر ۽ شور ڪئون،
ڇڏائينم ڇيهي، جبر جور ڪئون، رکين حفظ ۾ ظلم ۽ زور ڪئون،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

شها! ين ايمان جو بخش دان، سندءِ در ڪئون مشڪل ڪشائيءَ کي مان،
خدا تنهنجو اعليٰ ڪيو عز و شان، ’بچل‘ چا ڪري سگهندو ان جو بيان،
ڪرم ڪر سخي شاهه عبداللطيف!

**مددي ڪتاب:**


(1) ’ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون‘، از پير حسام الدين راشدي، ناشر نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 2006ع

(2) بياض آخوند محمد بچل انور، قلمي.

(3) مثنوي مرزا صاحبان، از ميرمحمد نصيرخان ٽالپر، قلمي،

(4) ڪشڪول عباس، از ميرزا عباس علي بيگ، قلمي.

(5) ’ڪليات ثابت‘ از سيد ثابت علي شاهہ، مرتب: ميرزا عباس علي بيگ، 1984ع.

(6) سنڌي مرثيہ نگاري، از ميرزا سڪندر علي بيگ، خطي.








# SINDHI BOLI


*Research Journal*

***Vol: 6, issue 2nd, April- June 2013***



Chief Editor

**Dr. Fahmida Hussain**

Editor

**Taj Joyo**









Sindhi Language Authority,

Hyderabad, Sindh

**Editorial Board**

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Noorul Huda Shah

ISSN: 968_8194_01_0

**SINDHI BOLI**
Research Journal

**Chief Editor**: Dr. Fahmida Hussain
**Editor**: Taj Joyo
**Composing:** Hussain Ahmed Memon
**Graphics:** Assadullah Bhutto
**Vol**: 6th
**Issue**: 2nd
**Year**: April- June 2013
**Quantity**: 1000
**Price**: Rs. 70/=
**Published by**: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan.
**Tel**: 022-9240050-53
**Fax**: 022-9240051
**E-mail**: sindhila@yahoo.com
**Website**: www.sindhila.org
**Printed by**: Pakiza Printers, Hyderabad.